# سوز و ساز جا نغما

حمد، نعت، غزل، محبت ۽ عقيدت جو گلدستو
سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي زبانن ۾

شاعر
غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي

سرواڻ پبليڪيشن
سرواڻ هائوس، 53/3 لياقت روڊ، سول لائين
حيدرآباد

# سوز و ساز جا نغما

حمد، نعت، غزل، محبت ۽ عقيدت جو گلدستو

سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي زبانن ۾

شاعر

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سروائڻ پبليڪيشن حيدرآباد

سروائڻ هائوس53/3 لياقت روڊ سول لائين حيدرآباد

## سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : سوز و ساز جا نغما |
| شاعر | : غلام حسين "مشتاق" سچاروي |
| ڪمپوزنگ | : پارس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد |
| ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ | : اسد الله پٽو **03003881041** |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | : فيض محمد پٽافي سڪندري **03003039294** |
| پرنٽرس | : پاڪيزه پرنٽنگ پريس حيدرآباد **03150314460** |
| تعداد | : **500** |
| ڇاپو | : پهريون |
| سال | : **2022**ع |
| قيمت | : **300/=** روپيه |

**ملڻ جو هنڌ**

سرواڻ پبليڪيشن لياقت روڊ سول لائين حيدرآباد، سنڌ

**0300-9371724 | 0341-1234577**
**022-2108020 | 022-2781712**

# تاثرات

زبــان دل جــا ســمورا درد و غــم اوري ســگھي مشــڪل
ســخن جــي ساھمي خــون- جگــر تــوري ســگھي مشــڪل
اتــن جيســين نتــا رڳ رڳ ســان ســوز و ســاز جــا نغمــا
چــپن سان چاھتن جو چنگ ڪــو چوري سگھي مشــڪل

❖❖❖

سجڻ دل منهن جي چيري پاڻ پڙهه تون داستان دل جا
اڪــر ڪھــڙي طــرح ســان ٿــي ســگھن ٿــا ترجمــان دل جــا
مــون دل جــا گھــاءُ دل ۾ ئــي ســنيالي ســپ رکيــا آھــن
نشــان منــزل جــو آھــن دوســتو ســارا نشــان دل جــا

❖❖❖

زمانــا مئــي ۽ مــيڪش جــي اجــان تــوھين ڇــا ٿيـنـدي
حــوالي ٿــي ويــو ڪــم بخــت جــي ڪــاس الڪــرام آھــي
ڏســي حالــت چمــن جــي اڄ قفــس جــا ڏيــنهن يــاد آيــا
بنـــايو گـــردش- دروان غلامـــن جـــو غـــلام آھـــي.

"مشتاق" سچاروي

❖❖❖

# ٻہ اکر

## سوز و ساز جا نغما ۽ غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي

غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات سندس فرزند ارجمند ڈاڪٽر طٰہٰ حسين علي جي دوستي ۽ قربتن جي ڪري ٿي. ڪجھہ ئي لمحن ۾ ڄاڻ ٿي ويئي تہ پاڻ صاحب— ذوق، علم و ادب ۽ ڪتاب قلم سان گڏ همدرد انسان ۽ نفيس طبيعت جا مالڪ آهن. هاڻي جڏهن اهي سڀ گڻ گڏ ٿيندا تہ يقيناً هڪ سٺي انسان ۽ شاعر جي آمد جو امڪان پيدا ٿيندو. منهنجي خوشقسمتي آهي تہ آئون ان شخصيت جي ڪافي قربن ۽ ڪچهرين جو لاڀ پائيندو رهيو آهيان.

سچاروي صاحب جو هي تحفو ”سوز و ساز جا نغما“ رنگبرنگي اهميت جو حامل آهي. جنهن ۾ هِن حمد و نعت لکڻ سان گڏ اهم ۽ تاريخي شخصيتن ۽ پنهنجي لخت جگر نياڻي، شهيد ڈاڪٽر سمن کي پنهنجيءَ دل جي گهراين سان منظوم انداز ۾ ياد ڪيو آهي. ان سان گڏ پاڻ سنڌ جي موضوعن ۽ عشق جي لاهن چاڙهن کي بہ سادي ٻولي ۽ نازڪ انداز ۾ پنجن ٻولين: سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ پيش ڪيو آهي.

منهنجي اها خوشقسمتي آهي جو مان هڪ استاد، تاريخدان ۽ محقق ”تاج صحرائي“ جو فرزند آهيان، ۽ جنهن جي ڪري ننڍي هوندي کان ئي ادبي ڪچهرين ۽ مشاعرن ۾ وڃڻ ۽ ويهڻ جو موقعو مليو، ان سان گڏ دادو شهر ۾ ’علم و ادب‘ جي نالي سان پهرين ڪتاب گهر، جيڪو بابا تاج صحرائي ۽ ڀاءُ جمال صحرائيءَ جي محنتن سان قائم ٿيو، ان ڪتاب گهر جو ڪارونهوار هلائڻ جو،

ڪجهه وقت لاءِ مون کي به موقعو مليو هئو، جنهن جي ڪري مختصر وقت ۾ تمام گهڻن ڪتابن جي مطالعي جو لاڀُ ٿيو هئم، خاص طور تي شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، امداد حسيني ۽ تاجل بيوس کي ڪافي دلچسپيءَ سان پڙهيو، ڄاتو ۽ سمجهيو هئم، ان جي نتيجي ۾ شاعريءَ جو ذوق نه صرف حاصل ٿيو، پر اُهو وڌيو به.

آئون سمجهان ٿو ته سچاروي صاحب جي هن سوکڙيءَ مون کي وري اُن دؤر جي ياد ڏياري ڇڏي آهي.

ڪتاب ”سوز و ساز جا نغما“ جي شروعات ”مشتاق“ سچاروي حمد باري تعاليٰ سان ڪئي آهي. جنهن ۾ حمديه ڪلام شامل آهن. انهن مان هڪ عربي زبان ۾ آهي باقي سنڌي ٻولي ۾ ڇپيا اٿس. پهرين حمد ”لااِلٰه الاالله“ مان چند شعر پيش ڪجن ٿا.

وجـــود نـــاهي ڪـــو موجـــود تـــو ســـدا موجـــود
نظـــــر ۾ نـــــاه ســـــوا لااِلٰـــــه الاالله
مصـــــيبتن ۾ خـــــدايا ۽ مشـــــڪلاتن ۾
پڪـــــاري ارض و ســـــما لااِلٰـــــه الاالله

نعت النبي صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عربي فارسي کان علاوه سنڌي اردو ۽ سرائيڪي زبانن ۾ چيل نعتون نهايت روح پرور ۽ ايمان افروز آهن. مشتاق سچاروي ڏسجي ٿو ته عشق رسول صلي الله عليه وسلم ۾ سرشار آهي ۽ نعت نبي صلي الله عليه وسلم لکڻ وقت هن جو هر لفظ سوز و ساز جو آلاپ آهي. ان ڪري صاحب موصوف هن ڪتاب جو نالوئي ”سوزو ساز جا نغما رکيو آهي.

عبـد كـي الله كـان اهـڙي تـہ عظمـت تـي عطـا
احـــد احمـــد جـــو انوكـــو امتحـــان آبـــاد ٿيـــو

***

حســن ٿيــو هــر جــا هويـدا، عشـق کـي آتـت ملـي
دلربـــائي جـــو دنيـــا ۾ داســـتان آبـــاد ٿيـــو.

هڪ ٻئي نعت ۾ ”مشتاق“ سچاروي حضور صلي الله جي معراج جي منظر ڪشي ڪندي چيو آهي.

زمـين و آسـمان تـي مرحبـا جـا گيـت ڳايـا ويـا
ڏنـا اهـڙا نـہ دنيـا رنـگ اڄ تـائين فضـائن جـا

***

شهنشـاه - دوعـالم جـي سـواري پهتـي عرشـن تـي
نـہ کوليـا ويـا ڪـڏهن اهـڙي طـرح در آسـمانن جـا

نعت نبي صلي الله پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ”مشتاق“ سچاروي جي نعتيه شاعري عشق رسول ﷺ جو پر سوز اظهار آهي پر وري جڏهن سندس غزل طرف نظر ڪجي ٿي تہ هو غزل جو قادر ڪلام شاعر نظر اچي ٿو محسوس ٿئي ٿو تہ غزل يا نعت لکڻ وقت الفاظ سندس جذبن ۽ جنون جو ساٿ ڏيڻ کان قاصر آهن.

محبّت جو سفر مشڪل نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو
اڙائي ويناسون ٻئي دل نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو

***

نــہ ميخــانو نــہ مــيڪش ۽ نڪــي موجــود مئــي آهــي
رهي مدهوش ٿي محفل نہ تـو سمجهيو نـہ مـون سـمجهيو

عشـــق ۾ آسائشـــون چـــاهين تـــہ پـــوءِ الفـــت نـــہ كـــر
باهـہ جـــي شـــعلن ۾ ويهـــي خـــواهش - راحـــت نـــہ كـــر

***

حـــور و غلمـــان جـــي دلاســـن ســـان نـــہ تـــون ريجهـــاءِ رنـــد
واعظـــا بـــي لـــوث ســـجدن جـــي اهـــا قيمـــت نـــہ كـــر

***

نظـــــر جـــــا تكـــــا تيـــــر روكـــــي نـــــہ ســـــگهبا
لكيـــــل لفـــــظ تقـــــدير روكـــــي نـــــہ ســـــگهبا

***

كـــــري عشـــــق ارڏو جـــــڏهن جـــــيءَ ۾ جـــــايون
تـــہ نيـــڻن منجهـــان نيـــر روكـــي نـــہ ســـگهبا

***

تـــون ميخـــاني جـــو مســـتانو مـــان نيـــڻن مـــان نشـــي وارو
اهـو آ فـرق تـنهن جـي مـنهن جـي چاهـت جـو طبيعـت جـو

***

ضـــرورت ســـاغرو مينـــا صـــراحي جـــي نـــہ رنـــدن كـــي
اسان جي بي خودي لئي كافي تنهن جي هڪ نظر ساقي

***

هـــر رنـــگ كـــان نرالـــو آ عاشـــقي جـــو رنـــگ
بـــدلي ڇـــڏي محبّـــت ٿـــي زنـــدگي جـــو رنـــگ

مشتاق سچاروي جي غزل جي دنيا اهڙي تہ دلربا ۽ دلڪشا آهي جو ان جي هر غزل ڪي پنهن جي هن مختصر تبصري ۾ پيش ڪيان تہ بہ سندس شاعري تي تبصري جو حق ادا نہ ڪري سگهندس. ”مشتاق“ سچاروي جا قطعات بہ قابل- ديد آهن.

دانهجـــي ڪـــنهن در شـــڪايت ڪـــث ڪجـــي
جيڪـــڏهن لوڙهـــو فصـــل ڪـــائڻ لڳـــي
اهـــڙي ڪـــنهن انـــڌير نگـــري پـــي ڏٺـــي
مـــدَعي جـــا فيصـــلا مجـــرم ڪـــري

***

ثنا تنهن جي لکڻ خاطر قلم اهڙي ڪٿان آڻيان
ڪرڻ تعريف تنهن جي لئي زبان اهڙي ڪٿان آڻيان
زبان ڪي ۽ قلم ڪي ڪر عطا قوّت اُها موليٰ
بيان ڪان آه جو ٻاهر ڪٿان انجو بيان آڻيان

***

هـــر درد ڪـــان آ درد نرالـــو حســـين جـــو
هـــر درد جـــو عـــلاج آ نـــالو حســـين جـــو
اســـلام جـــي حقيقـــت اينـــدي نـــہ ســـمجھ ۾
هونـــدو نـــہ هـــن ۾ جيســـين حوالـــو حســـين جـــو

آئون نهايت تصديق سان سمجهان ٿو تہ هيءُ ڪتاب علمي ۽ ادبي ادارن، تعليم گهرن ۽ ذاتي لائبريرين ۾ خوبصورت اضافو آڻي سگهي ٿو. دعا آهي تہ الله تعاليٰ سيني ڪي مچي مانيءَ وارو رکي ۽

هن فاني دنيا ۾ هڪ ذميوار فرد بنائي.

آخر ۾ سچاروي صاحب کي، پنهنجي هن محنت، مشقت ۽ محبت جي اظهار تي لک لک مبارڪون ڏيان ٿو، ۽ هن موقعي جو فائدو وٺندي ڪين اها لتجا بہ ڪريان ٿو تہ هُو پنهنجي آتم ڪٿا ضرور لکن.

**ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي**
وائس چانسلر
سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي
12 مئي 2022

# عنوان

## سچاروي صاحب جي سوز و ساز جي دنيا

### سُخن سچاروي

منهنجي بابا سائين ۽ توهان جي غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي المعروف سچاروي صاحب پنهنجي عمر جي عرق ريزي ”سوز و ساز جا نغما“ جي مسودي جي صورت ۾ منهنجي هٿ تي رکي لکت ۾ راءِ ڏيڻ جو ڏکيو ڪم مونکي سونپيو آهي. مستقبل جي ادبي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاريندڙ شاعري تي راءِ ڏيڻ لاءِ بابا سائين منهنجي چونڊ ڪئي، اها ذميواري مون لاءِ زندگي جي وڏين حاصلاتن مان هڪ ۽ باعثِ فخر آهي. بابا سائين جي ادبي سرگرمين ڏسڻ ۽ انهن مان اڪثر ۾ شريڪ ٿيڻ جو مونکي به شرف حاصل پئي رهيو آهي. ڄاموٽ هائوس حيدرآباد تي ڄاموٽ برادران جي ميزباني ۾ سچاروي صاحب جي قائم ڪيل بزم آفتاب جون ادبي ويهڪون هجن يا سرواڻ هائوس تي سنڌ جي ادبي ڪهڪشان جون گڏجاڻيون هجن، انهن ۾ هي حقير به هڪ ادنيٰ شاگرد طور شريڪ ٿيندو رهيو آهي. بابا سائين جي ادبي ڪم ڪي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو جيڪڏهن گهڻي ڀاڱي ڪو ٻهريون ماڻهو هوندو ته اهو به راقم ئي هوندو. علم ادب جا ڪجهه ڪٺا گهر مان، گهر جي ڪچهرين، گهر آيل مهمانن جي ڪچهرين ۽ گهر ۾ پيل ڪتابن جي ذخيري مان مونکي ائين نصيب ٿيا آهن.

تصوف ۽ شاعري بابا سائين جي دلچسپي ۽ مزاج جا خاص ميدان پئي رهيا آهن. ويجهي ماضي ۾ سنڌ ۾ شايد ئي ورلو اهڙو ڪو ٻيو شاعر هجي جنهن ايترو نعتيه ڪلام لکيو هجي جيترو بابا

سائين جي پاڳ ۾ آيو آهي. رحمت للعالمين ۽ اسان جي پياري هادي جي ثنا بابا سائين جي رياضت جو اهم جز پئي رهي آهي. مولوي احمد ملاح جي طرز تي بابا سائين جيڪي ٻه منظوم پيتائون لکيون آهن، انهن مان ڪجهه بلاشڪ پرائمري ۽ مٿيئن نصاب ۾ شامل ڪرڻ جهڙيون آهن. غزل، گيت ۽ ڪافي جي گهاڙيٽي سان تجنيس حرفي جو ڪمال استعمال ڪري بابا سائين جيڪي منظوم پيتائون ڏنيون آهن، اهي پڙهندڙن جي ذهن تي آساني سان نقش ٿي وڃن ٿيون. دنيا ۾ هن خطي ۽ خاص طور سنڌ جي سڃاڻپ پٽائي گهوٽ، قلندر لعل شهباز، شهيد بينظير ڀٽو کان وٺي مخدوم طالب، الموليٰ ايڏي صاحب ۽ ٻين ناليوارن شخصيتن سميت سنڌو درياهه کي هن ڪتاب ۾ پر اثر پيتا پيش ڪيل آهي.

هن ڪتاب ۾ بابا سائين جو جيڪو ڪلام شامل آهي، انهن کي سندس پوري عمر جي عرق ريزي ان ڪري ٻه چوان ٿو جو هي سندس عمر جي پوئين حصي جو پختو اظهار آهي. ورنه هن کان اڳ يارهن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن مان ٽي خالص شاعري جا مجموعا ٽي مجموعا عربي فارسي جي عظيم اهل-دل اولياء شاعرن قصيده بوده، لوائح جامي اغثني يا رسول الله شامل آهن ۽ قادر ڪلام شاعر جي حيثيت ۾ هينئر ٻه نوان نوان خيال غزل جي صورت ۾ آمد جو سلسلو جاري آهي الله ڪري زور- قلم اور زياره (آمين) بابا سائين جوانيءَ ۾ پيشي جي حساب سان ملڪي سرحدن جي تحفظ جي چوندڀ ڪئي ۽ انهي سان گڏ قوم جي نسلن جي آبياري ڪرڻ وارو پورهيو پڻ وڏي پيار سان جاري رکيو. بابا سائين ملڪي زميني سرحدن جي حفاظت جو نه رڳو جذبي سان ڪم ڪيو پر وطن خاطر ڪيس ديارِ غير جو قيد ٻه ڪاٽڻو پيو. سنڌ

جي ادبي، صحافتي، سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ بابا سائين جو نالو وڏي احترام ۽ اڪرام سان ورتو ويندو آهي. اها آهي بابا سائين جي اسان لاءِ ڪيل ڪل ڪمائي.

مذڪوره ڪتاب ۾ شامل سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولي ۾ ڪيل شاعري بابا سائين جي اندر ۽ ٻاهر جي دنيا جا گهرا مشاهدا آهن. هن ۾ روحاني سفر جا اولڙا وڏيڪ پسجن ٿا شايد ان ڪري ئي هن ڪتاب کي محبت ۽ عقيدت جو گلدستو سڏيو ويو آهي.

اسان جي خاندان جي وڏي الميي بلڪ اسان تي قيامت کان اڳ گذريل قيامت جي ڪٿا ۽ منظوم انداز ۾ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

هن ڪتاب ۾ بابا سائين جا شامل سوز و ساز جا ڪوڙ اهڙا نغما آهن جيڪي تمام گهڻا پسند آهن. اڪثر مطلع ۽ مقطع ته قهر جا آهن پر آئون ذاتي طور پڙهندڙن جي پسند تي اثر انداز نٿو ٿيڻ چاهيان. ان ڪري بري هن پنيور ۾ صرف پٽائي سائين جي آرياڻي ۽ محمد ڪارٽي جي حضور ۾ هڪڙو حوالو

پلارا ۽ سڀورا ڪيترا انسان آيا پر
خدا جو دادلو دلبر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

ڪتاب ۾ شامل اهڙو ڪلام ٻہ آهي جيڪو صوفي راڳين جي ڳائڻ جهڙو آهي. جيئن حمديه ڪلام ”الله هو الله هو“ کي جيڪڏهن ڪو سنو قوال ملي وڃي تہ ڪلام جو حق ادا ٿي پوندو. ان کان علاوه شاعري جي هن اونهي سمنڊ ۽ خيالن ۽ جذبن جي بحر بي ڪران مان چند موتي داڻا چونڊي پيش ڪريان ٿو. جنهن

جي شروعات حمديہ ڪلام سان آهي پوءِ نعت، غزل ۽ ڪجهہ قطعا پيش خدمت آهن.

خرد ۽ هوش کان ٻاهر نرالا رنگ رب تنهن جا
سياري اونهاري ۾ خزان توڙي بهارن ۾

ڏکن ۾ تون سکن ۾ تون دعا پڻ تون دوا پڻ تون
سدا "مشتاق" جي اميد توڙي انتظارن ۾

حضور صليٰ عليہ وسلم جي ثنا ۾ چيل عربي فارسي اردو سنڌي ۾ غزل ۽ نعتون روح افزا ۽ روح پرور آهن "حبّذا يا سيدي" تہ شاعري ۽ عشق و محبت جو هڪ بحر- بي پايان آهي.

يا سيدي نور الهديٰ- خيرالبشر خيرا لوريٰ
شمس الضحيٰ بدرالدجي + يا مصطفيٰ يا مصطفيٰ

***

رک محمد ساڻ ناتو عشق جو مضبوط تر
جيڪڏهن چاهين رضا مندو ٿو رب رحمان جو

***

ناه مومن دل ۾ ناهي جيڪڏهن حبّ- رسول
جڻ ادب سان گڏ محبّت آهي جز ايمان جو

بابا سائين جي غزل جي چاشني ۽ مزو ئي الڳ آهي، دل گهري ٿي تہ هر هر پڙهجي.

اچي هر امتحان تو ڪاميابي جو بيان بڻجي
سوا پا عشق جي صورت وجن تا جسم و جان بڻجي

***

ڪڏهن آه و فغان ڪان پي ڪري تاثير تي زياده
جڏهن خاموشي ويندي آه دک جو داستان بڻجي

***

تين مشڪل ڪان مشڪل حالتون آسان اک چنپ ۾
جڏهن پيري ۾ پي "مشتاق" رهجي تو جوان بڻجي

***

دردن جي آ ڪهاڻي هر داستان عشق
خون - جگر سان لکجي تو ارمغان – عشق

***

عقل و خرد بہ عاجز حيران هوش آه
مشڪل بيان بازي ڪان تيو بيان عشق

***

محبت مرڻ سان مرڻ واري ناهي
جڏي جيءَ سان گڏ هي جهرڻ واري ناهي

***

هي مضبوط ڪان آهي مضبوط ناتو
ڪچي تند وانگر ڇڇڻ واري ناهي

***

اهڙي طرح چوستا ۽ قطعا بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جن ۾ عشق و محبت ڪان سواءِ زماني جي حالتن جو بہ خوب جائزو ورتل آهي.

پورهئي ساڻ جي پيار آهي+ هر خزان ۾ بہ چڻ بهار آهي
سست ڪاهل بہ پاڻ تي آ بار+ محنتي تنهنجو منهنجو يار آهي

***

دوستي جو رشتو آهي هڪ ڪچي ڌاڳي مثال
جي ٽٽي ڳنڍجي سگهي ٿو پر گره ايندي ضرور
سلسلو ساڳيو نہ رهندو ڪوشش جي باوجود
درد جي تلخي مگر محسوس پئي ٿيندي ضرور

هر برائي جو آ نتيجو بد+ هر چڱائي جو ڦل چڱو آهي
ظاهري نہ ڏس نفعو نقصان+ پر پڇاڙي پلو پلو آهي

پري ڪان وڏا ماڻهو ڏسجن ٿا ليڪن
جي ويجهو وڃو ڏاڍو ننڍڙا لڳن ٿا
مگر ڪيترا ماڻهو ننڍڙا پري ڪان
جي ويجهو اچن ٿا تہ وڏڙا لڳن ٿا

***

ڇڏ ڪفر جون فتوائون مسلمان رهڻ ڏي
هن سادڙي انسان کي انسان رهڻ ڏي
اسلام جي نالي ۾ نوان فتنا نئين سج
اي شيخ گنهگار جو ايمان رهڻ ڏي

**پروفيسر ڊاڪٽر طٰهٰ حسين علي**
وائس چانسلر
مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ

# قلم ڪهاڻي

انسان خداداد صلاحيتن جو شاهڪار آهي. ڪائنات جي وسعتن ۾ الله جون بيشمار نعمتون هر وقت نمايان نظر اچن ٿيون. قلمڪار انهن عظيم عنايتن جو عمدو مثال آهي. جنهن جي ڪاوش سان انساني تاريخ، تهذيب تمندن، علم، ادب، روايتن ۽ رويّن جا انمول خزانا محفوظ آهن. علم به قلم جي معرفت ئي انساني شرف جو اثاثو آهي. قلم ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ جي يا سڀ کان اول واري تخليق آهي. عقل يا قلم جي اوّليت تي احاديث ۾ ذڪر آهي جيڪي نور- نبوت جي روشني سان ظهور پذير آهن. حضرت انسان به شروع کان ئي عقل ۽ قلم جي ڏاتر واري ڏات جو نگهبان آهي.

خدا جي بيشمار احسانن سان گڏ نظم نثر خاص طرح سان حمد، نعت ۽ غزل تي مشاعرن، اخبارن ۽ رسالن ذريعي 15 سالن جي عمر ۾ 1952ع کان طبع آزمائي جو شرف حاصل آهي. شاعري ۾ گلزار حبيب، موتي مٽيادار، اکر اکر عشق ۽ موتي مرجان شايع ٿي چڪا آهن. نثر ۾ حضرت علي عليه السلام جو نظام حڪومت، معراج النبي ﷺ ۽ آداب- رسول ﷺ کان علاوه ڪيترائي مقالا ۽ مضمون اهل- علم وٽ مقبوليت ماڻي چڪا آهن. امام شرف الدين بوصيري جي شهره-آفاق تصنيف ”قصيده برده“، مخددم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن ۽ حضرت عبدالرحمٰن جامي جي بي مثال تصنيف ”لوائح جامي“ جهڙن معتبر ڪتابن جو عربي ۽ فارسي زبان کان سنڌي ۽ سرائيڪي شاعري ۾ ترجمو ۽ سنڌي زبان ۾ تشريح سان ”جام ڪوثر“ آب ڪوثر ۽ ”روائح ريحاني“ اهل علم جي

مطالعي جو محبوب مشغلو آهن. جنهن کي بار بار پڙهي روحاني راحت ۽ حظ حاصل ڪن ٿا. الله جي پاڪ ڪلام قرآن حڪيم جي سنڌي زبان ۾ ترجماني ۽ تشريح ”شرح البيان في فهم القرآن“ عصر حاضر جي علم دوست حضرات جي تشفي، تسلي ۽ اطمينان- قلبي جو تحفو زير ترتيب آهي. جنهن جو پهريون حصو جلد اشاعت پذير ٿيندو. شاعري جو هي ڪتاب ”سوز و ساز جا نغما“ حمد، نعت، غزل، قطعات ۽ اولياءالله ۽ مقبول عام شخصيتن تي اظهار خيال جو پنجن زبانن سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ محبت جو گل دستو پيش ڪري رهيو آهيان. جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ حالات حاضره جي عڪاسي بہ ڪئي وئي آهي. شاعري ۾ علم عروض جي تقاضائن، زبان ۽ ٻولي جي صحيح استعمال سميت اعتدال ۽ توازن جو پورو پورو خيال رکيو ويو آهي. منهن جي شاعري ڪافيا پيمائي ۽ تڪبندي کان آزاد، اندر جو آلاپ آهي.

جيسين خون- دل جگر شامل نہ آهي شعر ۾
تڪبندي سان شعر کي ”مشتاق“ بي وقعت نہ ڪر

شاعري آهي ئي نالو شعور جو، جيڪڏهن شاعري ۾ انساني جذبن ۽ اندر جي اڌمن جو موزون اظهار ناهي تہ ان کي شاعري کان وڌيڪ نظم يا سهيڙيل ڪلام سڏي سگهجي ٿو. شاعري جي جڏهن آمد يا واردات ٿيندي آهي تہ الفاظ خيالن جو ساٿ ڏئي نہ سگهندا آهن. غزل تہ ڇا پر قلندر شهباز، ڀٽائي گهوٽ، حضرت غلام محمد مهيسر، مرحوم غلام رباني آگره دريا بادشاهہ ۽ شهيد راڻي تي لکيل مسدس نهايت ٿورڙي وقت ۾ لکجي ويڻ

جذبات ۽ خيالن جي پالوٺ ئي آهي. عام شاعري ڪاغذي گلن جو گلدستو آهي پر اندر جي آواز واري شاعري حقيقي گلن جو گلدستو آهي جنهن ۾ خوبصورتي سونهن سوڀيا کان سواءِ خوشبوء جي مهڪ بہ موجود هوندي آهي. خاص طرح سان جام ڪوثر، آب-ڪوثر ۽ روائح ريحاني اغثني يا رسول الله جي عربي فارسي شاعري جو سنڌي سرائڪي زبان ۾ ترجمو ۽ سمجهاڻي شاعري جي پرک جو عمدو مثال آهي. اميد اٿم تہ علم دوست حضرات منهنجي هن قلم ڪهاڻي يا علمي ادبي ڪاوش مان ضرور محظوظ ٿيندا.

ياد رهي تہ ڪمپيوٽر يا پروف ريڊنگ سبب ٿبڪي، حرڪت حرف يا لفظ جي غلط مطلب ڇا مان ڇا ڪيو ڇڏي خاص طرح سان شعر ۾. ان ڪري هر غلطي جو اطلاع خط، فون يا روبرو ڏئي ممنون ڪندا.

دعائن جو طلبگار

**مشتاق سچاروي**

**10- مئي 2022ع**

# لااِلٰه اِلاّ الله....!

زبان تي ذڪر خدا لااِلٰه اِلا الله
رهي ٿو دل ۾ سدا لااِلٰه اِلا الله

جهان سارو فنا لااِلٰه اِلا الله
هميشه توکي بقا لااِلٰه اِلا الله

شريڪ ناهه ڪو تنهنجو تون وحده واحد
مثال مثل نه آ لااِلٰه اِلا الله

نبي رسول ملائڪ حجر شجر مخلوق
چون ٿا صبح و مسا لااِلٰه اِلا الله

وجود ناهه ڪو موجود تو سدا موجود
نظر ۾ ناهه سوا لااِلٰه اِلا الله

مصيبتن ۾ خدايا ۽ مشڪلاتن ۾
پڪاري ارض و سما لااِلٰه اِلا الله

گهري ٿو خير جي خيرات ٻانهڙو "مشتاق"
قبول ڪر هي دعا لااِلٰه اِلا الله

-------------- ❊❊❊ --------------

# تون هين تون....!

حاضـــــر نـــــاظر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه
بـــــاطن ظـــــاهر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

اعلـــيٰ اكبـــر احـــد عظـــيم رافـــع ربّ رحـــيم كـــريم
قـــــدرت قـــــادر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

واحـــد ماجـــد مالـــک خـــالق حـــيّ قيـــوم ۽ حـــافظ رازق
اول آخـــــر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

اڙيـــن جـــي آڌار بـــ تـــون ئـــي بـــاري بخشـــڻهار بـــ تـــون ئـــي
حـــامي ناصـــر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

سڀ تـي پنهنجـو حكـم هلائـين سـڀ كـي روزي رزق رسـائين
قـــــوّي قـــــاهر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

درد منـــدن جـــا درد مٽـــائين مشـــتاقن جـــي مـــراد پڄـــائين
والـــــي واهـــــر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

تنهن جو شريک نہ تنهنجو ثاني توكي بقا ٻيو سڀ كجهہ فاني
طيّـــــب طـــــاهر تـــــون هـــــين تـــــون لاالٰـــــه اِلا اللّٰه

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# الله هو الله هو.....!

بحر و بر ۾ الله هو    جهنگل جهر ۾ الله هو
جن و بشر ۾ الله هو    حجر و شجر ۾ الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

ارض و سما ۾ الله هو    صبح و مسا ۾ الله هو
عرش عُليٰ ۾ الله هو    تحت ثريٰ ۾ الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

گهر گهر اندر الله هو    مسجد مندر الله هو
باطن ظاهر الله هو    حاضر ناظر الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

افضل اعليٰ الله هو    منهن جو موليٰ الله هو
تنهنجو موليٰ الله هو    سڀ جو مولٰي الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

ڪون و مڪان تي الله هو    هر دوجهان تي الله هو
تنهن جي زبان تي الله هو    منهن جي زبان تي الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

قل هو والله الله هو    سبحان الله الله هو
لاالٰه الله هو    الا الله الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

انسانن جو الله هو    حيوانن جو الله هو
مشتاقن جو الله هو    مستانن جو الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

ڪوه و دمن ۾ الله هو    سرو سمن ۾ الله هو
دشت و چمن ۾ الله هو    ”مشتاق“ جي من ۾ الله هو
الله هو الله هو    الله هو الله هو

--------------- * * * ---------------

# حَمْدٌ وَّ ثَنَآءٌ.......!

هُوَ اللّٰهُ الاَحَدُ وَاحِد وَحِيدٌ
لَه حَمَدٌ وَهُوَ مَاجد مجُيدٌ

وَهُوَ حیّ قیوم لا یزال
وَلاَ ضدٌ له مَثَلٌ مثالَ

وَهُوَ مَعبُودَنا ربّ رَحیم
وَهُوَ مَولانا مَلجَانَا کَرِیم

وَهُوَ یَسقینَا یُطعمنَا طَعَاما
وَهُوَ یَهُدِی صِرَاطًا مّسَتَقیُماً

وَهُوَ یَعفُوُ الذُّنوب عَبدًا اَثیمًا
وَ مَن یَرجَعُ وَیَستغفره اَبدًا

وَهُوَ مَلِکً وَلاَ مِثله مَلیُکٌ
وَلاَ اَحَدً فِی قُدرَتَه شَرِیکً

اِلٰـہُ العَالمِیَن وَاَغفر ذُنُوبِی
کَمَا عَیُبً لَنَا وَاُستَرُ عَیُّوبِی

فَانِیّ غَافِلً عَبَدً ذَلِیلٌ
سِوَا فَضُلک لَنَا زَادٌ قَلیلً

وَلاَ اَتُکَا عَلیٰ صَومِ صَلاَةٍ
وَلاَ نَفُلِ وَلاَ حَج زکَوَاةٍ

وَلاَ لَحُمٌ وَلاَ شَحُمٌ یَنَالُه
بَلِ التَّقویٰ وَ اخلاَصٌ یَنَالهُ

وَلاَ یَنُظَرُ اِلیٰ قَولِ وَ فِعُلِ
وَهُوَ یَنُظَرُ اِلی النِّیّۃِ وَ قَلَب

وَلَکِن رَحُمَتُکَ کَانَتُ رِجَائِی
فِی مُشُکِلَها مَصَائبِها بَلاَئِی

وَیَا مَولاَی رَبَّ اَلعَالَمیِنَ
رَسُولُکَ رَحُمۃٌ لّلعُالَمین

اِطَاعَتُه عَلَیُناَ کُلٌّ حَالٍ
لاسُوتِهٖ وَسُنَتِهٖ وَقَول

وَمَا لَهَ فِی مَحَاسِنِه شَرِیُکً
وَهُوَ دُرٌّ مُّقَابِلَہٗ سَلیُکً

علینا حُبّهَ تَعظِیمَ وَ تکَرِیم
لَنَا اِیمَانُنَا تَادِیبُ وَ تَسلِیَم

فَاِنۡ اَحَدٌ یُّخَالِفُه یُخَاصِمُ
عذاب اللّٰه یُعَاقبُه یُدَاوِم

وَلاَ یَدنُوه فِی خُلُقِ عَظِیُمِ
وَفِی کَرَمِ وَفِی لُطُفٍ عَمِیُمِ

عَلَیُنَا اَنۡ نُّصَلّی و نُسَلّمِ
لَمَاَ یُذُکَر لَنَا اِسُمُہً مُکَرّمَ

حَبِیُبی اَنُتَ فِی رُوُحی وَ قَلبِی
وَ فِی ذِکُرِی وَ فِی فِکرِی وَ طَلَبِی

وَلاَ مِثلُکَ مِثالُکَ فِی اَلخَلائق وَلاَ اَحَدً یُقَارِبُ فِی الحقائق

شَمَائُلہَ خِصَائِلُہَ کَثِیْرٌ فَضَائِلُہَ وَلاَ حَدً حَصِیَرٌ

وَلاَ یُمْکِن ثَنَائکَ یَا حَبِیَبِی فَللمشتاق مَطْلُوبٌ مّعَافِی

وَلاَ یَنْطِقُ لِسَانً فِی بَیَانہ فَقَدْ اَنزَلَ کِتَابُ اللّٰہ فِی شَانہ

مَکِیَنً فِی فُؤادی کُلّ حِیَنِ کَمَا عِطَرِیٌ فِی زَہَرِ نِضیْرٍ

وَلاَ یُمْکِن اَن یَخرُجَ مِن خَیَالِی وَہُوَ مَوجَودَ فِیْہَا کُلّ حَالِ

وَہُوَ نورٌ مَاَ خَلَقَ اللّٰہ اوّلُ فَعَالَم کُلّ مِنْ نُوِرہٖ مُکَمّل

***

# حمد باري تعاليٰ جَلَ جَلاَ لہُ.....!

خــدايا تنهنجــي قــدرت ڏــي نمايــان چنــڊ تــارن ۾،
زمـــين جـــي ذرّي ذرّي ڪوهســـارن آبشـــارن ۾.

ڪڪر جو قطرو قطرو آهي شاهد تنهنجي حڪمت جو،
پکــي تنهنجــي لنــون ڏــا لاٽ پيــا پنهــنجن پڪــارن ۾.

چمــن جي ڏــاري ڏــاري بــرگ و گــل تسـبيح تنهنجـي ۾،
نظــر تنهنجــو اچــي ڏــو نــور، نــرگس جــي نظــارن ۾.

سمندن جـون مڇيـون، دريـا جـون موجـون، ريـت جـا ذرڙا،
جهنگــل جــا جيــت جڻيــا، حمــد ڳــائن ڏــا هــزارن ۾.

خــرد ۽ هــوش کــان ٻــاهر، نــرالا رنــگ رب تنهنجــا،
ســياري اونهــاري ۾، خـــزان تـــوڙي بهـــارن ۾.

هــوا جــا جهوڻــا، قطــرا مــاڪ جــا، سـج چنـڊ جـا ڪرڻـا،
ڏيـــن ڏـــا ڏس پتـــو تنهنجـــو اشـــارن ئـــي اشـــارن ۾.

پهـڻ جـي پيـٽ ۾ ڪيـڙي ڪـي پـي روزي رسـائين ڏـو،
ســبحان الله جـــا آهـــن ورد جـــاري جانـــدارن ۾.

ڏکـن ۾ تـون سـکن ۾ تـون، دعـا پـي تـون دوا پـي تـون،
ســدا "مشـــتاق" جـــي امّيـــد تـــوڙي انتظـــارن ۾.

------------ ✻✻✻ ------------

# دعا بارگاہِ باری تعالیٰ.....!

خدایا تیرے در پر التجا ہے
میری تقدِیر میرے ہاتھ کر دے
مرادیں اس طرح سے پوری کردے

یہی میری دعا ہے مدّعا ہے
رضا میری رضا کے ساتھ کردے
کہ مقصودِ گھر سے جھولی بھردے

توانا کردے عشق۔ ناتواں کو
اندھیروں کو اجالے سے بدل دے
شب۔ تاریک سجدوں سے سجادے

مٹادے دل سے ہر وہم و گماں کو
میری شب گریہ نالے سے بدل دے
سحر آہ وفغاں سے جگمگادے

ارادوں کو میرے مضبوط کردے
عطا سرمایۂ فکر و نظر کر
زباں پر کلمہ ۔ حق کی صدا ہو

یقین کوروشنی سوچوں سے بھر دے
عنایت دولت ۔ درد جگر کر
حصول ۔ زندگی حق کی رضا ہو

سرود۔ صبح استغفار کردے
جبیں ہو زینت ۔ محراب و منمبر
دلوں کو پاک کردے وسوسوں سے

نشے توبہ سے پھر سرشار کردے
ہو ذکر۔ لاالٰہ سے دل منّور
خیالوں کو خَوابئ خواہشوں سے

مراد ۔ زندگی تیری رضا ہو
شعاع۔ نور سے شرح ۔ صدر ہو
تو اسوہ حسنہ سے دلبند کردے

میری منزل براہ ۔ مصطفیٰ ہو
وہ جرعۂ عشق سے بھی بھرہ ورہو
شریعت کا مجھے پابند کردے

زباں پر موجزن ذکر ۔ خدا ہو
مٹادے مال وزر کی دل سے رغبت
دنیا داری سے دل آزاد کر دے

دلوں میں خوف ذات۔ کبریا ہو
رہے دل میں فقط تیری محبّت
قناعت زہد سے آباد کردے

مجھے محفوظ رکھ حرص و ہوا سے
دنیا کی خواہشوں سے دور کردے
میری گستاخیوں سے در گذر کر

زمین و آسماں کی ہر بلا سے
تو اپنے نور سے پرنور کردے
خطائیں معاف، رحمت کی نظر کر

امڈ آئے حوارث ئی حوادث
تیری توفیق شامل حال ہوگی
خدایا تیری رحمت مانگتا ہوں

سوا تیرے نہ کوئی والی وارث
حیاتی پھر سے مالا مال ہوگی
میں اپنی پردہ پوشی چاہتا ہوں

دکھا دے راستہ سیدھا دکھادے
تیرے محبوب کا ہوں ثنا کر

ہمیں اس راہ پر پھر سے چلادے
طفیلے مصطفیٰ مجھ پر رکم کر

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# تون الله سائين....!

سدائين کيون تنهن جي ساراهه سائين
تون الله الله سائين

مدايون مَتايون مٿائين خدايا
اسان جون دعائون اگهائين خدايا

سوا تنهن جي ڪا راهه يا واهه ناهي
سوا تنهن جي ساٿي ۽ همراهه ناهي

تون حاجت روا منهن جو مشڪل ڪشا تون
اسان جي دکن جي دوا تون دعا تون

تون روزي رسائين گهٽائين وڌائين
شهنشاهه ٿا هين گداگر بنائين

ٿهي توکي عظمت عُليٰ ڪبريائي
سلامي پري تنهن جي ساري خدائي

مصيبت ۾ منهن جو مددگار آهين
هميشه غمن منجهه غمخوار آهين

گنهگار آهيان خطادار آهيان
شب و روز ڏوهن ۾ سرشار آهيان

پناهه تنهن جي تو ڪان پنان ٿو گهران ٿو
مان اميّد رحَمت جي هردم رکان ٿو

------------- ❊ ❊ ❊ -------------

# دُعا....!

ڪــري معــاف مــنهن جــون خطــائون خــدايا
عطـــائن مثـــي ڪـــر عطـــائون خـــدايا

تـــون رحمـــان آهـــين رؤف ۽ رحـــيم
تـــون رازق تـــون رزاق قـــادر ڪـــريم

هِتـــي ۽ هُتـــي ڪـــر نـــہ مـــنهن جـــو حســـاب
نـــہ مـــنهن جـــي خطـــائن جـــو ڪـــولج ڪتـــاب

ڇٽــي ڪــين ســگهندس جــي ڪــاتو ڪلــي تــو
عتــابن ۾ هونــدس جــي ليڪــو تئــي تــو.

مگــر تــنهن جــي رحمــت بــہ آ بــي حســاب
اميـــد آهـــي اينـــدس نـــہ زيـــر- عتـــاب

الٰهـــي تـــون آســـان ڪـــرين مشـــڪلات
طفيلـــــي محمـــــدّ عليـــــه الصـــــلوٰة

تــون صــدقي نبــي جــي ڪــرم ڪــر خــدايا
پلــو جــڳ ۾ مــنهن جــو پــرم ڪــر خــدايا

مــان ”مشـــتاق“ پيـــاري نبـــي جـــو ثنـــاگر
نــہ مــٽ ڪــوئي تــنهن جــو نــہ تــنهن جــي برابــر

--------------- ❋❋❋ ---------------

# سادڙو اهل ايمان آهيان....!

لکين شکر رب جا مسلمان آهيان
محمد مٺي جو ثنا خوان آهيان

نہ مشرڪ نہ ڪافر نہ اهل – ڪتاب
ابي ڏاڏي ڪان اهل- قرآن آهيان

نہ فرقو تفرقو نہ فتنو فساد
فقط دين اسلام جي دان آهيان

احاديث قرآن سنت نبي جي
مجيندڙ ۽ راسخ مسلمان آهيان

نبيّن وليّن ڪتابن فرشتن
جو مان معتقد دل سان خواهان آهيان

رکان آل اصحاب سان ٿو محبّت
سندن خاڪِ پا در جو دربان آهيان

خدا جي وليّن جو آ احترام
انهن جو غلام- غلامان آهيان

پيارا اٿم جان ڪان اهل بيت
انهن ئي عقيدن جو انسان آهيان

جزا حشر ۽ نشر تي آهي ايمان
نبي جي شفاعت جو خواهان آهيان

مـــديني ۽ مكـــي ســـان ســـاڳي محبّـــت
محمّـــــد مثـــان جـــان قربـــان آهيـــان

خزانـــو ســـخا جـــو عطـــا جـــو اهـــوئي
انهـــيءَ در اُتـــي دســـت دامـــان آهيـــان

جـــو ملڻـــو اتـــم در انهـــيءَ تـــائين ملنـــدو
انهـــيءَ لئـــي خـــرا مـــان خـــرا مـــان آهيـــان

نـــہ بـــدعت نـــہ نفـــرت جـــو قائـــل كـــڏهن پـــي
صـــفا ســـادڙو اهـــل- ايمـــان آهيـــان

نـــہ گســـتاخ يـــا بـــي ادب بـــي شـــناس
محبّـــت جـــو مـــان مـــرد- ميـــدان آهيـــان

خـــدا كـــي مجـــان خيـــر و شـــر جـــو ڏڻـــي تـــو
ســـندس طالـــب - رحـــم احســـان آهيـــان

درودن ســـــلامن ۾ ســـــمجهان نجـــــات
انهـــيءَ منجهـــہ "مشـــتاق" مســـتان آهيـــان

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# نَعتُ النَّبِیّ ﷺ

| | |
|---|---|
| یـا سـیّدی نـور الهـدیٰ | خیـر البشـر خیـر الـوریٰ |
| شمس الضّحیٰ بدر الدّجیٰ | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| انظـر حبیبـی حالنـا | اصـلح لنـا احوالنـا |
| سَـهّل لنـا اشـکالنا | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| یـا شـافعًا لّلمـذنبین | یـا عائـذا للعـالمین |
| یـامن رجـاء الطـالبین | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| لا مثلـه فـی العـالمین | فـی شـانه قـرآن مبـین |
| اَلقابُـهُ صـادق امـین | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| یشـهد علینـا حینمـا | ایـدیّنا اقـدامنا |
| و ارث لنـا و لیّنـا | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| عمـری مضـیٰ فـی فتنـة | فـی غمـرة فـی غفلـة |
| لـی کـلّ یـوم لیلـة | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| کانـت ذنـوبی کالجبـال | محصـولها حـزن و مـلال |
| لی مـاویٰ ملجا کـل حال | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |
| لـی حُبّـه ایماننـا | اسـلامنا اعمالنـا |
| موجـود فـی اذکارنـا | یـا مصـطفیٰ یـا مصـطفیٰ |

محبــوب عــن اولادنــا آبا ئنـــــا اجـــــدادنا

عــن نفســنا عــن روحنــا يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

جــفّ القلــم لبيانـــه اللّٰہ قـــال فـــی شـــانه

صـــلّوا عليـــه وآلـــه يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

مـــن لمـــع اول نـــوره ظهـــرالحيـــاة ظهـــوره

لـــولاک کـــان حضـــوره يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

فــی وصــفه خلــق عظــيم هــو رحمــة ايضًــا رحــيم

هــو نعمــة عظمــیٰ کــريم يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

مــن جــآءَه هــو ســائلاً مـــا قـــال قـــولا قـــائلا

حصـــل المـــراد مـــدائما يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

مهمــا احــاطتنی الضــرر قـد صـرت عنهـا مضـطرر

”مشــتاق“ لــی فــتح نصــر يـا مصـطفیٰ يـا مصـطفیٰ

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# گلدستۂ عقیدت....!

حَبَّذا یا سیّدی یا رحمۃً لِّلعٰالَمین
یَا اِمَامِ الانبیاء والمرسلین والصالحین

.............. ❊ ❊ ❊ ..............

نیست مثلش بر زمیں بر آسماں عرشِ بریں
دُرّ یکتا ہے صفات و ذات میں صادق امیں
مٺ نہ جنهن دا هي ڪتان مخلوق وچ ملدا کھین
شان جنهن جي شهادت ٿو ڏئي قرآن مبين
ما غویٰ ماضَلَّ مازَاغ البصر حق الیقین

.............. ❊ ❊ ❊ ..............

آشکارا از طفیلی مصطفیٰ کون و مکان
نور سے روشن ستارے چاند سورج کہکشاں
ڪيا ڪري "مشتاق" مدحت اي ڪتان تي او ڪتان
عقل ۽ ادراڪ ڪان عظمت اتاهين ۽ عيان
وهو اولّ اوّلین آخر و ختم الآخرین

.............. ❊ ❊ ❊ ..............

کشت گفتارش و کردارش جہاں را رهبری
سیرت و صورت میں کوئی کیا کرے گا ہمسری
جنهن دا قول و فعل هے هر وقت حرفِ آخری
بیکسن بي بس یتیمن جي کئي جنهن یاوري
وهو فی الدنیا و فی العقبیٰ شفیع المذنبین

.............. ❊ ❊ ❊ ..............

باهمـــــه اوصـــــافِ حســـــنه گشـــــت بـــــا صـــــدق و صـــــفا
ســـــنگ بـــــاری پـــــر بھـــــی دشـــــمن کـــــو دعـــــا دیتـــــا رہـــــا
جنـــــگ تـــــوڑي صـــــلح دي وچ صـــــاحبِ وعـــــد و وفـــــا
نـــــاہ کـــــنھن انســـــان ۾ موجـــــود شـــــانِ مصـــــطفیٰ
خلقـــــه خُلُـــــق عظـــــیم وصـــــفه مشـــــفق مبـــــین

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

هـــــرکس و نـــــاکس را در حاجـــــات همـــــدم همنـــــوا
جـــس کســـی نـــے جـــو بھـــی مانگـــا اس کـــو ســـب کچـــھ مـــل گیـــا
پـــوري عـــالم واســـطي رحمـــت وجـــود انهـــن دا ٿیـــا
ســـڏ ٻـــڌي ورتـــا جـــڏهن يـــي کـــیس مـــون ســـڏڙا کیـــا
یـــا غیـــاث المســـتغیث و یـــا ســـراج الســـالکین

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

گفتگـــو شـــیریں زبـــان شـــد در بیـــان شائســـتگی
کـــس نـــے بھـــی چہـــرے مبـــارک پـــر نـــہ دیکھـــی برهمـــی
جـــنهن دي لـــب تـــون گویـــا شـــبنم نـــے چرائـــی هـــي نمـــي
شـــوق ســـان پڙهنـــدا رهـــو صـــلوا علیـــه وآلـــه
یـــا عصـــابة مســـلمین و یـــا جماعـــة مـــؤمنـــین

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# دعا....!

تـــنهن جـــي رحمـــت جـــو طلبگـــار خـــدايا
تـــنهن جـــو ٻـــانهو هـــي گنهگـــار خـــدايا

امّتـــي جـــنهن جـــو ســـفارش بـــ اهـــوئي
مصـــــطفيٰ مـــــنهن جـــو مـــددگار خـــدايا

ڏوهـــ مـــنهن جـــا بـــ پهـــاڙن کـــان وڏا پـــر
تـــنهن جـــي بخشـــش جـــا پـــي انبـــار خـــدايا

تـــنهن جـــو ٻـــانهو ۽ ثنـــا خـــوان - نبـــي آهيـــان
اِنهـــيءَ نســـبت ســـان مـــان نـــروار خـــدايا

بخـش كـر مـونكي خطـائون جـي كيـون مـون
ســڻ دعـــا مـــنهن جـــي تـــون هـــن بـار خـدايا

صـــبر مـــنهن جـــي ۾ نـــ آ طاقـــت ايـــڏي
مشـــــكلاتن جـــــا كٽـــــي بـــــار خـــــدايا

هـــر طـــرف كـــان آ مصـــيبت ئـــي مصـــيبت
هـــــر بـــــلا صـــــدقي نبـــــي ٽـــار خـــــدايا

هـــاڻي طاقـــت نـــ رهـــي جســـم ۾ كـــائي
ٿـــي ويـــا مـــنهن جـــا اڇـــا وار خـــدايا

ساعتون سڪ جون پنان ٿو رب توکان
تنهن جو آ آسرو آڌار خدايا

ڳل گچي پاند وجهي توکي پڪاريان
تو سوا ٿاهه ڪو غمخوار خدايا

کهڙي منهن ساڻ گهران توکان معافي
آهيان ڏاڍو شرمسار خدايا

پاڪ آ ذات خدايا تنهن جي
مان تہ آهيان ئي خطا دار خدايا

تنهن جي محبوب جو "مشتاق" سڏايان
ٿار "مشتاق" جا آزار خدايا

--------------- ❊❊❊ ---------------

# التجا ايتري منهن جي....!

الاهي شان تنهن جي جي نہ شايان شاعري منهن جي
ڪئي وڪ وڪ اتي رحمان آهي رهبري منهن جي

مصيبت مشڪلاتن ۾ عداوت جي انڌيرن ۾
ڪئي هيٺپ ۾ هر دم چاره گر چاره گري منهن جي

پڳا مون تنهن جا حق ۽ عمر ڀر ڪئي انحرافي پر
ڪئي تو ناه ڪاوڙجي ڪڏهن پرده دري منهنجي

هجي ماءُ پيءُ جي شفقت يا استادن عزيزن جي
ڪئي هر حال ۾ داور هميشہ داوري منهنجي

دوائن ۾ تڏهن دم آ تڏهن حاجت حڪيمن جي
جڏهن تنهنجي طرف کان آهہ يا رب بهتري منهنجي

ڪروڙين ٿيا ڪرم تنهنجا ڪري ڪا ٿو ڪٿي سگهبو
کهاٽي تنهنجي قربن جي هي ساري سرسري منهنجي

ڀرم دنيا ۽ محشر ۾ رکين "مشتاق" جو موليٰ
خدايا تنهنجي آڏو التجا بس ايتري منهنجي

-------------- ❊❊❊ --------------

# دُعا

يـــا الهـــي رحـــم كـــر تـــون مصـــطفيٰ جـــي واســـطي
كـــر كـــرم تـــون پنهنجـــي ذات - كبريـــا جـــي واســـطي

آهـــي عيـــبن ســـان پريـــل مـــنهن جـــو بلاشـــڪ انـــگ
معـــاف كـــر صـــديق اكبـــر بـــا صـــفا جـــي واســـطي

پانـــد ڳـــل پـــائي پنـــان ٿـــو تنهنجـــو مـــان فضـــل و كـــرم
بخـــش كـــر فـــاروق عـــادل بـــي ريـــا جـــي واســـطي

پنهنجـــــي بچـــــڙاين بـــــراين كـــــان اگهـــــاڙو آهيـــــان
پردهـــ پوشـــي كـــر تـــون عثمـــان بـــا حيـــا جـــي واســـطي

هـــر گهـــڙي آهـــي رُڪـــاوٽ تـــي رڪـــاوٽ راهـــ ۾
دور كـــر ســـڀ درد و غـــم شـــير - خـــدا جـــي واســـطي

ڏوهـــ مـــون ڏاڍا كيـــا آهـــن برايـــون بـــي حســـاب
ننـــگ رک ننگـــي شـــهيد - كـــربلا جـــي واســـطي

واســـطو شـــهداء احـــد بـــد روحنـــين جـــو ٿـــو ڏيـــان
مشـــڪلاتون حـــل كـــر اهـــل - وفـــا جـــي واســـطي

دان ڏئـــي داتـــا تـــون پنهنجـــي منگتـــي جـــون مـــان رک
اوليـــا جـــي واســـطي ۽ انبيـــا جـــي واســـطي

كـــر دعـــا "مشـــتاق" جـــي مقبـــول اي مـــولا كـــريم
فاطمـــ زهـــرا ۽ عائشـــ طـــاهرا جـــي واســـطي

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# هي جهان آباد ٿيو....!

مصطفي تنهن جي اچڻ سان هي جهان آباد ٿيو
هي زمين آباد ٿي هي آسمان آباد ٿيو

وئي ملي لولاڪ سان لوح و قلم کي زندگي
ڪائنات آئي وجود ۾ ڪن فَڪان آباد ٿيو

عرش و ڪرسي ويا سنواريا ٿيو زماني جو ظهور
چنڊ سج تارا ڪتيون ۽ ڪهڪشان آباد ٿيو

ٿي ويو الله هو جو ورد جاري هر طرف
بحر و بر ۾ ٿي بهاري آشيان آباد ٿيو

نيست جي عالم ۾ آيو زندگي جو رنگ وبُو
نور نبوي ساڻ جيئن هي ارمغان آباد ٿيو

جهنگ جهر جهرڪن پيا گلشن ۾ ٿي گلزاري وئي
رونقون جنت ۾ آيون گلستان آباد ٿيو

حسن ٿيو هرجا هويدا عشق کي آٿت ملي
دلربائي جو دنيا ۾ داستان آباد ٿيو

عبد کي الله کان اهڙي تہ عظمت ٿي عطا
احد احمد جو انوکو امتحان آباد ٿيو

ويا هٽي پردا ملي "مشتاق" محبوبن سان ويا
جنهن گهڙي اهل مڪان سان لامڪان آباد ٿيو

--------------- ❊❊❊ ---------------

# سلسلا ان جي عطائن جا....!

نبـــي معـــراج ۾ تحفـــا ڏنـــا ورتـــا ســـلامن جـــا
پـــروڙي كـــين ســـگهبا راز هرگـــز راز وارن جـــا

جـڏهن ارض و سـما جـي نـور وٽ، نـور - خـدا پهتـو
هٽـــي هكـــدم ويـــا پـــردا حبيـــبن ســـان حجـــابن جـــا

شهنشـــاه- دو عـــالم جـــي ســـواري پهتـــي عرشـــن تـــي
نـــه كوليـــا ويـــا كـــڏهن اهـــڙي طـــرح در آســـمانن جـــا

زمـــين و آســـمان تـــي مرحبـــا جـــا گيـــت ڳايـــا ويـــا
ڏنـــا اهـــڙا نـــه دنيـــا رنـــگ اڄ تـــائين فضـــائن جـــا

كيـــو هـــر هنـــڌ اســـتقبال احمـــد جـــو رســـولن تـــي
عجـــب انـــداز هـــا عـــرش - عظـــيم تـــي اهتمـــامن جـــا

ازل كـــان هـــو جتـــي الله هـــو الله هـــو هـــر دم
اتـــي هـــا ورد جـــاري اڄ ســـلامن جـــا صـــلاتن جـــا

زمـــين وارن جـــا تـــي ويـــا آســـمان ســـان رابطـــا قـــائم
هميشـــه لئـــي كلـــي ويـــا در ســـندس گـــولن غلامـــن جـــا

ســـندس ئـــي فـــيض جـــا دريـــاءَ جـــاري اڄ بـــه عـــالم ۾
نـــه آهـــن ختـــم ٿيڻـــا سلســـلا ان جـــي عطـــائن جـــا

مـــديني ۾ جـــڏهن مهمـــان پهتـــا ميـــر جـــي در تـــي
ٿيـــا كيـــڏا كـــرم "مشـــتاق" تـــي ڏس ميزبـــانن جـــا

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# مصطفيٰ جي شان جو....!

پــرت ســان پــورو پڙهــي پيغــام ڏس قــرآن جــو
هــر حــرف آهــي حوالــو مصــطفيٰ جــي شــان جــو

رک محمــد ســاڻ نــاتو عشــق جــو مضــبوط تــر
جيڪــڏهن چــاهين رضــامندو ٿــو رب رحمــان جــو

گُهــر دعــائون ٿــي وجــين شــامل غلامــان- رســول
بــس شــرف آهــي انهــيءَ ۾ حضــرت - انســان جــو

قابــل - معــافي خــدا وٽ نــاهي گســتاخ - رســول
اهــڙو مــاڻهو آهــي پيروڪــار جــڻ شــيطان جــو

ناهــ مــومن دل ۾ نــاهي جيڪــڏهن حــب - رســول
جــڻ ادب ســان گــڏ محبّــت آهــي جــز ايمــان جــو

دنيــا تــوڙي آخــرت ۾ آ شــفاعت جــو ڏڻــي
ڳــولين چــو ٿــو در ٻيــو تــون درد جــي درمــان جــو

موڪلينــدو رهــ درودن ۽ ســلامن تــي ســلام
شــڪر ڪــر اهــڙي طــرح الله جــي احســان جــو

درد و غــم ٿــي دور وينــدا رک نبــي ســان رابطــو
هــن ڪــان وڌ آســان نــاهي ڪــو عــلاج ارمــان جــو

ڏس ڪــرم ڪيــڏا ڪيــا "مشــتاق" ٿــي قــادر ڪــريم
ٿيــو پغمبــر ســاڻ پيونــد جســم جــو ۽ جــان جــو.

-------------- ❋❋❋ --------------

# پرکڻ ڏيو مشڪل....!

حقيقت مصطفيٰ جي ڪي سڄڻ سمجهڻ ڏيو مشڪل
پلي پيا پارکو پرکن پرين پرکڻ ڏيو مشڪل

خدا سان عشق پي مشروط آ جنهن جي محبّت سان
سوا هن جي خدا وٽ پي پڄڻ پهچڻ ڏيو مشڪل

حديث- دلبران سان ناهه جيسين آشنائي ڏي
تہ پيغام- خداوندي پڙهڻ پرجهڻ ڏيو مشڪل

خدا سان ٻانهيءَ جي جنهن جي وسيلي ڏي شناسائي
بنا هن واسطي جي رب رنل پرچڻ ڏيو مشڪل

اطاعت جنهن جي ڪي الله سڏي پنهنجي اطاعت ڏو
سندس نقش - قدم ڪان هڪ قدم ڦيرڻ ڏيو مشڪل

سلامتي دين ۽ ايمان جي مومن گهرين جيڪر
نبي جي اسوهء حسنه ڪان منهن موڙڻ ڏيو مشڪل

عنايت رهنمائي سيرت - نبوي جنهن ڪي ڏي
ٻين جي در اتي ڏن جو پلڻ پتڪڻ ڏيو مشڪل

سلامن جا ڪٽي تحفا جڏهن ”مشتاق“ هت پهتا
سوالي جو هٿين خالي هٿان موٽڻ ڏيو مشڪل

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# دربدر ٿيندين

محمد مصطفيٰ جو در ڇڏيندين در بدر ٿيندين
ڇڏي هي گهر وجي ٻيو گهر اڏيندين در بدر ٿيندين

هتي توڙي هُتي هڪڙو وسيلو واهرو آهي
سوا هن جي وسيلو ٻيو سڏيندين در بدر ٿيندين

سندس امّت سان الفتؔ آل سان اصحاب سان رک تون
ٻين سان دوستي جو هٿ وندبيندين در بدر ٿيندين

هجي دل ۽ زبان تي هن جي هڪجهڙي پذيرائي
منافق ٿي نہ تون هن کي مڃيندين در بدر ٿيندين

قيامت تائين جنهن جو نالو گڏ الله نالي سان
انهي نالي کان جيڪر منهن مٽيندين دربدر ٿيندين

خدا پنهن جي حبيبن سان ڪيو ڪنهن کي نہ آ همسر
نبي جي شان ۾ ٻئي کي گڏيندين دربدر ٿيندين

ملي ايمان کي ٿي تازگي نالي ونڻ سان ئي
انهيءَ رحمت کان جي محروم ٿيندين دربدر ٿيندين

جهانن جي آ جنهن جي نانء سان ناموس وابسته
انهي جي خاڪ پا جيڪر نہ هوندين دربدر ٿيندين

ڪمي ايندي نہ تنهن جي بغض سان شان - محمد ۾،
اجايو پاڻ کي دوزخ ڏڪيندين دربدر ٿيندين.

پڙهي صَلِّ عِليٰ "مشتاق" ڪر آسان هر مشڪل
نہ اهڙي چاشني چت سان چکيندين در بدر ٿيندين

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو....!

دنيا ۾ اهڙو پيغمبر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو
حبيبن جو ڪڏهن همسر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

جهالت جي جڳهہ تهذيب جا مينار اڏجي ويا
برابر هن جي ڪو رهبر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

گواهي تا ڏين دشمن سندس ڪردار اعليٰ جي
ڪو اهڙو ٻيو سچو سرور نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

پلارا ۽ سڳورا ڪيترا انسان آيا پر
خدا جو دادلو دلبر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

قرشن جا سڙيا جت پر اتي پرواز عربي جو
خدا جي نور جو مظهر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

شفاعت جي اجازت حشر ۾ هوندي فقط هن کي
ٻيو ڪو شافع - محشر نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

سڄي انسانيت جي واسطي "مشتاق" هن جهڙو
خدا جي رحمتن جو در نہ ٿيڻو آ نڪي ٿيندو

--------------- ❊❊❊ ---------------

# نوري نگاهن جي....!

ڪڙـــي جـــي ســـوڪڙي آيـــا درودن جـــي ســـلامن جـــي
نـــوازش ٿـــو ڪـــري تـــن تـــي نبـــي نـــوري نظـــارن جـــي

لـــبن تـــائين نـــہ پهتـــا لفـــظ تـــي آســـان مشـــڪل وئـــي
ٻـــڌايان ڪيفيـــت ڪهـــڙي عنايـــت جـــي عطـــائن جـــي

شڪســـته پـــر بـــہ پهچـــي ٿـــا وجـــن افـــلاڪ کـــان اڳتـــي
نـــوازش تـــي ٿئـــي جنهـــن تـــي سندس نـــوري نگـــاهن جـــي

پليـــل پٽڪيـــل رســـيا منـــزل ٿيـــا آبـــاد ويرانـــا
خـــزان ۾ وئـــي ملـــي جـــڳ کـــي بهـــاري جـــڻ بهـــارن جـــي

خـــدا جـــو نـــور پهتـــو عـــرش تـــي نـــوراني صـــورت ۾
زمـــين تـــي نـــور جـــي جـــڻ رونمـــائي ٿـــي حجـــابن جـــي

بشـــر جـــو روپ پهـــري آفتـــاب آيـــو هـــو ڪڪـــرن ۾
رســـائي ٿـــي ســـگهي اُن تـــائين انســـاني نگـــاهن جـــي

نـــہ آهـــي ڪـــو بشـــر اهـــڙو نـــہ آهـــي نـــور ڪـــو اهـــڙو
پلـــي هـــر شـــئي ڏســـو پيٽـــي زمـــين و آســـمانن جـــي

اهـــوئي فـــرق هـــڪ حبـــدار ۽ گســـتاخ ۾ آهـــي
جـــا دوري پـــاڻ ۾ آهـــي نـــدي جـــي ٻـــن ڪنـــارن جـــي

ثنـــا خـــواني جـــي صـــدقي وئـــي ملـــي ”مشـــتاق“ کـــي منـــزل
رهـــي حاجـــت نـــہ هرگـــز هـــن کـــي هـــاٺي کـــا ســـهارن جـــي

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# نہ آهي بندگي اهڙي....!

حبيب- ڪبريا سان آهي منهن جي دل لڳي اهڙي
برابر هن جي دنيا پر ۾ ناهي عاشقي اهڙي

زبان تي هر گهڙي ذڪر - نبي جاري رهڻ گهرجي
خدا کي پنهن جي ٻانهي جي وٽي تي زندگي اهڙي

نبي جي واسطي سان تي دعا جيڪا پڇي رب وٽ
نہ استغفار اهڙي ڪا نہ آهي بندگي اهڙي

مديني ۾ ملي تي مون کي جيڪا روح کي راحت
نٿو سمجهان تہ جنت ۾ بہ هوندي تازگي اهڙي

نہ ڪر ايمان ضايع زور سان ڳالهائي روضي وٽ
خدا وٽ هن ڪان وڌ ٻي ناهہ ڪا ناراضگي اهڙي

بشر ۽ نور جا چو مسئلا ڇيڙي منجهائين ٿو
خدا کان بعد ناهي ڪا بزرگي هن نبي جهڙي

گهرين ٿو جيڪڏهن هر دم رضا مندو خداوندي
محبّت مصطفيٰ سان رک نہ ٻي ڪا دوستي اهڙي

شهنشاهي بہ آ جنهن جي غلامن جي غلامي ۾
ملي "مشتاق" کي آلِ نبي کان صاحبي اهڙي

-------------- ❊❊❊ --------------

# اکين آڏو حبيب آهي.....!

سلامن جي سعادت تي نگاهن سان نصيب آهي
خدا جا ٿيا ڪرم ڪيڏا اکين آڏو حبيب آهي

چمان جالي کي ٿو، پيراندي کان بيهي کيان سڏڙا
هي منظر روح پرور ڪيترو منهن جي قريب آهي

ڏسان نوري نظارا ٿو مَوَاجَهہ سامهون بيهي
گنهگارن تي باران ابر - رحمت اڄ عجيب آهي

سڏائي پنهنجي در تي ٿو سڏي سڏڙا سوالي جا
هي منهن جو ميزبان ڪيڏو مجيب آهي نجيب آهي

مٿائي ٿو چڏي غمگن جا غم لحظي ۾ لالڻ
غلام حسين جهڙو توڙي ڪو گدلو غريب آهي

ٿيو "مشتاق" محبوب - خدا آ مهربان ڪيڏو
مريض - لا علاج جو مهربان ماهر طبيب آهي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# خدا خود لاشريڪ آهي....!

خــدا خــود لاشــريڪ آهــي نــہ آهــي ڪــو خــدا جهــڙو
تــہ پــوءِ پيــدا ڪنــدو ڪيــئن پــاڻ پنهنجــي دلربــا جهــڙو

بشــر جــي روپ ۾ آيــو بشــر جــي عيــب ڪــان خــالي
ڪــڏهن پيــدا نــہ ٿيڻــو آهــي ڪــو خيرالــوريٰ جهــڙو

چــڏي تقــدير بــدلي مختصــر عرصــي ۾ عــالم جــي
نــہ پيــدا ٿيــو ڪــڏهن ڪــو رهنمــا هــن رهنمــا جهــڙو

خــدا جــي ٿــي عنايــت خــاص عبــدالله جــي گهــر تــي
ڄڻيــو ڪــنهن مــاءُ نــاهي پنهنجــو فرزنــد آمنــا جهــڙو

نبــي ســڀ نــور هــا معــراج مڙنــي ڪــي مليــو لــيڪن
نصــيبن ۾ نــہ هــو ڪــنهن جــي ســفر عــرش - عُلــيٰ جهــڙو

لڻــا آدم ڪــان عيســيٰ تــائين هــر هــڪ تــي فرشــتا پــر
نظــر اينــدو نــہ منظــر تــوکي ڪــٿ غــارِ - حِــرا جهــڙو

ســچي دل ســان ملــڻ چــاهي جــي ٻــانهو پــنهن جــي مــولا ســان
تــہ ٻيــو رســتو نــہ آهــي ڪــو نبــي جــي نقــش - پــا جهــڙو

هميشہ فڪر انسانن سندي اصلاح جو دل ۾
نہ آهي خلق جو ڪو خير خواه خيرالوريٰ جهڙو

بنا سوچڻ جي ڪئي تصديق جنهن هر قول جي حق چئي
صداقت ۾ نہ ڪو صدّيق اڪبر با صفا جهڙو

نبي جي خواهشن جو ۽ دعائن جو اثر آهي
نہ ڪوئي منتظم فاروق عادل بي ريا جهڙو

نگاهہ - فيض سان ٿيو پيڪر - حلم و حيا اهڙو
نہ ڪو عثمان ذوالنورين ۽ صاحب سخا جهڙو

عنايت رحمت - عالم جي هئي هر هڪ تي هڪ جهڙي
ولايت ۾ نہ آهي ڪو علي المرتضيٰ جهڙو

ازل کان تا ابد ايثار جو آ سلسلو جاري
شهادت ۾ نہ آهي ڪو شهيد - ڪربلا جهڙو

اجورو هر عبادت جو ملي "مشتاق" ٿو ليڪن
وظيفو ورد ناهي ڪو ثناء - مصطفيٰ جهڙو

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# سچو سردار تو جهڙو...!

خدا خلقيو نہ آهي خلق ۾ دلدار تو جهڙو
نہ پيدا ٿيٽو آهي پوءِ ڪو پگدار تو جهڙو

ڪيائون رهبري پنهنجن قبيلن جي ۽ قومن جي
نہ ٿيو مشرق ۽ مغرب لئي نبي نروار تو جهڙو

گهرائي عرش تي الله خود ڪئي آجيان تنهنجي
نہ استقبال ڪنهن جو ٿيو ٿيو سرڪار تو جهڙو

خدا جو نور نوراني اکين سان تو ڏٺو آقا
ڪري ٿيو ڪير سگهندو هن طرح ديدار تو جهڙو

يتيمن بي وسيلن ۽ ابوجهن جو اجهو آٿت
غريبن جي غمن جو ناهہ ڪو غمخوار تو جهڙو

ڪيو آزاد انسانن کي رسمن ۽ رواجن کان
اسيرن جو نہ عالم ۾ اجهو آذار تو جهڙو

گنهگارن کي بخشيندو خدا تنهنجي سفارش سان
ڏکئي ويلي نہ ٿيندو ڪنهن جو ڪوئي يار تو جهڙو

نہ آيو آهي اڄ تائين نہ ايندو آخرت تائين
نبيّن ۽ رسولن جو سچو سردار تو جهڙو

گلن ۾ تازگي آئي چمن ۾ ڇهڇٽو آيو
ڪيو گلشن کي ناهي ڪنهن ائين گلزار تو جهڙو

مٽائي تو ڇڏيا انسانيت تان داغ وحشت جا
نشان برناهه ڪو تهذيب جو مينار تو جهڙو

خدا سان بندي جو مضبوط رشتو تي ويو قائم
نہ ڪو توحيد جي بنياد جو معمار تو جهڙو

ڏنو وحدانيت جو درس تو ڪلمو پڙهائڻ سان
ٻڌايو ناهه ڪنهن انڪار ۽ اقرار تو جهڙو

قبيلن ۾ هئي جا انتقامي جنگ سالن کان
اتي صلح و امن لئي گهربو هو سالار تو جهڙو

وڃن ٿا درد و غم مٽجي رڳو تنهنجي تصوّر سان
مليو "مشتاق" ماندي کي نہ ڪو منٺار تو جهڙو

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# شافع ـ روز ـ جزا ٿيندو.....!

جڏهن راضي نبي ٿيندو تڏهن راضي خدا ٿيندو
جو پهتو مصطفيٰ وٽ سو خدا کان ڪيئن جدا ٿيندو

بلاشڪ آيو آخر ۾ مگر سردار سيني جو
رسولن ۽ نبين جو اهوئي پيشوا ٿيندو

خدا ڪئي دين جي تڪميل آ جنهن جي نبوّت سان
اهو ختم الرّسل ٿيندو ۽ ختم الانبيا ٿيندو

نہ جنهن جي ماهيت مخلوق کي معلوم اڄ تائين
بشر کان ڪيئن پلا هن جي ثنا جو حق ادا ٿيندو

هجي ٿي جنهن عبادت ۾ نبي جي نانءُ جي خوشبوء
خدا جي بارگاهہ ۾ پي اهو سجدو ادا ٿيندو

ملي دنيا ۾ مون کي جنهن جي دامن ۾ پناهہ آهي
اهوئي مومنن جو شافع- روز - جزا ٿيندو

نبي سان جوڙ ناتو تنهن جا ٻيڙا پار ٿي ويندا
نہ رهبر آهي کو اهڙو نہ ڪوئي رهنما ٿيندو

ازل کان جنهن جي آمد جو هيو عالم کي اوسيئڙو
ضعيفن جو اهو ضامن ۽ هيٺن همنوا ٿيندو

ملي "مشتاق" کي سوغات وئي صَليّ عليٰ جهڙي
پلو هن کان وظيفو ورد ٻيو ڪهڙو پلا ٿيندو

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# هميشہ آرزو اهڙي.....!

سدائين دل ۾ آهي دلربا جي جستجو اهڙي
ٻئي ڪنهن جي محبّت ناهہ من ۾ هوبهو اهڙي

پلي هر حرف سيرت توڙي صورت ۾ ڏسو پرکي
ڪٿي ڪا شخصيت ملندي نہ توکي خوبرو اهڙي

نبي جي عاشقن جي آهہ جا الله وٽ عزّت
دنيا پر ۾ ملي ڪنهن کي نہ آهي آبرو اهڙي

ٿئي جنهن جي ثنا هر وقت ٿي مينار منبر تان
نہ اڄ تائين آماڻي مرتبت ڪنهن ماهرو اهڙي

اٿم خواهش تہ چمندي تنهنجي چائنٺ منهنجو دم نڪري
ڪندس محبن کي من جي مُدَّعا مان روبرو اهڙي

نہ دشمن جو هجي الکو نہ خطرو ڪنهن مصيبت جو
حياتي منهنجي صدقي تنهنجي ٿئي شل سرخرو اهڙي

ملي مغموم من کي جيڪا راحت هن جي يادن ۾
ڪٿي تسڪين زخمي دل کي ڏيندا چارهہ جُو اهڙي

دُعا آهي نبي جي نقش - پا ۾ شل زندگي گذري
رهي "مشتاق" جي من ۾ هميشہ آرزو اهڙي

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# آرزو پوري نہ ٿي....!

تنهنجي خوبين جي خبر اي خوبرو پوري نہ ٿي
هر ثنا گر ڪئي ثنا پر هوبهو پوري نہ ٿي

زندگي ڀر مان بہ مدحت- مصطفيٰ لکندو رهيس
زندگي ٿي پوري پر هي گفتگو پوري نہ ٿي.

ٿو گهران الله کان اهڙيون حياتيون لک هزار
مختصر مدّت ۾ منهنجي آرزو پوري نہ ٿي

ڪئي ثنا سعدي ثنائي جامي رومي ۽ حسان
پر ثنائي مصطفيٰ ڪَماحَقّہ پوري نہ ٿي

جيڪا عزت آبرو تنهنجي غلامي ۾ ملي
بادشاهي ۾ بہ اهڙي آبرو پوري نہ ٿي

عقل سان ڄاڻ گهرين ٿو تون مقامِ مصطفيٰ
پر پرين جي پرک توکي پارکو پوري نہ ٿي.

عمر ڀر "مشتاق" کي آهي تڙپ ميلاپ جي
جستجو جاري رهي پر جستجو پوري نہ ٿي.

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# دلبري اهڙي....!

خدا ڪنهن جي نہ ڪئي صورت سان گڏُ سيرت گري اهڙي
بلاشڪ توکي سونهين سيّدا تي سروري اهڙي

ڪرين ويري تي وڙ پنهن جا ۽ دشمن جي بہ دلجوئي
ڏني دلبر نہ ڪنهن دلبر ۾ آهي دلبري اهڙي

سهارو بي سهارن غمزدن جو آسرو آتت
نہ ڪئي ڪنهن دردمندن جي ڪڏهن ڀي داوري اهڙي

ٻڌي خود پيٽ سان پٿر اجهائي باه بکين جي
غريبن ۽ يتيمن جي ڪئي تو ياوري اهڙي

نہ ورتو ڪنهن کان بدلو ۽ نہ ڪنهن کي رنج پهچايو
برن سان ڀي ڪئي بهتر کان بهتر بهتري اهڙي

غلامن ساڻ گڏجي ڪاڏو ڪاڏو ٿانءَ هڪڙي ۾
نہ ڪنهن ڪئي نوڪرن جي چاه سان آچا ڪري اهڙي

اخوّت ۽ محبّت جو ڏنو تو درس دنيا کي
کپي تي عالم - انسانيت کي رهبري اهڙي

نہ تنهن جو مٽ مثل دنيا ۾ ٿيٽو هو نکي ٿيندو
ملڪ جنّ و بشر اهڙو نہ ڪا حور و پري اهڙي

ولادت مصطفيٰ سڀ رحمتن کان ٿي وڏي رحمت
دنيا ۾ ڪا سعادت ڀي نہ اڇٽي آوري اهڙي

خداوندا ڪري "مشتاق" کهڙا تنهنجا شڪرانا
عطا سڀ کان وڏي نعمت ڪئي رحمت ڀري اهڙي

-------------- *** --------------

# حال دل جو اوريون....!

يـــا رســـول الله تنهنجـــي در اتـــي دانهـــون كـريـــون
آســـري تـــنهن جـــي تـــي آهـــن احمـــدا عيـــبن پريـــون

جـــن كـــي آهـــي تـــات تنهنجـــي تـــن انـــدر ۾ تـــار تـــار
كنهن جي در وينديون پلا هي تنهن جي چاهت جون چريون

ســـر كـــان پيـــرن تـــائين آهـــن ســـپ گنـــاهن منجهـــ غـــرق
رحمتـــ للعـــالمين كـــر معـــاف هـــي كوٺيـــون كريـــون

ڊوڙنـــدا ڊكنـــدا اچـــن ٿـــا تنهنجـــي درڏي دور كـــان
پنهنجـــي ديـــوانن لئـــي چـــڏ ديـــدار جـــون كـــولي دريـــون

تنهنجـــي پيرانـــدي كـــان بيهـــي چاهـــ مـــان چانئـــٺ چمـــان
دل گهـــري ٿـــي تـــو ســـان دلبـــر حـــال دل جـــو اوريـــون

تنهنجـــي بخشـــش جـــي اڳيـــان آهـــن هـــي رائـــي كـــان بـــ گهـــٽ
منهنجـــي كمـــزورين ۾ كوتـــائين جـــا ڍيـــر ۾ ڍيريـــون

جيكـــي كجهـــ ملٿـــو اتـــم در تنهنجـــي تـــان وينـــدو ملـــي
روز روضـــي پـــاك جـــون پائينـــدو آهيـــان ڦيريـــون

تـــو ســـوا منهنجـــا مٺـــا كـــنهن ۾ نـــ امّيـــد آســـرو
معـــاف كـــر "مشـــتاق" جـــون ســـاريون مـــدايون، ميريـــون

.............. ❊ ❊ ❊ ..............

# ڀلارو نبي....!

اسان جو پيارو پيارو نبي
نبيّن ۾ سڀ کان نيارو نبي

غريبن جو غمخوار واهر ولي
سڄي جڳ جو آهي سهارو نبي

ضعيفن ۽ هيڻن جو حامي هيو
ڏکايل جي ڏک ۾ ڏکارو نبي

هُو صورت ۽ سيرت ۾ هَو بي مثل
وڏي مان ۽ شان وارو نبي

گهرايو خدا جنهن کي عرش اتي
ڪيو رات ۾ سير سارو نبي

فلڪ تي ٻه اڌ ٿي پيو منٽ ۾
ڪيو چنڊ کي جيئن اشارو نبي

شهنشاهه جنهنجا سلامي ٿيا
سڳهن کان ٻه سگهه ۾ سگهارو نبي

نه مٽ ثاني ”مشتاق“ جنهن جو ملي
ڀلن کان ٻه آهي ڀلارو نبي

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# مٺو نالو محمّد جو (صلي الله عليہ وآلہ وسلم)....!

مکڻ ماکي ۽ مصري کان مٺو نالو محمد جو
پيارو ماءُ ۽ پيءُ کان مٺو نالو محمد جو

ملن سو زندگيون سو زندگيون هِن گهوٽ تان گهوريان
مٺو آ جان ۽ جيءَ کان مٺو نالو محمد جو

مهڪ من کي ملي ۽ روح کي راحت رسي جنهن سان
خدا جي خلق ساري کان مٺو نالو محمد جو

ٿئي ٿو عشق ۽ ايمان جو جنهن سان چمن تازو
بهارن جي بهاري کان مٺو نالو محمد جو

ٿيا آدم کان عيسيٰ تائين سڀ تعظيم لائق پر
پيارو هر پياري کان مٺو نالو محمد جو

سڄو قرآن جنهن جي شان جي چِٽ شاهدي آهي
گرامي هر گرامي کان مٺو نالو محمد جو

نبي جي آل سان "مشتاق" جي نسبت غلامي جي
مليو اهڙي غلامي کان مٺو نالو محمد جو

-------------- *** --------------

# توحيد جا ميخانا مديني ۾....!

خــدا جــي رحمــتن جــا تــا تــين جلــوا مــديني ۾
جــڏهن صَــلِّ عِلــيٰ جــا ڳــائجن نغمــا مــديني ۾

ڏيــن هوڪــا هوائــون ٿيــون مــديني جــي فضــائن ۾
خزانــا خيــر جــا آهــن کليــل هــر جــا مــديني ۾

ادب ســان آهــي گــڏ دل ۾ اگــر مــوڙي محبّــت جــي
نفعــي وارا تــين تــا پــوءِ ســپ ســودا مــديني ۾

اچن عاشق تا رئندا رڙندا روضي پاڪ جي در تي
تــين محــرومين جــا چــاڪ تــا پــردا مــديني ۾

سبق ڏاهپ ۽ حڪمت جا دنيا وارن کي سيکاريا
ٿيـــا دانـــاءَ کـــان دنـــاءَ ديوانـــا مـــديني ۾

پيــاري ســپ کــي ٿــو ســاقي پيــالا آب - ڪــوثر جــا
ٿيـــا توحيـــد جـــا موجـــود ميخانـــا مـــديني ۾

ڏنــو آهــي اڪيــن ســان مــون دنيــا جــي بادشــاهن کــي
اچــن تــا ويــس پهــري ســپ غلامانــا مــديني ۾

ثنــاءَ مصــطفيٰ جــا ٿــاهي گلدســتا عقيــدت ســان
کيــا ”مشــتاق“ آهــن پــيش نــذرانا مــديني ۾

--------------- *** ---------------

# عرض عاجز جا اگھائيندا.....!

ڪڏهن حاجي مديني جون گھٽيون مونکي گھمائيندا
سلامن جا هلي روضي اتي تحفا پڄائيندا

جڏهن اصحاب صُفه وٽ نبي جي در پڪاريندس
ڪٽي نوري نظر نور- خدا مون ڏي نهاريندا

مان پيراندي ڪان بيهي پير چمندو چمندو ئي رهندس
پيالا پرت جا پيارا محبّت سان پياريندا

ادب جا هٿ ٻڌي مان حال اورينداس مواجهہ وٽ
يقين آهي تہ پنهنجا ٻاجهہ وارا هٿ وڌائيندا

زيارت گنبذ- خضريٰ جي ٿيندي رات ڏينهن مونکي
گنگھارن جي بخشش جا هتي واهڙ وهائيندا

هتي الله ڪان جيڪي بہ گھربو سو ملي ويندو
نبي جي بارگاهہ ۾ عرض عاجز جا اگھائيندا

مديني مان نہ ڪو محروم ٿي ”مشتاق“ موٽيو آ
سٽي سيني سوالن کي اجابت سان اگھائيندا

-------------- ❊❊❊ --------------

# مديني جي فضائن جي....!

ڪيان تعريف ڪهڙي مان مديني جي فضائن جي
لڳي جنت کان بهتر تازگي جنهن جي هوائن جي

جڏهن دلگير دل پهچن ٿا روضي پاڪ جي ويجهو
ٿئي ٿي ڪيفيت پرسوز عاشق جي ادائن جي

هلي هرگز نٿو علم و عقل زر زور جو سودو
هتي ٻولي لڳي ٿي بس محبّت ۾ وفائن جي

ڪٿي جي خواهشون آيا محبّت سان مديني ۾
ٿئي ٿي پوري هر هڪ آرزو اهڙن عشاقن جي

ملي ٿو مان هر مهمان کي ڪوجهو هجي ڪارو
نہ حاجت آهي هت هرگز سوالن جي جوابن جي

هتين خالي هلي آيا مگر جهوليون ڀري موٽيا
ڪٿي جي سوکڙي آيا درودن جي سلامن جي

ڪيان تعريف ڪهڙي رحمت - عالم جي رحمت جي
پڇا ڳاڇا ڪئي ناهي ڪڏهن ڏوهن ثوابن جي

ثنا خواني جا تحفا پيش خدمت ۾ ڪيم جنهن ڏينهن
عنايت آهي ٿي ان وقت کان اڻ ڪٿ عطائن جي

دعا جيڪا پڇي رب وٽ محمّد جي وسيلي سان
اجابت ٿي ٿئي الله وٽ اهڙين دعائن جي

اميدن جون ٽڙي مکڙيون پيون ”مشتاق“ جي من جون
ٿي روضي پاڪ جي ويجهو جڏهن رحمت بهارن جي

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# نذرانہ عقيدت ببارگاہ قلندر لال شهباز سيوهاڻي....!

او قلنــــدر لال، او شـــهباز شـــاهہ،
ســرزمين- سـنڌ جــا مهتــاب ماهـہ،
تنهنجــي آهيــون آســري عــالم پناهـہ،
پنهنجي مستانن ڏي ڪر هڪڙي نگاهہ.

تنهنجـا هـي مظلـوم ۽ مجبـور سـڀ،
تــي وجــن محبـوب ۽ مســرور ســڀ.

اڄ تـہ توســان حــال دل جــو اوريــان،
ســور ســيني جــا ســمورا ســوريان،
ڏيهـہ جــا ڏڪ ڏرت ســارا ڏوريــان،
دل جي زخمـن کـي نئـين سـر چوريـان.

جـت ڪٽـي آئـين تـون پيغـامِ - حيـات،
ڏس ڪـري ڇـا ٿـي اتـي انسـان ذات.

ٿـــي پيــا پيــدا وري آهـــن هُنـــود،
ويــا ٽپــي انســانيت جــون ســڀ حُــدود،
مسـجدِ اقصـيٰ تـي ڪـن ٿـا جيـئن يهـود،
تيـئن هتـي دشـمن لئـي سـنڌين جـو وجـود.

تـن ڪـي تـون سيڪت ڏي ۽ ساڃاهہ ڏي،
لا الٰـــــ وارن ڪـــــي اِلا الله ڏي.

ڏس اڄي تون پنهنجي همہ وطنن جو حال،
جن کي نـاهي تنهنجي ننگري جو خيـال،
ٿـي ويـو آهـي هتـي سـڀ ڪجهـہ حـلال،
آ ڪتــي، تنهنجــو يــلا جــوش و جــلال.

هـي ڀڳـل ڪشـتي حوالي سير ڪـر،
نئـين سـري انسـانيت تعميـر ڪـر.

عقــل كـــان اعلـــيٰ قلنـــدر جـــو مقـــام،
گـــودڙي كـــي تـــاج شـــاهي كـــن ســـلام،
جت نـہ آهـن ڏينهن راتيون صبح و شام،
۽ نكـــي هـــي شمســـي و قمـــري نظـــام،

ان جڳهہ شـــهباز جـــو پـــرواز آهـــہ،
جـــت نـــہ كـــو انجـــام آ، آغـــاز آهـــہ.

ڏس كتـــان مهـــراڻ كاهينـــدو اچـــي،
جهنـــگ جهـــر ميـــدان پائينـــدو اچـــي،
تنهنجـــي در ڏي گيـــت ڳائينـــدو اچـــي،
مـــوج ســـان مرليـــون وڄائينـــدو اچـــي،

پـــائي هـــت پـــاڻي تـــو درجـــو كيـــر جـــو،
خـــاك ۾ آهـــي اثـــر اكســـير جـــو.

تنهنجـــي در تـــي تـــي وڄـــي جيكـــا ڌمـــال،
ســـاز ان جـــي ۾ پيـــل ســـوزِ بـــلال،
عشـــق بـــوذر جـــو ۽ يوســـف جـــوُ جمـــال،
رمـــز رومـــي جـــي ۽ جـــامي جـــو جـــلال،

كـــربلا جـــو قـــرب تـــو حاصـــل تـــئي،
بـــدر و خيبـــر ڏانهـــن دل مائـــل تـــئي.

تنهنجـــي مينـــدي رنـــگ لايـــو تـــي چـــڏي،
نقـــش كهنـــا ســـڀ مٽـــايو تـــي چـــڏي،
جهـــرك كـــي شـــاهين نـــاهيو تـــي چـــڏي،
ڇـــا منجهـــان ڇـــا ڇـــا بنـــايو تـــي چـــڏي،

تنهنجـــي مدهوشـــي فنـــا فـــي الله آهـــہ،
تنهنجـــي خاموشـــي بقـــا بـــالله آهـــہ.

غيـــرتِ يـــزدان جـــو تـــي ابـــرِ كـــرم،
تـــو ڏنـــو عـــزت ۽ عصـــمت كـــيَ جـــنم،
بـــي حيـــائي جـــو كرائـــي ســـر قلـــم،
شـــهر ســـيوهڻ كـــي كيـــئي بيـــت الحـــرم،

تنهنجي فيضانِ - نظر جي نور سان،
طائفـہ برتـــر ويَـــون تـــي حـــور كـــان.

هت هيا ڪيئي اڏايل سومنات،
تو پڳا هڪ هڪ ڪري لات و منات،
وئي بدلجي گويا ساري ڪائنات،
تي وئي آزاد ڄڻ انسان ذات.

جنهن طرف تنهنجا نماڻا نيڻ ٿيا،
لوهه جا پُتلا ب گويا ميڻ ٿيا.

تو ڪيو رائج نبي وارو نظام،
آدميّت کي مليو اعليٰ مقام،
ٿي ربوبيّت ڪري جنهن جو سلام،
ٿي ويو بندو خدا سان هم ڪلام.

ويا هٽي پردا ۽ دوري دور ٿي،
خاڪ جو ويو ذرّو ذرّو نور ٿي.

عشق ۽ الفت جا ميخانا هتي،
پرت وارن لاءِ پيمانا هتي،
مست مستي ۾ ٿيا مستانا هتي،
ساهه سر ڪن ٿا سي نذرانا هتي.

تو پرين واهڙ وهائي فيض جا،
عاشقن کي تو ڪري واصِل خدا.

لال لائي رنگ تو لاهوت جو،
نيهن جنهن جي ۾ نشو ناسوت جو،
ڄڻ جلالي جلوو آ جبروت جو،
جنهن جي مرقد تي مزو ملڪوت جو.

هت فرشتا پي اچي ڪن ٿا سلام،
عبد جو الله ڪري تو احترام.

جنهن کي تنهنجي در جي درباني ملي،
تنهن کي ڄڻ تعليم قرآني ملي،
عشق نبوي، رمزِ رباني ملي،
دين ۽ دنيا جي سلطاني ملي،

زورِ حيدر صدقِ سلماني هتي،
عشق بوزر راز رحماني هتي.

سنڌڙي جو شاهه تون، شهباز تون،
عشق جو آلاپ تون، آواز تون،
سوز و الفت جو سراپا ساز تون،
نازنينن جو نسورو ناز تون.

رات ڏينهن رب ساڻ تنهنجو قيل و قال،
گويا سيوهڻ طور سينا جي مثال.

سنڌ جي دولهه دليرن جا ڏٽي،
سيّدن پيرن فقيرن جا ڏٽي،
رئيس راجائن اميرن جا ڏٽي،
ڪوجهڙن ڪارن ۽ ميرن جا ڏٽي.

منهنجو لالڻ لال آ، لک پال آهه،
جو هلي آيو، سو مالا مال آهه.

پنهنجي مستانن جي لڄ رکجانءِ لال،
تنهنجي در ”مشتاق“ جو آهي سوال،
سائيءِ تو آهي سائيء ذوالجلال،
تنهنڪري ناهي ڪو پائي جو خيال.

تنهنجا نانگا قوم جو ٿيا ننگ و نام،
سنڌ تي شاهي ڪندا تنهنجا غلام.

1965ع

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# پٽائيءَ کي پيٽا.....!

پٽ ڌڻي جي آهي الفت خاص توڙي عام ۾،
ڪيئي محمود ۽ اياز آهن وڪوڙيل دام ۾،
آيتن جو عڪس آهي هوبهو پيغام ۾،
صبح واري روشني پيدا ڪئي، جنهن شام ۾،

جنهن جو هر هڪ بيت عالَم لاءِ پيغامِ حيات،
حاضري جنهن جي پرن شاهه و گدا تا ڏينهَن رات.

معرفت جو گنج سڄي تو رسالو شاهه جو،
جنهن جي سِٽ سِٽ ۾ سمايل آ سبق ساڃاهه جو،
تو رهي ميڙو متل هر وقت حق آگاهه جو،
هوبهو منظر ملي تو نات جو ۽ ناهه جو،

ريت جي ذرّن کي پٽ ۾ طور جو درجو مليو،
بيت جي هر حرف ۾ الهام ربّاني ٿيو.

جنهن شريعت کي بڻايو زندگي جي شاهه راهه،
جو طريقت جي طريقي ساڻ حق آگاهه آهه،
معرفت جي روشني روشن ڪيا دل ۽ نگاهه
تا رهن حق سان حقيقت ۾ سندس ساهه ۽ پساهه،

جنهن جي قول و فعل ۾ توحيد ۽ عشق - رسول،
حبّ اصحابن جي، الفت ۽ ادب آلِ بتول.

شاهه جي روضي تي اچ پي تا پروڙن رند راز،
نينهن وارن جو رهي رب ساڻ هت راز و نياز،
سالڪن کي تو ملي سڪ جو سبق ۽ سوز و ساز،
هت جهلي جهولي هميشه بيٺا استاد ۽ اياز،

سورلي، آءِ آءِ قاضي، آڏواڻي ۽ بلوچ،
قاسمي، دائودپوٽي کي هميشه تنهنجي سوچ.

سنڌڙي توکي سڏي ٿي سنڌ جا عالم پناھہ،
تنھنجي در تي دانھين بيٺو آھي، اڄ درياھہ شاھہ،
سنڌ جي ڌرتي ڦري ڦورن ڪئي آھي تباھہ،
تون اچي چنگيزين جو ھي سمورو ڊوھہ ڊاھہ،

نئين سري رنگين ڪر، ھن ديس جي تصوير کي،
تون وري تبديل ڪر، تدبير سان تقدير کي.

مارئي جي مارئن ۽ ديس لئي سڪ بي مثال،
قرب وارن لاءِ سسئي جا ڪشالا باڪمال،
داستان سھڻي جو ساھڙ جي طلب ۾ لازوال،
سونھن سورٺ جي ۽ نوري جي سدا نئڙت نھال،

شاھہ جون سپ سورميون ھمّت ۽ جرئت جو سبق،
سنڌ سان الفت رکڻ وارن لئي عبرت جو سبق.

سنڌ جي تھذيب ٻولي ۽ ثقافت جا امين،
سنڌ جي تاريخ رسمن ۽ روايت جا امين،
سنڌ جي شعر و سخن ساچاھہ ساھت جا امين،
سادڙا سنڌي ٿيا، تنھنجي امانت جا امين،

نوجوانن جا ارادا، عزم، اٽتر ۽ اٽل،
ميڻ ٿي پوندا پھڻ ۽ ريت ٿي ويندا جبل،

تنھنجي پياري سنڌڙي جي لڄ رکڻ وارا الکين،
ڌرتي جي ذرّن کي چاھت سان چمڻ وارا الکين،
ديس جي انگ انگ تي ٿيا سر ڏيڻ وارا الکين،
ويل اوکي ۽ اڙانگي ۾ کسڻ وارا الکين،

جن جي ھيبت کان ڊڄن ٿا جھنگلن جا شير پي،
جن جي آھٽ کي ٻڌي دشمن وڃن ٿا ڏير ٿي.

عاشقن کي تو چيو ڏک زهر جا پيئندا وڃو،
تو پتنگن کي ٻڌايو باهه ۾ پچندا وڃو،
ڪنڌ تي ڪاتي هجي تہ بہ ڪوڙ مان ڪُڏندا وڃو،
سر ڏيڻ لئي سوري تي نچندا وڃو، کِلندا وڃو،

تنهنجي هن پيغام تي تيّار ديوانا گهڻا،
ساهہ سر گهورين ٿا ”مشتاق“ مستانا گهڻا.

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

## ڀٽائي کي ڀيٽا.....!

شاعرن ۾ سڀ کان اعليٰ آهہ نالو شاهہ جو
هر رسالي کان اتم آهي رسالو شاهہ جو
سنڌ ۽ سنڌي زبان ايندي نہ تيسين سمجهہ ۾
جيسين ناهي هر حوالي ۾ حوالو شاهہ جو

جسم سان جهڙي طرح آهي تعّلق ساهہ جو
سنڌ وارن ساڻ ساڳيو آهي ناتو شاهہ جو
معرفت جو آ سمايل گنج هر هڪ حرف ۾
چڻ رسالو ترجمان آهي ڪلام الله جو

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

## قطعو

شڪستہ پر نگاهِ فيض سان ٿي،
زمين کان عرش، پهچايا قلندر،
اياز آيا ۽ ٿي محمود نڪتا،
ڇڏي پلٽي سندن ڪايا قلندر.

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# نذرِ عقيدت....!

## حضرت علامہ ميان غلام محمد مهيسر رحمت الله عليہ

وليّ ڪامل فقيہِ فاضل ميان مهيسر غلام محمد
نہ علم ديني ۾ ڪو مُماثل ميان مهيسر غلام محمد

سڏن ٿا شيخ الحديث جنهن کي ۽ علم تفسير ۾ علامہ
ٿي جنهن تي شرح و بيان نازل ميان مهيسر غلام محمد

ڪمال ديري کي بخشيو جنهن ڪمال سو باڪمال انسان
هميشہ علم و عمل ۾ عامل ميان مهيسر غلام محمد

هو فيض - عام جو اهڙو درياهہ هميشہ موجن ۾ آهي جنهن جو
ڪنڌي ڪنار نہ ڪوئي ساحل ميان مهيسر غلام محمد

پيار مان جامِ عشق جنهن تي پياريو هر بُري ڀلي کي
ٿيا محبت ۾ جنهن جي مائل ميان مهيسر غلام محمد

هميشہ مجلس ۾ ذڪر جاري رهيو خدا ۽ رسول جو تي
هيا امير ۽ غريب شامل ميان مهيسر غلام محمد

رهي شريعت سان گڏ طريقت حقيقت ۽ حق جي معرفت ۾
هڙئي حياتي جا هڙ ۽ حاصل ميان مهيسر غلام محمد

قدم زمين تي هيا هميشہ مگر هو پرواز آسمان تي
ٿيا تي شب روز طئي منازل ميان مهيسر غلام محمد

صداقت ۽ سادگي جو پيڪر، مثال مهمان نوازي جو هو
خلوص، خوش خُلق، حق جو حامل ميان مهيسر غلام محمد

مجُاهده و زهد و تقويٰ توبهہ توڪّل ۽ عفو برد باري
سفاتِ حسنات جا شمائل ميان مهيسر غلام محمد

مثال جنهن جو ملي ٿو مشڪل سان انڪساري ۽ عاجزي ۾
نہ ڪنهن جي غيبت گلا جو قائل ميان مهيسر غلام محمد

پري تڪبّر وڏائي ڪان ۽ غرور جي گمراهين ڪان
نياز نوڙت هيا خصائل ميان مهيسر غلام محمّد

نبي جو عاشق، موحّدِ - حق، رسول جي آل جو ثناگر
ثناء اصحاب جو عنادل ميان مهيسر غلام محمد

ڪرامتون ۽ ڪمال جنهن جا ننڍي وڏي جي زبان زد ٿيا
ڪيا دعا ساڻ حل مسائل ميان مهيسر غلام محمد

اوهان جي رونق ڀري روايت اڃان بہ جاري ۽ ساري حضرت
درود ۽ ذڪر جون محافل ميان مهيسر غلام محمد

عطا ڪيون جنهن ڪي پنهنجي اللہ دين و دنيا جون نعمتون سڀ
نہ ڪوئي "مشتاق" مد مقابل ميان مهيسر غلام محمد

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# سنڌ جي ايڪتا _ سنڌو دريا....!

هي درياءِ جنهن کان ڊنو تي سڪندر
هلي هي هماليه کان پهتو سمندر
رهن جنهن جي پر ۾ پٽائي قلندر
هميشه کان هي سنڌ جي ساه وانگر

ازل کان ئي سڏجي ٿو سنڌو ندي
اهو ملڪيت آهي سنڌين سندي

متا ميڙا جنهن جي ڪنارن اُتي
اڏيا پنهنجا پڪڙا پنهوارن اُتي
رکيا پنهنجا ڏڻ پڻ ڏنارن اتي
هيا سانگي جنهن جي سهارن اُتي

شهر ڳوٺ آباد ٿيندا ويا
ڏسي جنهن کي سڀ شاد ٿيندا رهيا

ڪئي ڳالهه تنهنجي پٽائي گهڻي
ويون ان کي تنهنجون ادائون وڻي
گهڙي سير سهڻي، ته سهڻي بڻي
هِتي ويئو ميهار ميخون هڻي

هُئي جيڪا سرعت ۽ سگهه سير ۾
ڏٺم کان تيزي اها تير ۾

اُهي تنهنجي موجن ۾ چوليون ڪٿي
اُهي تنهنجي لهرن جون لوليون ڪٿي
ڪُنن منجهه ڪڙڪن جون ٻوليون ڪٿي
مَڏن تي ملاحن جون ٽوليون ڪٿي

ڏسي توکي غوراب ڏڪندا هيا
پري سير تنهن جي کان ڀڄندا هيا

ٻُـــدا ٻـــارڻ نوجـــوان گـــڏ ٿيـــا هِـــت
ڏيـــن تـــوکي پيٽـــا جـــتن جـــا جٿـــا هـــت
اُنهـــن عهـــد و پيمـــان توســـان کيـــا هـــت
تـــہ قربـــان ٿينـــدا مـــٿن تـــي مٿـــا هـــت

وري نيـــٽ مـــوجن ۾ مهـــراڻ اينـــدو
ســـجاڳي ۾ ســـرويچ ســـرواڻ اينـــدو

خـــدا ســـند کـــي ٿـــاهيو جنـــت جـــو ٽکـــرو
وڏي واڪ دشـــمن کـــري جـــنهن جـــو وکـــرو
کٿـــي آهـــي پنهنجـــو جـــوان مـــرد جکـــرو
کـــري پـــاڻ کـــان پنهنجـــي دشـــمن کـــي وکـــرو

هـــي غيـــرت جـــي نـــالي تـــي للڪـــار آهـــي
سـڄـي سند جـنهن ساڻ سهڪار آهـي

لٿـــو نـــاه چشـــما ۾ جهلـــم جـــو داغ
اڏڻ ٿـــا گهـــرن ســـي وري کـــالا بـــاغ
اُجهـــائڻ گهُـــرن ٿـــا اســـان جـــو چـــراغ
هـــي آهـــن چريـــا يـــا ڦريـــو ٿـــن دمـــاغ

ڏنـــو ســـند وارن هـــي آهـــي نيـــاپو
کيـــو تنـــگ چـــو ٿـــا اســـان جـــو جيـــاپو

جتـــي تـــنهن جـــي لهـــرن جـــون ويـــرون هيـــون
اتـــي ريـــت جـــا ڍيـــر ۾ ڍيريـــون ٿيـــون
جتـــي ســـير ٻيڙيـــون ڪُـــنن ۾ کيـــون
ڦٿـــي پيـــا اُتـــي اڄ لـــوا ۾ ليـــون

اجـــان ڏيـــم جيکـــي اڏائـــڻ گهُـــرن ٿـــا
ســـي تـــاريخ تـــنهن جـــي مٽـــائڻ گهـــر ٿـــا

ڪيئي مير بحريون مهاڻيون رئن
سچي سنڌ جون ٿيون نياڻيون رئن
سوين سهڻي جهڙيون سياڻيون رئن
تماچي ۽ نوري نماڻيون رُئن

ڪيو سنڌ وارن آ ڪهڙو گناهه
سڪايو اٿن پنهنجو درياءَ شاهه

ٻَلا ڪُرڙا چرڪا ۽ ٿيلهيون رئن
ڳئون ميهنيون چيلا ۽ چيليون رئن
ڪمند ڪٽڪ ۽ ونئڻ ساريون رئن
سچي سنڌ جون راج راڻيون رئن

ٿيو هر طرف روج راڙو وطن ۾
اچي ويو هي ڪهڙو ڏهاڙو وطن ۾

ڪڇي ۽ پڪي ۾ نه رونق رهي
اچن ٿا نه اج ساڳيا واهڙ وهي
ويا واهه سارا سڪي ۽ لهي
ڦليلي ۽ ناري جي مستي وئي

ويا تنهنجا ڪاڏي اهي لس لپيٽ
ٿيو خالي پاڻي کان اج تنهنجو پيٽ

ڪري ياد توکي تتر ٿا تنوارن
پڪي ڍنڍ جا توکي پلپل پڪارن
نه سا موج منڇر نه ڪينجهر ڪنارن
فصل ڪيت پوکون نئين سج نهارن

هي وٽراهه ٻيلا سڪي نوٽو ٿي ويا
شهر ڳوٺ واهڻ پڊر پوٺو ٿي ويا

هــتن ۾ نـــ ڪٽنداســون جيســين ڪهـــاڙو
پيـــو هٽنـــدو ڌاڙيـــل پـــاٽي تـــي ڌاڙو
ڏســـڻ ٿـــا گهـــرن هـــو بکيـــو ۽ اگهـــاڙو
هـــي ڪيـــڏو نـــ آهـــي ســـدورو ڏهـــاڙو

اٿي پئي سچي سنڌ پنهنجي حقن لئي
ٻڌي آئي سر ساڻ اجرڪ ڪفن لئي

هـــي ســـنڌوندي پنهنجـــي غيـــرت جـــو نـــالو
هـــي ســـنڌوندي پنهنجـــي عـــزت جـــو نـــالو
هـــي ســـنڌو نـــدي پنهنجـــي جيـــوت جـــو نـــالو
هـــي ســـنڌو نـــدي پنهنجـــي عظمـــت جـــو نـــالو

تـون غيـرت ۽ عـزت ۽ عظمت اسان جي
تون جيوت سان گڏ شان شوڪت اسان جي

اســـان ڪـــي آ اجـــرڪ ۽ ٽـــوپي پيـــاري
ثقافـــت ۽ تهـــذيب پنهنجـــي نيـــاري
مڪـــي ۽ مـــديني جـــي خوشـــبوءِ واري
ڏئـــي روح رات ۽ دل ڪـــي بهـــاري

هي ڪوشش ۽ ڪاوش ڪي شاباس آهي
خوشين ۾ زمين تـوڙي آڪاش آهـي

اســـان ســـنڌ ڇـــاوا باهمـــت حلالـــي
ڪـــڏهن ڪنهنجـــي در ناهـــ ٽيٽـــو ســـوالي
رڳـــو زنـــده رکٽـــو آ جـــذبو جلالـــي
تـــ ســـنڌو نـــدي جـــي ٿـــي وينـــدي بحـــالي

ڏنـو آهـي جـن اج سـجاڳي جـو سـڏ
سـچي سـنڌ تـن سـاڻ ”مشـتاق“ گـڏ

-------------- ❊❊❊ --------------

# بينظير شهيد جي ياد ۾....!

تون هيڪار وانگر هوائن ۾ آهين
زمين آسمان جي فضائن ۾ آهين
ڪٿي ظاهري تون حجابن ۾ آهين
مگر سڀ جي ساهن پساهن ۾ آهين

چِٽيل دل اندر تنهنجي تصوير آهي
اسان جي اميدن جي تعبير آهي

اکين ۾ تري ٿي اچي بينظير
هميشه دلين ۾ رهي بينظير
نه گُوليو پئي هند ڪٿي بينظير
اسان ساڻ آهي هتي بينظير

هو ماڻي شهادت امر ٿي وئي
اميدن جي روشن سحر ٿي وئي

سڄي سنڌ جو جڻ سهارو هئي
ڪُنن مان ڪيڏڻ جو ڪنارو هئي
اپوجهن جي آتت ۽ آرو هئي
هو پنهنجن پراون کي پيارو هئي

اڪائي جي مضبوط زنجير هئي
عدو جي اکين ۾ اٽل تير هئي

نه ماضي جي موجن ۾ مهراڻ آهي
نه ڪا سنڌ ۾ ساڃي سرهاڻ آهي
نڪي چوڏهين چنڊ چانڊاڻ آهي
وئي وچڙي سرويچ سرواڻ آهي

اگر آهي ڪوفو يزيدن جي ڌرتي
سڄي سنڌ آهي شهيدن جي ڌرتي

خدا تنهنجي منزل شهادت ڪئي
سياست ۾ تنهنجي عبادت ڪئي
تو زينب جي زنده روايت ڪئي
يزيدن جي هرگز نه بيعت ڪئي

ڪري سارو جڳ جرئتن کي سلام
بهادر ادي، همتن کي سلام

اجهان ڪين پهتا ڪٿهڙي ۾ قاتل
پلا خون - ناحق کان آهيو ڇو غافل
وزارت صدارت جا عهدا ٿيا حاصل
شمر آهي شايد ٿيو صف ۾ شامل

تڏهن قاتلن کي ٿا تاري ڇڏيو
انهيءَ لاءِ مون کي وساري ڇڏيو

ڪرڻ ٿا گهرن سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا
سهو ٿا انهن جا اجهان ناز نخرا
ڪيو ڇو نٿا تن جا منصوبا وڪرا
اجهان جنگ جوٽيو نٿا تن سان جڪرا

اصل کان ٿيا جيڪي ويري وطن جا
نه ٿيندا ڪڏهن دوست اهل - چمن جا

برن کان ڪڏهن ڪا پلائي نه ٿيندي
ڪٽر دشمنن کان چڱائي نه ٿيندي
پلي آزمايو سچائي نه ٿيندي
خوشي پنهنجي تن کي سهائي نه ٿيندي

هي پاٽي نه آهي رڳو رڃ آهي
هي وستي نه واهڻ سدا سڃ آهي

هي پي پي جماعت شهيدن جي آهي
مقدّس امانت شهيدن جي آهي
اهائي هدايت شهيدن جي آهي
انهيءَ منجهه راحت شهيدن جي آهي

تہ ايمانداري سان خدمت ڪيو
سياست ۾ گويا عبادت ڪيو

ڪيو ديس مان بک ۽ بي روزگاري
امن آشتي جي هجي هت بهاري
ڪرپشن ۽ رشوت ڪيو ختم ساري
اوهان سان تڏهن ٿيندي خوش پيءُ پياري

انهيءَ لاءِ قربان ٿي وئي وطن تان
ڏجڻ واري هرگز نہ هئي دشمنن کان

ذرا پر ڪئي جيڪڏهن ڪنهن خيانت
ڪلي عام ٿيندي انهي جي ملامت
ڪندا ڪارڪن ضبط ان جي ضمانت
سندس حلقو هنن لاءِ هوندو قيامت

ڪٽيندو نہ بندوق جي زور تي
نڪي پئسي ڏوڪڙ جي گهنگور تي

اسان مان ڪئي هن سان جنهن بي وفائي
ڪندا ڪارڪن، ان جي اهڙي پٽائي
اچي ياد ويندس ڇٽي جي مٽائي
ڇڏائن نہ ان کي سچل ۽ پٽائي

اهو پارٽي جو وفادار ناهي
جو پنهنجن جو ڏک ۾ مددگار ناهي

اڳيون وقت پنهنجو ادا ياد ڪر
جي ڪرسي تي آهين خدا ياد ڪر
ڪيل قوم سان واعدا ياد ڪر
نہ رهندي هي ڪرسي سدا ياد ڪر

وري در تي ايندين گهڙ ووٽ آخر
وٺي ويندين ساڳي مٺا موٽ آخر

غريبن اڀوجهن جو ليڊر سڏائين
ملڻ تا اچن تن کان ڇو ٿو لڪائين
انهن جو ڏکن ۾ نٿو هٿ ونڊائين
اچان سور تن جا ٿو ويتر وڌائين

هي ٻي ٻي ۽ پيٽو جا ”مشتاق“ آهن
ازل کان ئي پي پي جا عُشّاق آهن

۲۴ جنوري ۲۰۱۰ع

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي ياد.....!

محبّت، سند سان ڪئي عمر ساري طالب الموليٰ
ڪري ٿي پيار توسان سنڌ پياري طالب الموليٰ

ڪيو مانائتو مخدوميت جو مان خدمت سان
وڌي تنهنجي خدا کي خاڪساري طالب الموليٰ

سياست کي شرافت سان عبادت جو ڏنو درجو
سياست جي تو سينڌ آهي سنواري طالب الموليٰ

ثقافت ٻولي ۽ تهذيب کي نئين زندگي بخشي
لطيفي لات ٻيهر تو جياري طالب الموليٰ

ادارن انجمن بزمن جي رونق جنهن جي دم سان هئي
ڪئي علم و ادب جي آبياري طالب الموليٰ

ڪري ٿي ياد بزم - طالب الموليٰ ٻـ اڄ توکي
جمعيت شعراء سنڌ آهي اجاري طالب الموليٰ

ادب شعر و سخن جون محفلون آهن اداس اڄ پڻ
حياتي جن جي خدمت ۾ گذاري طالب الموليٰ

هُو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن جي حيثيت ۾ هو
ٿي شخصيّت نياري نامياري طالب الموليٰ

سندس اخلاق سهڻن جي کهاڻي اڻ کٽڻ واري
ملي عزت ۽ شهرت مانواري طالب الموليٰ

وڇوڙو تنهنجو آهي عمر ڀر جو روڳ بڻجي ويو
بهارن ۾ رهي ناهي بهاري طالب الموليٰ

ڳڻي سگهبا نـ ڳُڻ تنهنجا، ڳڻڻ کان ڳڻ ڳرا آهن
ٿيو ”مشتاق“ تنهنجو ڇڻ مياري طالب الموليٰ

--------------- ❊❊❊ ---------------

# پيارا پير پاڳارا...!

سڄوري سنڌ جا سورهيہ سهارا، پير پاڳارا،
وطن وارن جي واهر واهہ وارا، پير پاڳارا.

ڪيو اڄ سنڌ جي وحدت تي حملو بزدلن آهي،
ڪري همّت هٽايو هي هچارا، پير پاڳارا.

امڙ ڌرتي جو آهي قرض توکي لاهڻو سائين،
هي سنّت تُنهنجي وڏڙن جي پلارا، پير پاڳارا.

قدم اڳي وڌايو منزلون آسان ٿي وينديون،
ڪُماٽيل قوم جي دل جا قرارا، پير پاڳارا

خدا جو سُنهہ سموري سنڌ جو آ ساٿ اڄ توسان،
قيادت تنهنجي ڪشتي لئي ڪنارا، پير پاڳارا.

سراپا سنڌ جي تقسيم جي سازش سِٽي دشمن،
ڪيو ناڪام هي سازش سگهارا، پير پاڳارا.

پتو پئجي ويو اڄ قوم کي آ دوست دشمن جو،
ڏيو دلجاءِ دلداري دُلارا، پير پاڳارا

اچي وئي سنڌ سورن ۾ ڪيو سرواڻ سرواڻي،
رکيا آڏو اوهان جي سور سارا، پير پاڳارا.

ٻَڌي سر سان ڪفن ”مشتاق“ نڪتا اڄ اوهان سان گڏ،
هڻو ”فتح مبين“ نعرا پيارا، پير پاڳارا.

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 91 سالگره جي ڏڻ تي خراج _ عقيدت.....!

وَهُــوّ بَحُــر لّمَــا يَنطــق يَمُــوجَ - وَ هُوبَــدَر لّعظمتــه عُــروج
فِــي اَرضِ السـنّد هُـو بَطـل جَلِيـل - فِـي بَاكسـتان لـَ مَثَـل قَليـل

بـذات - خـويش ايـن درّ يگانــ - گـران بـر انجمـن صـد عالمانــ
مثالش نيست در تحرير و تقرير - جوان تراز جوان اين مردمـ - پير

اديبن عالمن جو آهي سرتاج - مليو تحقيق کي جنهن ساڻ معراج
ڏني تعليم کي جنهن عمر ساري - ڪئي علم و ادب جي آبياري

زمانا ڈھونڈتا ہے سالہا سال بمشکل ملتے ہیں وہ صاحب-حال
کہ جن کے دم سے ہر سُو روشنی ہو وجودان کا پیام-زندگی ہو

**Globally known Scholar Researcher**
**Professor Prominent Teacher**
**Graciously Greeting Every one**
**Preaching Peace and love, Harming None**

خدا ڏي بي بها بخشش نبي بخش - سچا عالم ڪريندا جنهن تي عش عش
دعا ”مشتاق“ ڏي هر دم اها هي - نبي تيڏي مَدَد حامي خدا هي

-------------- ❊❊❊ --------------

# مرحوم غلام رباني آگرو جي وفات تي....!

نهايــت محتــرمر ۽ مــانوارو- ربــاني آگــرو مرحــومر پيــارو
سخن جي فن ۾ هُو سڀ کان نيارو- پريندو خال هُن جو ڪير يارو

هــو پــنهن جــي ذات ۾ هـــڪ انجمـــن هـــو
۽ هــر هـــڪ انجمـــن جـــو نـــورتن هـــو

قلم ۾ سندو دريا واريون چوليون- قلم ۾ منڙي امڙ واريون لوليون
قلم ۾ ڳوٺ واهڻ واريون ٻوليون- قلم ۾ پيار وارن جون پروليون

قلـــم اســـپ- تخيـــلّ کـــي نـــہ پهتـــو
بيـــان جـــذبات جـــي دز تـــي نـــہ پهتـــو

سمند سيني ۾ جذبن جو سمايل - خيالن جا لکين موتي لکايل
دل- بيتاب ۾ دونهان دکايل- هميشه فڪر جي فرحي پڙهايل

ادائـــــــن ۾ انوڪـــــــو ۽ نيـــــــارو
پٽـــائي ۽ ســـچل جـــــي ســـوچ وارو

بيان ۾ ”گاج نئين“ واري رواني- هيس هر هڪ کهاڻي برزباني
ڪئي تاريخ جي جنهن ترجماني- جدا ٿي ويو هي جانب ناگهاني

ڪچهـــري ۾ چڙيـــو ٿـــي بحـــث جيڪـــر
هُئـــي هـــر ڳالهـــہ هُـــن جـــي حـــرف- آخـــر

محبّت جا متل آڙاهہ دل ۾- ٻريل هئي عشق جي چڻ باهہ دل ۾
سپاجهي سنڌ سانديل ساهہ دل ۾- پڪو هو دين جو ويساهہ دل ۾

لکيـــائين ڪيئـــي افســـانا کهـــاڻيون
هيـــا ڪـــردار اباڻـــا ۽ ابـــاڻيون

دفن دل ۾ ها يادن جا خزانا - اڪابر - سنڌ جا رنگين فسانا
ملا توڙي موالين جا زمانا - هيا هن جي نگاهن جا نشانا

لڪل پردي پٺيان هر هڪ کهاڻي
هيس معلوم اوّل تا پُڇاڻي

ڪئي علم و ادب جي آبياري - ادارن کي ڏني جنهن عمر ساري
خزائن ۾ ٻه هُن آندي بهاري - قلم جي آبرو جنهن کي پياري

هر هڪ انداز هو جنهن جو نرالو
هيو سنڌي ثقافت جو رسالو

تري دل تي اچن ٿيون يادگيريون - خيالن ۾ نچن ٿيون يادگيريون
اکيون هر هر ڏسن ٿيون يادگيريون - وري ور ڏئي چون ٿيون يادگيريون

تصوّر نقش جنهن جو دل ۾ آهي
هو گڏ "مشتاق" سان محفل ۾ آهي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي يارهين ورسي جي موقعي تي....!

خان محمد جي يارهين ورسي تي
گڏ ٿيا هُن جا دوست رشتيدار

ملڪ ڀر جا اديب دانشور
خدمتون هُن جون ڪن ٿا گوشگذار

نيڪ سيرت ۽ نيڪ بخت وڏو
جنهن جي خوبين جو ناهه ڪوئي شمار

ڪنهن سان هو منهن گهنجائي ڪونه مليو
سڀ سان جنهنجو خلوص وارو پيار

ڪو سر- راهه ڀي گڏيو هن سان
ٿي ويو هُن جو چڱ هميشه يار

سادڙو ۽ سڀاجهڙو سندي
خوش طبع خوش مزاج خوش گفتار

عشق ماروئڙن سان هو جنهن جو
جيءَ اندر جهانگين جي تانگهه تنوار

ڏيهه جا سور ڏک سندس ڏک سور
سڀ جو همدرد دوست ۽ دلدار

خدمت- خلق هن جو ”موٽو“ هو
بي مثل بي بدل سماج ستار

هن جي محنت ۽ ڪوشش جي ڪري
پهتي گهر گهر سگا ۽ ڳوٺ ستار

مادر- علمي جي جنهن ڪئي خدمت
هو صحافت جي شعبي جو معمار

قاســـــمي راشـــــدي حســــامر الـــــدين
شــــيخ عبدالمجيـــــد ســــاڻ پيـــــار

هـــن جـــي دمر ســـاڻ انجمـــن روشـــن
هـــن جـــي آمـــد ســان بـــزمر بـــاغ بهـــار

ڪاميـــابي ســـندس قـــدمر تـــي چميـــا
زنـــدگي اهـــڙي هـــن ڪئـــي اختيـــار

جـــنهن جـــي يـــادن ســـان اڄ بـــ مجلـــس ۾
آهـــي خوشـــبوءِ جـــي هـــر طـــرف هبڪـــار

پنهنجـــي محنـــت ۽ ڪوشـــش جـــي ڪـــري
پهتـــو هـــن مقـــامر تـــي غريـــب جـــو ٻـــار

اهـــــڙو اعلـــــيٰ مقـــــامر مــــاڻڻ ئـــــي
نـــــاهي لازمر تــــ ڪــــو هجـــــي زردار

ويـــا وڏا چئـــي تـــ ”جـــو وهـــي ســـو لهـــي“
قـــدر مــــاڻهو جـــو آ ســـندس ڪـــردار

نوجـــوان نســـل جـــي هـــدايت لئـــي
اهـــــڙا ڪــــردار روشـــــني مينـــــار

داســـــتان آهـــــي خـــــوبين جـــــو وڏو
ان مـــــان آنـــدا اتـــمر اڪـــر تـــي چـــار

اهـــــڙي ڪـــــردار لازوال جـــــي لئـــــي
پـــيش آهـــن هـــي مـــنهن جـــا چنـــد اشـــعار

تـــمر ســـلامت رهـــو هـــزار بـــرس
هـــر بـــرس ڪـــي هـــون دن پچـــاس هـــزار

آهـــــي ”مشـــــتاق“ جـــــي دعـــــائن ۾
خـــان محمـــد مرحيـــات ليـــل و نهـــار

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# نظم

# بختاور نياڻي....!

مرڪ منهن تي ڏسي نہ پلجي وڃ
هن جي اندر ۾ جهاتي پائي ڏس

خواهشن جي قتل گاهہ جي ويجهو
حسرتن جا پهاڙ تا ڏسجن

هُن جو جوين بهار جي مُند ۾
پيش منظر ڪري خزان جو تو

جنهن ۾ جهولا جهڪون لُڪون آهن
هن جا هٿ پير سي لفون آهن

هن جي غربت سندس جواني کي
درد و غم جو نئون پيام ڏنو

هو تڏا ساهہ تي ڪٽي جڻ ڪنهن
گرم ڪوري مان باهہ تي پڙڪي

گهر بهاري وٿاڻ صاف ڪري
ڪير يي ڏهي ولوڙي يي

رڌ پچاءَ بعد ڪيت تي پهچي
تي ڪري رونبو توڙي لابارو

ڳاهہ ڳاهي ۽ وائري يي هو
مال جو گاهہ مٿي تي دوئي هو

هن کي ڪرٽو پوي تو ڪم سارو
پل هجي سيارو توڙي اونهارو

هي سدا سد وري سونهاري
پوءِ بہ تي سڌائجي ڪاري

ماءُ پيءُ نانءِ رکيو هو بختاور
بخت هن جو ڪڏهن نہ ٿيو يا ور

هو بہ معصوم خواهشون تي رکي
هن جا جذبا بہ موجزن آهن

هُن جا سپنا بہ چُور چُور آهن
خواب سارا مٽي جو سُور آهن

بي بسي بي ڪسي جي حالت ۾
خوبصورت شباب عذاب آهي

گهر کان ٻاهر جي پير پائي ٿي
بدنگاهن جو تي ڏسي طوفان

ڏک ونڊڻ وارا آهن گهٽ
ڏک ڏيڻ وارا بي شمار مگر

خواهشن عيش عشرت جو
هر ڪو سمجهي ٿو هنکي رانديڪو

هن جي عظمت جي ڇو خبر ناهي
هن جي حالت تي ڇو نظر ناهي

هو بہ هِن قوم جي ئي نياڻي آ
تنهن جي منهن جي اسان جي نياڻي آ

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# وفات حسرت آيات مرحوم مغفور عبدالستار ايڌي....!

سچي جڳ جو سورهه سهارو هيو
هر هڪ ماڻهو هن کي پيارو هيو

ڏکايل جي ڏک ۾ ڏکارو هيو
ڀڳل ڪشتي لئي جڻ ڪنارو هيو

ڪري شام - غم پياري پرڀات ويو
چٽو ڏينهن ٻيي جڻ ڪري رات ويو

هيو ذات پنهنجي ۾ هڪ انجمن
عقيدت سان جنهن کي ٿا ايڌي چون

ڪروڙين دلين تي ڪري راڄ ويو
ويو گهوٽ اڌورو ڪري ڪاڄ ويو

سماجي سڌارڪ سهارو ويو
ڪري ڏيهه سارو ڏکارو ويو

رهي رب جي جنهن تي عنايت هميشه
هئي جنهن جي خدمت عبادت هميشه

نظر ۾ نه جنهن جي ڪڏهن ذات پات
فقط جنهن جو مقصود انسان ذات

هو پنهنجن پروان سان يڪسان پيار
هيا دوست اغيار سڀ جنهن جا يار

هو مولود - نوجو سهارو هيو
پٽن وانگي هن کي پيارو هيو

ڪئي پيرسن مرد ۽ عورتون
هيا ايڌي مرڪز سنديون رونقون

ڇڏيو جن کي اولاد گهر کان تڙي
نه جن جو ڪو والي ۽ وارث جڙي

هيو لا علاجن جو جنهن وٽ علاج
ملي اهڙو مشڪل سدارڪ سماج

هيا ڏيهه پر ڏيهه ۾ جنهن جا دفتر
ڪئي خدمت - خلق بهتر ڪان بهتر

يتيمن غريبن سهارو هيو
جوان ٻار پوڙهو پيارو هيو

سڙيل چچريل ڪئي گم نام لاش
هميشه رهي جن جي هِن کي تلاش

ڪفن غسل تن کي هٿن سان ڏئي
جنازي نمازن ۾ شرڪت ڪئي

عزت سان مٿيءَ ماءُ حوالي ڪيو
رياست جو هو ڪم مگر هُن ڪيو

پيارا هيا جان ڪان جانور
ڪئي جن جي پرگهور انسان وانگر

زڪوات ۽ عطيّات خيرات سان
هلي ڪاميابي سان ٿو ڪاروان

هزارن جي تعداد ۾ ڪارڪن
وڇوڙي سبب نالان ۽ نوحه زن

ويو موڪلائي هُو جسماني طور
دلين ۾ سدا رهندو روحاني طور

خدا جون مٿس رحمتون بي شمار
پياري نبي پاڪ جو پڻ پيار

لکيو آهه "مشتاق" هي مرثيو
هميشه رهڻ وارو جنهن جو قصو

-------------- * * * --------------

## وفات حسرت آيات شهيد ڊاڪٽر سمن نياڻي عليها الرحمہ....!

رهـــي ٿـــي يـــاد صـــبح و شـــام تنهنجـــي
حيـــاتي ٿـــي غـــم و آلام مـــنهن جـــي

يُـذَڪِرّنَي ُطلّـوعُ الشَـمِس سـمني
وَابُڪـاني غُـروبُ الشـمس سـمني

وفـــي قُلَبِـــي ڪـــد هـــي تَـــدَورو
وَفِـــي الانفَـــاسِ هِـــيَ ريـــح مـــرورو

ولايُمِّڪِــنُ تـــزول عـــن خيـــالي
و تطلـــع فـــي مســـاءِ ڪـــالهلال

ڪـــ يـــادش گشـــت درد - جـــا و دانـــي
بمـــا مانـــد تـــا مانـــد زنـــدگاني

سـمن "مشـتاق" انعـام - خـدا بـود
صـفاتش خـوبتراز خوبهـا بـود

سـچاروي تيـرے گهـر ڪـي تهـي وه رونـق
سـخي هـنس مکهـ مهربـان اور مشـفق

هٽـي رهڻـان هـي يـاد ان دي سـهاري
وڃـڙ وينـدي جـڏهن ڀڄـڙي پيـاري

ڏنـــي ويعـــين ويتـــر بيقـــراري
رهـــي هـــر وقـــت حالـــت اضـــطراري

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

بھَلا کیسے بُھلا سکتے ہیں اسکو
لگا کر جان سے رکھا تھا جسکو

سمن گلشن ہمارے کی چنبیلی
ویعین اس باغ کی کوئل اکیلی

کہ پائی مان و بیٹی نے شہادت
سدا ملعون قاتل پر ہو لعنت

کرے قاتل کو رب دوزخ حوالے
جلائے جس نے ہیں میرے جیالے

حیاتی بھر رھیگا جیل اندر
ہے اسکی بیوی بھی مجرم برابر

دنیا اور آخرت دوزخ ٹھکانا
جہنم کا بنیں گے سب نشانا

کیا ہے ظالموں نے ظلم ایسا
حیاتی بھر رھیگا درد جس کا

وہ سب اس قتل- ناحق کے ذمیوار
دنیا عقبیٰ میں دوزخ کی سزاوار

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# نو مسلم جي تقريب....!

نسورو نور دين اسلام رب رحمان جي دولت
جا دل ايمان کان خالي اها شيطان جي دولت

نہ اهڙي بخت جي آهي برابر ڪوبہ بختاور
عطا جنهن کي ڪري الله ٿو ايمان جي دولت

سمورا ساز و سامان دين و دنيا جا سنورجي ويا
سنڀالي جنهن رکي سيني اندر قرآن جي دولت

زبان جنهن جي تي هاڻي لااِلہ جو ورد جاري آ
نہ هن جي مٽ مثل ڪنهن خان يا خاڪان جي دولت

خدا جون رحمتون ۽ برڪتون ٿيون بي شمار ان تي
ملي جنهن کي وئي اسلام جي ارڪان جي دولت

قبوليو ڪلمئہ - توحيد جن دل جي سچائي سان
خدا جي آهي هي لطف و ڪرم احسان جي دولت

دنيا ۽ آخرت جو فائدو ئي فائدو جنهن ۾
هي ٿيڻي ناه ڪنهن صورت بہ ڪنهن نقصان جي دولت

پڇاڻي پهتا سارا فرق ذات ۽ قوميت وارا
ملي وئي شيخ صاحب جي لقب سان شان جي دولت

خدا توڙي فرشتا موڪلن ٿا رحمتون هر دم
برابر ناهہ هن جي ڪابہ ڪنهن انسان جي دولت

دعا "مشتاق" جي آهي تہ منهن جا ڀاءُ نؤ مسلم
ٿين ڀين واسطي ڀي حق جي اعلان جي دولت

-------------- ❋❋❋ --------------

# ڊاڪٽر گل حسن لغاري جي بيماري تي لکيل دعا....!

ڏي دوا پنهنجـي دواخـاني منجهـان حـاذق حبيـب
ٿي وجي بيمار تـنهن جي کي شفا جنهن مان نصيب

تنهنجي هڪ نظر - ڪرم سان دور ٿيندا درد و غم
ورنہ آهـي هـن مسـافر جـو سـفر چـڻ عنقريـب

عيسىٰ جي دم ساڻ مرده زنده، ڪوڙهيا ٺيڪ ٿيا
پـر صـلواتن ۽ سـلامن جـو اثـر ان کـان عجيـب

هـر قضـا جـو صـلّ علـىٰ ٿيـو جـڏهن شـافع عـلاج
دور ٿــي وينــدا درودن ســان مــرض مهلــڪ مهيــب

تنهنجـي در ”مشـتاق“ پينـو ٿـو پنـي تـنهن جـي پناهہ
شـل هتـي تـوڙي هُتـي تـنهن جـي شـفاعت ٿـئي نصيب

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# آه....! ڊاڪٽر گل حسن لغاري

مليو مون کي پيغام اندوهناڪ  گذاري ويو ڊاڪٽر گل حسن
مبارڪ جمعو ست نومبر هئي  هيو ويهه سو اٺ جو سن گامزن
شرافت ديانت جي اعليٰ مثال  ادب علم تعليم جي انجمن
مسلسل جفاڪش ۽ محنت شعار  حياتي جي هر موڙ تي ڪوهڪن
گذاري سڄي عمر جنهن سادگي ۾  فقيري ۾ هو گويا شاهه- سخن
هيو فارسي توڙي سنڌي جو ماهر  مقالا ۽ مضمون شاهد هجن
ڪري ويو سڄو چڻ سڄي ڏيهه کي  وڇوڙو سندس آهي درد- ڪهن
خدا جون مٿس رحمتون بي شمار  رهن راضي هن سان سدا پنجتن
هُئي اڏ صدي جي سچي دوستي  ٽيو چاڪ "مشتاق" جو پيرهن

--------------- ❃❃❃ ---------------

# جيون ساٿي جي نانءُ....!

زنگي ڪيڏي خوبصورت آ
تنهن جي مون کي نصيب صحبت آ

تنهن جي موجودگي ۾ سمجهان ٿو
منهن جو گهر منهن جي لاءِ جنت آ

مون ته توسان نڀايو آهي پر
تو ڪئي منهن جي خوب خدمت آ

شان تنهن جو ٻه منهن جي سر سان آ
تنهن جي عزت ٻه منهنجي عزت آ

پُٽ ۽ ڌيءَ پنهنجي ڪم ۾ رڌل
ٻن جڻن جي سدا رفاقت آ

تو رهي توکي منهن جو اوسيئڙو
منهنجي من ۾ ٻه تنهن جي الفت آ

سالها سال گڏ گذاريو آ
هڪ گهڙي جي جدائي آفت آ

لاها چاڙها ٻنهي ڏٺا گڏجي
سور ڏک توڙي عيش و عشرت آ

گڏ مرون گڏ جيئون دعا آهي
باقي رب کي اسان جي پارت آ

پاڻ گڏجي هتي رهيا آهيون
هُت ٻه گڏجي رهڻ جي رغبت آ

تنهن جو وڇڙي وڃڻ خدا نه ڪري
سمجهه ”مشتاق“ لئي قيامت آ

-------------- ❈❈❈ --------------

# تير روڪي نہ سگھبا....!

نظر جا تڪا تير روڪي نہ سگھبا
لڪيل لفظ تقدير روڪي نہ سگھبا

رهي روح ۾ ساز ۽ سوز وانگر
ڪڏهن ڪنب ۽ ڪير روڪي نہ سگھبا

ڪري عشق ارڏو جڏهن جيءَ ۾ جايون
تہ نيڻن منجهان نير روڪي نہ سگھبا

ندر مارئي جي محبّت جا چرچا
رکي قيد ۾ مير روڪي نہ سگھبا

پلي عشق تي بندشون پيا وجهو پر
هتي رانجها ۽ هير روڪي نہ سگھبا

محبّت جي ناهي ڪڏهن مند موسم
جوان پوڙها ۽ پير روڪي نہ سگھبا

جوانن ۾ شوق - شهيدٰن اچي ويو
تہ پوءِ تير شمشير روڪي نہ سگھبا

ڪياسين جڏهن پيدا خالد ۽ طارق
جمون توڙي ڪشمير روڪي نہ سگھبا

روايت رهي بي اصولي جي باقي
تہ چمچا ۽ ڪفگير روڪي نہ سگھبا

نہ ”مشتاق“ سانگو جڏهن ساهہ سر جو
قصا سهٽي ۽ سير روڪي نہ سگھبا

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# تہ پوءِ الفت نہ ڪر...!

عشق ۾ آسائشون چاهين تہ پوءِ الفت نہ ڪر
باھ جي شعلن ۾ ويهي خواهش - راحت نہ ڪر

حسن فطرت کي ضرورت ناهہ ڪنهن سينگار جي
زيب و زينت ساڻ بي توقير هي نعمت نہ ڪر

حورو غلمان جي دلاسن سان نہ تون ريجهاءِ رند
واعظا بي لوث سجدن جي اها قيمت نہ ڪر

ٿو زبان بندي گهرين تير و ڪمان جي زور تي
هن طرح ناڪام ڪوشش جي ڪڏهن زحمت نہ ڪر

سيم و زر جي زور تي يا رنگ و بوءَ جي نان تي
پاره پاره حضرت - انسان جي عظمت نہ ڪر

پاڻ ڪجهہ ناهين پڏائين ٿو ابا ڏاڏا رڳو
ريت تي محلات ناهڻ جي عبث عادت نہ ڪر

جيسين خون - دل جگر شامل نہ آهي شعر ۾
تڪبندي سان شعر کي ”مشتاق“ بي وقعت نہ ڪر

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# مزو شان ـ شهادت جو....!

نہ ڪوئي حد حساب آهي سڄڻ جي سونهن سيرت جو
تہ پوءِ ڪاٿو ڪري سگهبو نہ منهنجي عشق و الفت جو

مرڻ ڪانپوءِ بہ منهن جو ساه ساريندو پيو توکي
ٽٽڻ وارو نہ آهي يار هي رشتو محبّت، جو

ڏکي آهي ڏيڻ پيٽا سڄڻ نوري نگاهن جي
ڪري سگهبو نہ اندازو ڪو نيڻن جي نزاڪت جو

لڳل انبوه قتل - عاشقان جو آهي مقتل ۾
چرين آهي ڏنو ماڻي مزو شان- شهادت جو

الڳ آداب آهن درسگاهہ - عشق جا ناصح
نہ ٿيندو سرفروشن تي اثر تنهنجي نصيحت جو

تون ميخاني جو مستانو مان نيڻن مان نشي وارو
اهو آ فرق تنهنجي منهن جي چاهت جو طبيعت جو

قلم توڙي زبان "مشتاق" جا مشغول مدحت ۾
صنم تنهنجي ثنا خواني رکي درجو عبادت جو

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# فيصلا ٿيندا....!

پلــــي ڏس آزمـــائي زور - بـــازو فيصـــلا ٿيـنـــدا
تــنهن جــي تيــر و ڪمــان آڏو ســرن جــا سلســلا ٿيـنـدا

متان سمجهين تـ ديچاريـنديون شيرن کي گدڙ پيڪيون
تــون ڏســندين هــر طــرف گجگــوڙ غوغــا غلغــلا ٿيـنـدا

جهڪائينــدي نـ تنهنجــي هــي زبــان بنــدي ۽ پابنــدي
مگــر مضــبوط ظلمــن ســاڻ همّــت حوصــلا ٿيـنـــدا

جياريـنداسـون سـنّت مرڪنـدي منصـور و سـرمد جـي
ســدا مقتــل ڏي جــاري اهــل دل جــا قــافلا ٿيـنـــدا

پهــاڙن ڪــان بــ اونچــا ڳــاٽ رهنــدا عشــق وارن جــا
جـــي ٿيـنـــدا امتحـــان تـــي امتحـــان وڌ ولـــولا ٿيـنـــدا

نــ رهنـدو تنهنجــو ڪــو نــام و نشــان ۽ نــام ليــوا پيــي
مگــر ”مشــتاق“ جــا چــؤگرد چرچــا بــرملا ٿيـنـــدا

-------------- ❊❊❊ --------------

# هم سفر دل ۾ جگر ساقي....!

رکين جهڙي طرح ٿو ميڪشن جي خود خبر ساقي
سدا آباد هوندا تنهنجي ميخاني جا در ساقي

ضرورت ساغر و مينا صراحي جي نہ رندن کي
اسان جي بي خودي لئي ڪافي تنهن جي هڪ نظر ساقي

محبّت جا نہ ٿيندا مرحلا طئي عقل و دانش سان
جنون سان ناهہ جيسين هم سفر دل ۾ جگر ساقي

پياسا نينهن نيڻن جا چڱا چاڙن مئي ۾ ميخانا
کهاڻي شوق پنهنجي جي هئُي آهي مختصر ساقي

چکي جن چاشني تنهنجي محبّت جي نہ مستانن
ڏٺا آهن اهي روڳي مون رُلَندا دربدر ساقي

رهيا لاڳاپيل تنهن جي درو ديوار سان جيکي
اُهي ئي ملڪ ۾ سڏجن ٿا ماڻهو معتبر ساقي

ذرو ظاهر بہ جيڪر ٿي پوي منهنجي دکي دل جو
سڙي ويندا سمورا جهنگ جهر هي سربسر ساقي

رڳو "مشتاق" ناهي مدح خوان تنهنجو مٿا سدائين
گواهي فيض تنهنجي جي ڏئي سارو شهر ساقي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# دوستي جو رنگ.....!

هــر رنــگ كــان نرالــو آ عاشــقي جــو رنــگ
بــدلي چــڏي محبّــت تــي زنــدگي جــو رنــگ

جنهن جي نصيب ۾ تـا تـين نيـنهن جـا نشـا
خـاڪي مـان نـوري بڻجـي ٿـو آدمـي جـو رنـگ

بـــي اختيـــار نعـــرا انـــاالحق جـــا ٿـــو هڻـــي
جنهن جي خودي ۾ آيو آ بي خودي جو رنگ

هـن رنـگ تـي چڙهـي نـہ سگهي رنـگ ڪـو ٻيـو
اهــڙو پڪــو آ دلبــر جــي دوســتي جــو رنــگ

زاهــد هجـــي يـــا رنـــد رهـــن مســـت تـــا مـــدام
ڪنهن جي نـہ ذات پـات پڇي دل لڳي جو رنگ

پرواهــہ تخــت و تــاج جــي ڪــن بادشــاهہ نتــا
جنهن تي چڙهي ٿو چاهت جي چاشني جو رنگ

هــوش و حـــواس حوصـــلا ســـارا خطـــا تـــين
ابــروءِ يــار تــي جــي اچــي برهمــي جــو رنــگ

”مشـــتاق“ مُحُـــب پـــاڻ ۾ جـــڻ ڪنـــد ڪيـــر ۾
هـي ٻـن دلـين جـي دوسـتي ءِ بـاهمي جـو رنـگ

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# هر داستان عشق.....!

دردن جــي آ ڪهــاڻي هــر داســتان عشــق
خــون- جگــر ســان لکجــي ٿــو ارمغــان عشــق

سُودو زيان جي سوچ نڪي سِڪ سُرور جي
آهــي ســرن جــو ســودو هــر امتحــان عشــق

تــاريخ جــن جــي خــون ســان آهــي لکــي وئــي
اڄ پــي انهــن جــي صــدقي نــام و نشــان عشــق

نــالو لکــي ٿــو ان جــو شــهيدن جــي لســٽ ۾
جــنهن جــي ٿئــي مقــدّر تــي مهربــان عشــق

انســـان ۾ جـــڏهن ٿـــو ٿئـــي ذات جـــو ظهـــور
ٻانهي کي پنهنجي رب سان ڪري رازدان عشق

ســيهو بـ اهـل- دل جـي نگـاهن سـان سـون ٿئـي
مخـــدوم تـــي پـــون ٿـــا تـــڏهن خادمـــان عِشـــق

تســـليم ۽ رضـــا جـــو جيڪـــو پڙهـــي ســـبق
ان ڏيـــنهن کـــان بڻـــائي ٿـــو بـــي زبـــان، عشـــق

دنيـــا جـــا درد غـــم ۽ محشـــر جـــا داء دپ
عاشـــق جـــي لاءِ آهـــن ڇـــڻ پاســـبان عشـــق

تي بي خبر وجي ٿو پنهنجي وجود کان
جنهن جو آ ڏس پتو ۽ نالو نشان عشق

هڪڙو قدم زمين تي هڪ عرش تي هجي
جنهن جي زمين توڙي ٿيا آسمان عشق

هر هنڌ آهي حاضر منزل جتي ڪٿي
موجود در مڪان ۽ در لا مڪان عشق

عقل و خرد بہ عاجز حيران هوش آهہ
مشڪل بيان بازي ڪان ٿيو بيان عشق

آهي ڏکي حقيقت سمجهڻ کان عشق جي
ٿيندا قلم ۽ ڪاغذ ڪٿ ترجمان عشق

نظرن کان دور آهي دل کي قريب تر
هڪ وک کان آهي ويجهو هي آستان عشق

هن کان وڏيڪ کهڙو ملي مان مرتبو
”مشتاق“ آهي مهمان ۽ ميزبان عشق

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# درد ديرينا ڏنم....!

يـــار جـــي يـــاري جـــا ســـارا يـــار يارانـــ ڏنـــم
دور دانـــا دوســـت ۽ درويـــش ديوانـــ ڏنـــم

نـــاز و نخـــوت جـــو نــ آهـــي نيـــاز نئـڙت ســاڻ ســنگ
دلربـــا جـــي دلبـــري ۾ درد ديرانـــ ڏنـــم

جنهن کي سمجهيم آب - ڪوثر سو سراپا هو سراب
وســعت - صــحرا ۾ پهچـــڻ بعـــد ويرانـــا ڏنـــم

طـائر - لاهـوت جـو جـنهن شـاخ تـي هـو پروسـو
ان جـي بـرگ و گـل ۾ خـس خاشـاڪ خسـخانا ڏنـم

خـــواب چڪنـــا چـــور تـــي منهنجـــي وفـــائن جـــا ويـــا
آزمـــائش وقـــت انـــدازا عـــدو وانـــا ڏنـــم

شــوخي و شــدت ســبب هئــي هــر طــرف حيرانگــي
جـــنهن گهـــڙي پيشـــاني جـــا تيـــور بهيمانـــا ڏنـــم

دســـتگيري ڪانـــ تـــي پـــر گوشـــمالي تـــي وئـــي
ســـنگ دل جـــا نـــاز نخـــرا ســـارا ســـلطانـ ڏنـــم

دوســـــتي آهـــــي الـــــڳ ۽ آشـــــنائي آ الـــــڳ
مشـــــڪلاتن ۾ ٻنهـــــي جـــــا رخ جداگانـــــ ڏنـــم

جـت سياسـت جـي دورنگـي حـاوي هـڪ رنگـي تـي آ
انـــدبلث وارا اتـــي ســـپ رنـــگ روزانـــ ڏنـــم

ميڪده ۾ هو ڪڏهن "مشتاق" هن سان هم نشين
پـــر اُنهـــيءَ مشـــتاق لئـــي اڄ بنـــد ميخانـــ ڏنـــم

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# دوستي آهي الڳ....!

آشـــنا ئـــي عـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ
جـــان بـــازي جـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

محفــل - عــيش و طــرب ۾ دوســـتي جــو دعويــدار
هــم نشــين هــم جــام آهــي دوســتي آهــي الــڳ

آهــي خوشــحالي جــي حالــت ۾ هميشــ هــم خيــال
هــم قــدم هــم گــام آهــي دوســتي آهــي الــڳ

دوســـت آهـــي پـــر پريشـــاني جـــي عـــالم ۾ پـــري
بـــس بـــراءِ نـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

آزمـــائش ۾ نـــ آهـــي تنهنجـــو ســـاٿي ۽ ســـچڻ
هـــڪ خيـــال - خـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

دوســـتي جـــي رنـــگ ۾ جـــو دشـــمني پـــالي پيـــو
يـــار خـــون آ شـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

مرتبـــي دولـــت تـــي نـــازان آهـــي جيكـــر نـــازنين
درد و غـــم آلام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

جيكـــڏهن نـــاهي ڏكـــن ۾ هـــو برابـــر جـــو شـــريك
هـــي فريبـــي دام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

ٿو گهري نيكي عوض نيكي كرڻ ”مشتاق“ سان
نـــيهن هـــي ناكـــام آهـــي دوســـتي آهـــي الـــڳ

-------------- ❋❋❋ --------------

# وفا وارن تي جرمانا....!

رهيا ساڳيا نہ ساقي تنهنجا باقي مئي ۽ ميخانا
نڪي ميخوار ۽ ميڪش نڪي ”مشتاق“ مستانا

پڇن ٿا زير لب توکان در و ديوار محفل جا
وساري تو ڇڏيا ڇالاءِ پنهنجا دوست ديرينا

سخن جنهن جي سان هئي حمد و ثنا جي بزم ۾ رونق
هيا نعت و غزل مولود سان آباد ويرانا

ڪبي دل جوئي واري جي نہ دل آزاري آ اهڙي
ڪيا تي پيار مان ۽ پرت مان جنهن پيش پيمانا

اڏامي ايڏي الفت ڇو وئي اڪ ڇنب ۾ آخر
رقيبن جي رهي هر وقت عادت آ عدو وانا

سنڀالي رکجو اوکي وقت ايندا نيٺ ڪم توکي
ڪيا ها نيازمندي جا مون جيڪي پيش نذرانا

رقيبن آ ڪيو هن جي انا کي پي اچان ارڏو
مگر هڪ ڏينهن ايندا ياد هن کي دوست ديوانا

فقيرن جي تہ تنهائي بہ ڄڻ محفل جو منظر آ
اميرن جي نہ اوطاقن ۾ هوندا شوق شاهانا

بہ ٿي ڏينهن جا آهن هوڏ هستي نٿ ناگر سي
نہ هوندا هي هميشہ لاءِ سوز و ساز سلطانا

عدالت عشق جي ۾ فيصلا هر وقت هڪهڙا
وفا وارن جي قسمت ۾ جفا وارن جا جرمانا

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# دلبري اهڙي....!

ڪئي منهن جي وفائن جي سچڻ سوداگري اهڙي
ڏٺي اي دلربا ناهي ڪڏهن مون دلبري اهڙي

برابر فرق آهي بي نيازي نياز منديءَ جو
مگر ٿيندي نه آهي برتريءَ ڪمتري اهڙي

ٻڌايو دوستو هن کي خبر خود احتسابي جي
ته پوءِ ٿيندي نه ڪنهن سان زيادتي زور آوري اهڙي

وڏائپ سان وڏو ٿيندو نه آهي ڪو وڏو ماڻهو
ٿهي ڪنهنکي نٿي هرگز خدا سان همسري اهڙي

سمورا واسطا ۽ رابطا منٿن ۾ مٿجي ويا
ڪئي ڪنهن ناهه بازيگر ڪڏهن بازيگري اهڙي

قلم سان واسطو منهن جو رهيو آهي پراڻو پر
حياتي ڀر ڪڏهن ناهي ڪئي مون شاعري اهڙي

دعائن جا نه ٿيندا بند دروازا فقيرن جا
پلي ٿئي سنگ دل ڪان سنگ باري ڏک ڀري اهڙي

ٻڌو هو همنشين هن ڪان رڳو احوال هڪ طرفو
ملائي ها ۾ ها ڪئي مدّعي جي نوڪري اهڙي

رقيبن تنهنجي موقف جي ڪئي تائيد دل کولي
سچائي ڪان تڏهن منهن موڙي ڪئي هن نابري اهڙي

نه هر ماڻهو مسيحا آ نه هر هڪ معتبر آهي
هميشه لئي ملي ”مشتاق“ کي وئي رهبري اهڙي

------------- ❊ ❊ ❊ -------------

# صدمن سهڻ جو حوصلو ناهي....!

محبّت ۾ غم- جانان هي پهريون مرحلو ناهي
ڪٿڻ وارو ڏکن سورن جو سارو سلسلو ناهي

متان اهل- قلم جي دوستي کي نوڪري سمجهو
هي هڪ حساس دل جو ناتو آهي هارپو ناهي

انا آڪڙ ۾ اهڙي ريت نازڪ ناتا ٽڪرائڻ
هي هٺ ڌرمي ۽ هوڏ آهي مناسب ماڻهپو ناهي

رڳو علم و ادب وارن سان آهي دل لڳي پنهن جي
ڪڏهن ڪنهن ايري غيري سان اسان جو واهپو ناهي

اسان جي دعوت- شيراز پي آ سنّت- نبوي
خوشامد يا ڪڏهن مطلوب ڪنهن جو راضپو ناهي

رهي شيشي جي گهر ۾ سنگ باري ٿو ڪرڻ چاهين
نتيجو ڪهڙو ٿيندو توکي خود هن جو پتو ناهي

هٺي الزام دل آزاري ڪئي دلدار تو اهڙي
خدا کي پي پسند ناهي نبي جو راضپو ناهي

متا ”مشتاق“ آهي عشق جي آڙاهه مان گذريو
متان سمجهين سچڻ صدمن سهڻ جو حوصلو ناهي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# ڏيان مهراڻ تو توکي....!

ڏيان يادن جي پيٽا جي سڄڻ سرهاڻ تو توکي
محبت ۾ لکي سارو ڏيان مهراڻ تو توکي

متان سمجهين تہ ماندي دل کان تون وسري ويو آهين
اماڻيان هن سان گڏ دلبر اکين آلاڻ تو توکي

بنا تنهنجي او جاني زندگي منهن جي اڌوري آ
مٺا سمجهان مان پنهنجي ساه جو سرواڻ تو توکي

اڪيلائي ۾ گذريون توسان راتيون رنگ رس واريون
ڪرايان ياد اڄ ٻيهر پلايل پاڻ تو توکي

ڏني دل جي دنيا توکي لکي روز- ازل کان ئي
کيان تنهنجي حوالي يار پنهنجو پاڻ تو توکي

قبولي تنهن جي هر هڪ بي وفائي مون وفا سمجهي
لڳايان بي وفائي جي ڪڏهن ڪاراڻ تو توکي

قصو هڪ ڏينهن ٻن جو ناهي آهي زندگي ڀر جو
ٻڌايان منهنجي من ۾ آ متل مانداڻ تو توکي

دل- "مشتاق" جي حالت اڪر اورڻ کان ٿيا مشڪل
لکان اندر جي اڌمن جا رڳو اهڃاڻ تو توکي

-------------- ❊❊❊ --------------

# ڪرڻ چرچا اچي ٿو....!

بُت قوم جو اڳواڻ چوڻ چا چا اچي ٿو
زخمن تي پها پاڻ رکڻ کھڙا اچي ٿو

ڪنهن پاسي وٺي قافلي کي آيو آهي
هڪ صحرا ڇڏيون ٿا ته وري صحرا اچي ٿو

هر وقت ڏئي ويٺو رڳو ڪوڙا دلاسا
چا قوم سان هو بي جا ڪرڻ چرچا اچي ٿو

الله خداداد رياست جو محافظ
هر پيشوا نهلي تي هٿڻ دهلا اچي ٿو

هو محل نشين جهوپڙا پنهنجا ڪڪانوان
گهر منهنجي ڏي طوفان ڪنيون تحفا اچي ٿو

ڪشتي کي وٺي ڪهڙي طرف ويندو هو
بحران ۾ پرپور نظر دريا اچي ٿو

بي حال مهانگائي ۽ بيماري ڪيو آ
مسڪين جي گهر موت هٿڻ هالا اچي ٿو

هن کي چا خبر دال اٿو ڪهڙي اگهن تي
هر درد منهن جي گهر جا پڇي رستا اچي ٿو

هر رات بچا پيٽ بکيا روئي سمهن ٿا
وعدن تي ڪرڻ هن کي رڳو وعدا اچي ٿو

آرام سان ڪيئن هن کي پلا ننڊ اچي ٿي
مزدور هٿين خالي سهي صدما اچي ٿو

”مشتاق“ اهو دور پري ناهي جيڪو
مسڪين جي گهر کي هٿڻ تالا اچي ٿو

10 جنوري 2022ع

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# تقدير پنهنجي....!

هــــتن پنهـــنجن ۾ آ تقـــدير پنهنجـــي
هـــي قســمت پنهنجـــي آ تحريـــر پنهنجـــي

زمـــانو عكـــس آئينـــي جـــو آهـــي
ڏســن جـــنهن ۾ تـــا ســـپ تصــوير پنهنجـــي

هميشــــ كـــان مكافـــات - عمـــل كـــي
ڏئـــي ٿـــي تقويـــت تـــدبير پنهنجـــي

گهـرين تــنهن جـي رضـا رب جـي رضـا ٿئـي
تـــ پهريـــان كرڻـــي آ تطهيـــر پنهنجـــي

كـرين ٿـو جيكـڏهن كـنهن جي بـ عـزت
اُنهـــيءَ ۾ آهـــ جـــڻ تـــوقير پنهنجـــي

لكـــون اعمالنـــامو پـــاڻ پنهنجـــو
نتـــيجن كـــي ڏيـــون تعبيـــر پنهنجـــي

محبّـــت جهـــڙو كـــو هٿيـــار نـــاهي
محبّـــت آ ســـدا شمشـــير پـــنهن جـــي

ڏجـــن ”مشـــتاق“ چـــو كـــنهن كـــي ميـــارون
اســـان جـــي ترجمـــان تقريـــر پنهنجـــي

--------------- ❇ ❇ ❇ ---------------

# پياريون يادگيريون....!

پيـــاريون تنهنجـــون پيـــارا يـــادگيريون
ٿيـــون نيـــڻن نظـــارا يـــادگيريون

ســچڻ كــر يــاد پنهنجــا عهــد و پيمــان
ڀُلائـــين چـــو پـــلارا يـــادگيريون

محبّـــت ۾ ڇـــڏيم ســـپ كجهـــ لٽـــائي
ســـندم ســـرمايا ســـارا يـــادگيريون

مصـــيبتون مشـــكلاتون آيـــون لـــيكن
ٿيـــون مـــنهن جـــو ســـهارا يـــادگيريون

هـــيس مـــوجن جـــي وچ ۾ ســـير انـــدر
ســـمنب انـــدر كنـــارا يـــادگيريون

اكـــر الفـــت جـــا آهـــن نقـــش دل تـــي
ٿيـــا دل جـــا اوتـــارا يـــادگيريون

جـــدائي ۾ بـــ جـــيءَ جكـــڙي ركـــن ٿيـــون
بـــلا شـــك منـــدب ڊارا يـــادگيريون

وســـارڻ ســـان نٿيـــون "مشـــتاق" وســـرن
ڏيـــن هـــر هـــر اشـــارا يـــادگيريون

-------------- ❊❊❊ --------------

# پيار جون ڳالهيون ڪريون....!

اڄ تہ پيارا دوست دلبر پيار جون ڳالهيون ڪريون
دور سڀ دوريون ڪري ير پيار جون ڳالهيون ڪريون

ڇو رقيبن جي چوڻ تي ٿي ويو آهين خفا
فتنہ گر ٿيا ماڻهو اڪثر پيار جون ڳالهيون ڪريون

ياد ڪر پنهنجا پراڻا واسطا ناتا سڄڻ
سڀ وساري ويچا ٻيهر پيار جون ڳالهيون ڪريون

ڪر ملڻ جو محب وعدو منت منهنجي ڪي مجي
ڇڏ مٺا نہ نہ ۽ نهڪر پيار جون ڳالهيون ڪريون

زندگي جا ڏينهڙا باقي، محبّت سان ملي
هر گهڙي هر وقت هر هر پيار جون ڳالهيون ڪريون

بيقراري ۾ ڇو گذرن زندگي جا ڏينهن ڏون
بي رخي ڪان آهي بهتر پيار جون ڳالهيون ڪريون

محب ۽ ”مشتاق“ جو ميلاپ رب جو راضپو
پيار ۾ خوش پنهنجو پرور پيار جون ڳالهيون ڪريون

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو....!

محبّت جو سفر مشڪل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو
اڙائي ويٺا سون ٻئي دل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

پرين جنھن پير پاتو عشق ۾ ويو عمر پر اڙجي
ھي دلدل آھي يا منزل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

اوھان جو حسن منھنجو عشق آھن بحر بي پايان
ٻنھيءَ جو ناھ ڪو ساحل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

نڪا تلوار ھٿ ۾ ھئي نہ نڪتو تير ترڪش مان
ڪيا ھڪ گھور ڪئي گھائل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

اڏائي عشق تو فھم و فراست عقل وارن جي
ھتي عاقل بہ ڇڻ جاھل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

عدالت عشق جي ۾ فيصلا ھر وقت ھڪطرفا
ڪجي انصاف ڪٿ حاصل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

نہ ميخانو نہ ميڪش ۽ نڪي موجود مئي آھي
رھي مدھوش تي محفل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

ھزارن ۾ اچن ٿا مرڪندا "مشتاق" مقتل ڏي
مگر مقتول يا قاتل نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

---------------- ❊ ❊ ❊ ----------------

# پيرو ڪري وڃ....!

سڄڻ ھڪڙو پيرو تہ پيرو ڪري وڃ
قدم قرب جا ڦيري ڦيرو ڪري وڃ

اکيون آتيون راھون نھاري نھاري
دکي دل ۾ دلدار ديرو ڪري وڃ

مسيحا جو ڪم آ مئل کي جيارڻ
او جانب جڏو جيءَ جئرو ڪري وڃ

رقيبن جا منھ بند ٿي ويندا سائين
ڪري مھرباني نبيرو ڪري وڃ

اوھان کانسواءِ آھہ اونداھہ چانيل
اچي دور در تان انڌيرو ڪري وڃ

ڪليل ھوندو "مشتاق" جو در ھميشہ
ملاقات اويرو سويرو ڪري وڃ

--------------- ❊❊❊ ---------------

# ڪيو ڏوھہ ناھي....!

محبت ڪئي آ، ڪيو ڏوھہ ناھي
سچو عشق آھي ٺڳي دوھہ ناھي

پرين پيار جي آھہ نازڪ کھاٽي
ڪچي تند آھي سچڙ لوھہ ناھي

سفر عشق جو ھر سفر کان اڙانگو
ھي جھنگل بيابان يا ڪوھہ ناھي

اوجاڳن اوسيڙن جي سٽ ھن کي کھڙي
سندس دل ۾ دک درد اندوھہ ناھي

ڏسي ھن جا تيور بسم تي وياسون
اجان يار پورو چنديو چوھہ ناھي

چري دل بہ ”مشتاق“ ناھي چري
اتس ھڪڙو محبوب انبوھہ ناھي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# هميشہ ايندو ويندو ڪر.....!

اسان جي گهر اڙي دلبر هميشہ ايندو ويندو ڪر
اسان جو گهر آ تنهن جو گهر هميشہ ايندو ويندو ڪر

متان سمجهين تہ بيگاهہ وقت هوندا بند دروازا
کليل هوندو سدائين در هميشہ ايندو ويندو ڪر

نڪي روڪي رڪڻ وارو نڪي نالي پڇڻ وارو
نہ هوندو در تي ڪو نوڪر هميشہ ايندو ويندو ڪر

رهي ٿو منهنجو من ماندو ۽ دل تو لاءِ پئي تانگهي
اکيون آتيون ڏسڻ خاطر هميشہ ايندو ويندو ڪر

جدائي جي گهڙي پل پل ٿو ورهين کان بہ وڌ سمجهان
اڏايان ڪانگ ٿو هر هر هميشہ ايندو ويندو ڪر

پلي وچ ۾ هجي درياء تہ درياء پار ڪرڻو آ
تون سهڻي آهين مان ميهر هميشہ ايندو ويندو ڪر

اگهائج عرض عاشق جو رهان "مشتاق" ٿو هر دم
متان مون سان ڪرين نهڪر هميشہ ايندو ويندو ڪر

--------------- ❊❊❊ ---------------

# محبّت مرڻ واري ناهي.....!

محبّت مرڻ سان مرڻ واري ناهي
جڏي جيءَ سان گڏ جُهرڻ واري ناهي

هي مضبوط کان آهه مضبوط رشتو
ڪچي تند وانگر ڇڇڻ واري ناهي

وڃي هر طرف هن جي خوشبوءِ پکڙجي
هي لوڪان لڪائي لڪڻ واري ناهي

دلين منجهه ديرا ڄمائي ٿي ويهي
اچڻ بعد واپس وڃڻ واري ناهي

دوائن سان هي دور ٿيندي نه دلبر
هي بيماري برحق ڇڏڻ واري ناهي

ڏنل ذات ذاتر جي "مشتاق" آهي
هي نعمت خدا جي کٽڻ واري ناهي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# هڪ تون هجين ٻيو مان هجان.....!

رات جي پوئين پهر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان
پوءِ نہ ٿئي سهڻا سحر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

حال اوريندي گذاريون رات ساري پاڻ ۾
پر نہ پئي پاڙي خبر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

تون رقيبن جي نگاهن کان لڪي ايندو ڪجان
ٻيا هجن سڀ بي خبر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

ملڪ ۾ موجود آهن هت هزارن ۾ حسين
ڪر نہ ڪنهن ٻئي جي پچر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

پنهنجي پاڇي سان بہ دل جا حال مت اورين مٺا
ماڻهو ناهن معتبر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

آيو قسمت ساڻ آهين رات رهہ ”مشتاق“ وٽ
يـر وڃڻ واري نہ ڪر هڪ تون هجين ٻيو مان هجان

---------------- ❊❊❊ ----------------

# اڇڻ واري تہ ڪر....!

يار هڪ پيرو اڳڻ منهنجي اڇڻ واري تہ ڪر
آيو قسمت ساڻ آهين ڪجهہ رهڻ واري تہ ڪر

لوڪ سارو ٿو پڇي محبوب تنهن جو آ ڪٿي
تون لڪي لوڪان پلي مون سان ملڻ واري تہ ڪر

آڙي پاڙي وارا مون کي طعنا مهڻا ٿا ڏين
تن جي طعنن کان اچي آجو ڪرڻ واري تہ ڪر

تنهنجي سودائن ۾ صدمن ڳٽين ڳاري ڇڏيو
پنهنجي هن بيمار عاشق کان پڇڻ واري تہ ڪر

درد ۾ پيڙاءَ سارا ٿي پري ويندا پرين
نبض منهنجي تي اچي تون هٿ رکڻ واري تہ ڪر

منهنجا جانب ڇو اجان ايڏيون جدايون ٿو ڪرين
پنهنجي هن ”مشتاق“ ماندي ڏي ورڻ واري تہ ڪر

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# ملين ها ايندي ويندي....!

پري ڪجهہ پير اچين ها ايندي ويندي
اڱڻ اجرو ڪرين ها ايندي ويندي

مٺا مهڻن ميارن کان بچڻ لئي
پرم منهن جو رکين ها ايندي ويندي

پون ها پاڳ منهن جا پي سنورجي
پتو منهنجو پڇين ها ايندي ويندي

ليو پائين ها لوڪن کان لڪي جي
ڏکي جا ڏک ڏسين ها ايندي ويندي

مان دل جو حال توسان اوريان ها
ٻہ ٽي ڳالهيون ٻڌين ها ايندي ويندي

مرادون منهنجون پوريون ٿي پون ها
جي ماندي سان ملين ها ايندي ويندي

اچڻ پنهنجو نہ تو سمجهيو گوارا
سنهيو موڪلين ها ايندي ويندي

نهاري روز ٿو ”مشتاق“ راهون
ڪڏهن لالڻ لڙين ها ايندي ويندي

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# توکي پرچايان پرين ........!

تـــوکي کهـــڙي ريـــت پرچايـــان پـــرين
پانـــد ڳـــل پـــائي تـــو ٻاڏايـــان پـــرين

کـــانهي طاقـــت جـــو ســـهي صـــدما ســـگهان
توســـان کهـــڙو ســـينو مـــان ســاهيان پـــرين

تنهنجـــي فرقـــت ۾ پـــلا کهـــڙي طـــرح
دل دکـــي کـــي ويهـــي ريجهايـــان پـــرين

ناهـــ کـــنهن ٻئـــي ڏي ڏنـــو اکـــڙين کـــڏهن
اصـــل کـــان ئـــي تـــنهن جـــو مـــان آهيـــان پـــرين

تنهنجـــو پـــرچڻ ۾ وري مرکـــي ملـــڻ
کهـــڙا کهـــڙا تـــورا مـــان لاهيـــان پـــرين

دل ۾ اکـــڙين منجهـــ اســـتقبال لئـــي
روز منصـــوبا پيـــو ٺاهيـــان پـــرين

مهـــر کـــر "مشـــتاق" تـــي متـــڙا مـــدام
تـــو ســـوا مـــان چڻـــک کجهـــ ناهيـــان پـــرين

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# دل تي الفت جا اکر آھن.....!

سچڻ سان سوز سک جا سلسلا شام و سحر آھن
هميشه نقش دل تي ان جي الفت جا اکر آھن

پڙهيو مون درسگاھ - عشق مان آھي سبق هڪڙو
سوا هن جي سبق سارا رڳو ڏوڪو مڪر آھن

عزيزن دوستن جو ساٿ ناهي فڪر ناهي ڪو
اسان جا سور ٿيا سالن ڪان ساٿي همسفر آھن

محبّت ڪي نٿو جڳ ڪان لڪائي سگهجي ڪنهن صورت
اکين جا لڙڪ، آھون سرد، شاھد معتبر آھن

گلن جي سيج ناهي عشق ۾ ناهي سفر سوکو
هزارين مشڪلاتون هر قدم تي منتظر آھن

نهاريو نرگسي نيڻن سان جنهن دم نازيبن مون ڏي
نگاهن جا نشانا ٿي ويا دل ۽ جگر آھن

نه سدري عاشق - بيمار جي حالت حڪيمن ڪان
ٿيا تعويذ ٽوٽڪا ڦيٽا سارا بي اثر آھن

اجائي ناهه بي آرامي بي خوابي ۽ بي تابي
محبّت ۾ مٺا "مشتاق" سارا دربدر آھن

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# سنڌو جي ڪنارن جهڙي....!

چانڊاڻ نہ آ چنڊ ۾ يارن جهڙي
ڪاراڻ نہ آ رات ۾ وارن جهڙي

سرهاڻ گلن جي بہ ڀلي آهي مگر
هيڪار اچي هن مان هزارن جهڙي

محبن کي لڳي شل نہ ڪڏهن ڪوسو واءُ
ڏس تازگي چهري تي بهارن جهڙي

هن سينڌ ڪڍي وار ڪيا پنهنجا ٻہ اڌ
هو هوبهو سنڌو جي ڪنارن جهڙي

جڻ مينهن ڪانپوءِ رنگ نکيريا اندلٺ
هر هن جي ادا نوري نظارن جهڙي

نرگس کي ڏنو آهي غزالہ بہ ڏنم
اکڙين ۾ جهلڪ آهي خمارن جهڙي

دنيا جي حسينن ۾ هزارين خوبيون
پر پرت نہ ڪنهن منجهہ پيارن جهڙي

لفظن نہ ڏنو ساٿ ملاقات مهل
ڪا ڳالهہ ڀلي ناهہ اشارن جهڙي

جي پير پوي عشق ۾ پنتي نہ ڪڏهن ٿي
هي سوچ سڄڻ آهي خسارن جهڙي

”مشتاق“ محبّت ۾ آ سهٽو سڀ ڪجهہ
ڪي ٻڙڪ زبان مان نہ ميارن جهڙي

-------------- ❊❊❊ --------------

# اهل - نظر سمجهي سگهي....!

درد منهنجي کي نٿو ڪو ڊاڪٽر سمجهي سگهي
منهن جي ارمانن کي ٿو اهل - نظر سمجهي سگهي

نانءُ جي جمهوريت ۽ نانءُ جي آزادي آ
بد کان ٿيا بدتر پئي ڪو معتبر سمجهي سگهي

پيٽ جي ٿو پورهيت، پورهيو ڪرڻ جي باوجود
پر نٿو ظالم سماج ان جي خبر سمجهي سگهي

بي اجهو پيرين اگهاڙو پيٽ بکيو ٿو گهمي
هن جي هن دک درد کي ڪٿ بيخبر سمجهي سگهي

هر غريب آهي رياست ۾ برابر جو شريڪ
هي حقيقت ٿو ڪٿي ڪو مقتدر سمجهي سگهي

عدل پئسن تي وڪامي جيڪڏهن بازار ۾
پوءِ ڪٿي انصاف جو منصف اکر سمجهي سگهي

عقل ۽ دانش تي غالب جت جهالت جا جٿا
هي کهاڻي ڪير ڪنهن جي سربسر سمجهي سگهي

ظلم جي گهاٽي ۾ ظالم پاڻ آخر پيڙبو
ڳالهه آهي مختصر ڪو مختصر سمجهي سگهي

ڪاش پيدا ٿي پوي "مشتاق" مرد - حق هتي
جو هجي مسڪين هردم دربدر سمجهي سگهي

-------------- ❊❊❊ --------------

# انڪار ناهي بي سبب....!

نئين بهاني ساڻ نهڪر يار ناهي بي سبب
هر خبر تي ايڏي ڪائڻ خار ناهي بي سبب

ظاهري ناهي علالت جي علامت جيڪڏهن
پر يقين ڄاڻج تہ هي بيمار ناهي بي سبب

ڪين ٿيندا اُڏما اندر جا زبان بندي سان بند
منهنجي خاموشي بہ ڇڻ اظهار ناهي بي سبب

نرگسي نيڻن ۾ تنهنجي آهي جادو جو اثر
مئي بنا پِي مست هي ميخوار ناهي بي سبب

منهنجي ايڏي عاجزي ۽ نيازمندي باوجود
تنهن جو هي تلخي ڀريل تڪرار ناهي بي سبب

عاشقن کي آزمائڻ يا ٿو تڙپائڻ گهرين
سينڌ سرمي ساڻ گڏ سينگار ناهي بي سبب

عمر ڀر گڏجي رهڻ جو هو وچن "مشتاق" سان
اوچتو ٿي اوچتو انڪار ناهي بي سبب

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# منزل تي رسائي ٿي وئي منهن جي....!

عجيبن سان جڏهن ڪان آشنائي ٿي وئي منهن جي
تہ سمجهان ٿو خدا جي جڻ خدائي ٿي وئي منهنجي

قيامت جي گهڙي هئي يا هيو محشر جو هي منظر
جڏهن جنهن ڏينهن جانب کان جدائي ٿي وئي منهنجي

ڏنم جي ساھ سُڏڪي سُڏڪي تنهنجي پاڪ پيرن ۾
سڄڻ سمجهو تہ گويا فرض ادائي ٿي وئي منهنجي

ڪري ٿو خوبرو پنهنجي اڱڻ تي آجيان جيڪر
حياتي ۾ حقيقي رهنمائي ٿي وئي منهنجي

اميرن جا نہ ڏسندو ٿٽ ٿانگر ڪنهن بہ پر هاڻي
پسند پنهنجي پرين ڪي آ گدائي ٿي وئي منهنجي

رقيبن جي اڳيان مون ڪي سڏي هن پر ۾ ويهاريو
مٺي محبوب وٽ هي مرحبائي ٿي وئي منهنجي

پتو ڏس يار جو ڏئي ڪنهن پرين جي پار پهچايو
تہ جڻ "مشتاق" منزل تي رسائي ٿي وئي منهنجي

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# شخص جاهل ڪي ڏسي....!

ٿي وئي مدهوش محفل مير محفل ڪي ڏسي
علم جي مسند اُتي هڪ شخص جاهل ڪي ڏسي

ڪيتري انصاف جي اُميد منصف کان ڪجي
عدل جي ڪرسي تي قابض پنهنجي قاتل ڪي ڏسي

حڪمران هوڪا هڻن ٿا امر بالمعروف جا
پر پريشان قوم، گڏ، هن ساڻ باطل ڪي ڏسي

بدزباني بي حيائي جي گرم بازار آ
ليلا يي محفوظ ناهي پنهن جي محمل ڪي ڏسي

دريا جي موجن کان وڌ سونامي جو سيلاب آ
هر طرف سانگي پريشان دور ساحل ڪي ڏسي

ڪانگ ڪوئل ٿو سڏائي، چيرا بلبل ٿي ويا
گلستان ماتم ڪده اهڙن عنادل ڪي ڏسي

مُدّعي مجرم ۽ مجرم مدّعي بنجي ويا
جج بہ ڏيندا فيصلو فرياد- داخل ڪي ڏسي

”گُل ڪِلايا“ جنهن جي گل پاشي تي گل پاشا هيا
خير جي کهڙي ڪجي اميّد ڪاهل ڪي ڏسي

روضي اطهر مسجد- نبوي جي گستاخي سبب
دل ٿي پاره پاره بي ايمان بزدل ڪي ڏسي

ملڪ ۾ ”مشتاق“ ايندو نيٺ اهڙو انقلاب
سڀ يجي ويندا پيگوڙا مرد- ڪامل ڪي ڏسي

------------- ❊❊❊ -------------

# خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو....!

سراپا سنگ دل دلبر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو
اسان جو عشق پيو اٽڪر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

هو پنهنجي حسن تي نازان، اسان الفت جا البيلا
سندس ثاني نہ ڪو همسر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

وفائن ۽ جفائن جو ازل کان سلسلو جاري
ڪمي ڪنهن ۾ نہ آ، ڪنهن پر خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

هو آهي مست موجن ۾، فراقن ۾ قتيل عاشق
اکيون ڄڻ نار جو نيسر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

مٺا تنهنجي ملڻ لئي ٿو بيابان جهنگ جهر جهاڳيان
هي ديوانو ڦري در در، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

هئا دل ۽ جگر اڳ ۾ ٿي زخمي پر مُڪا محبن
نگاهن جا نوان نشتر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

مان ڳوليان سهڻي ٿي ميهار کي دريا جي موجن ۾
ڪڏهن هِن پر ڪڏهن هُن پر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

رهي "مشتاق" ماندي جو سدائين ساھ سڏڪن ۾
ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# ... رنگين نظارا ڇڏبا....!!

ٿــي پــرت پــرين ســان تــہ پيــارا ڇــڏيا
دامــن جــو جهلــيم تــنهن جــو ســهارا ڇــڏبا

دريــاءَ جــي مــوجن جــو مــزو آهــي الــڳ
جــي ســير ۾ گهڙبــو تــہ ڪنــارا ڇــڏبا

مون تنهن جي اکين جو آ ڏٺو جادو جڏهن
جــوڳين جــا مڪــر منــد ۽ ڍارا ڇــڏبا

دل دل ســان ڪيــو آهــي، ســچڻ سودو نقد
اوڌر ۽ رکــــت وارا خســــارا ڇــــڏبا

اڪڙين سان ٻاريان پيو اگهڻ تون ٿو اچين
گهــر صــاف ڪــرڻ وارا ٻهــارا ڇــڏبا

هــر حــال ۾ ”مشــتاق“ اوهــان ســاڻ جڙيــل
دنيــا جــا هــي رنگــين نظــارا ڇــڏبا

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# دوست دشمن برابر....!

اسين عشق جي راهہ جا آهيون رهبر
محبّت جي رستن جا آهيون مسافر

نہ گهر جي نہ تڙ جي نہ تن جي نہ ڏن جي
رکون سُڌ نٿا يار ڪنهن شئي جي ڪنهن پر

نڪي ننڊ نيٽيئن نہ دل آهي پيٽئين
سدا پنهنجي سوچن ۾ گم شم گداگر

خطا هوش آهن، نہ پنهنجي خبر ڪا
ڪڏهن آهيون هِن پر ڪڏهن آهيون هُن پر

نہ پنهنجن پراون ۾ ڪو فرق سمجهون
ٿيا دوست دشمن اسان وٽ برابر

رهون حال ڪان پاڻ بي حال هر دم
ائين حال پنهنجو رهي ٿو سراسر

رهي فقر و فاقي سان پنهنجو پيار
سدا مست موجن ۾ دل جا تونگر

محبّت جي ناتي سان "مشتاق" سڏجون
ڪيون ڳالهہ تنهنجي پلا ڪهڙي هر هر

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

# ڪهاڻي پرت وارن جي...!

خبر ڪهڙي پڇين ٿو عشق جي ۽ عشق وارن جي
رهن دريا جي موجن ۾ نه سڌ ڪنڌي ڪنار جي

رکن دل جو چمن آباد الفت جي فضائن ۾
خزان جو ناهه ڪو خطرو نڪا خواهش بهارن جي

رهن خوشحال ٿا هر حال ۾ بي حال بيراڳي
نه حاجت ڪنهن حمايت جي نه ڪا سُهمت سهارن جي

اڏي تي سر رکڻ جي لاءِ آهن هر گهڙي آتا
نڪا تشويش تن ۾، تنکي تيرن جي ترارن جي

سکن ۾ ساهه گهٽجي پر ڏُکن کي ذات ٿا سجهن
غذا بڻجي وڃي ٿي بيقراري بي قرارن جي

پري کان ئي لڳن پدرا ٿا بلڪل نينهن جا نانگا
بڻيل تصوير اوسيئڙن اوجاڳن انتظارن جي

حقيقت عشق جي معلوم ٿئي ”مشتاق“ ناممڪن
ڪهاڻي ڇا قلم لکندو پيارن پرت وارن جي

--------------- ❊❊❊ ---------------

# سيم و زر سارا سراب....!

عشق، سوز و ساز ۾ جيسين نہ تن من ڌن ڪباب
تيسين رهندو عبد ۽ الله ۾ هر دم حجاب

”مان“ جي من مان ميخ نڪري تن تنواري تون هي تون
ان جو دنيا آخرت ۾ ناهہ ٿيٽو احتساب

نيستي نابودي نوڙت نياز ۽ نهٺائي ڪر
هوڏ هٺ هستي تڪبّر ۽ غرور آهن عذاب

دين جي دولت بنا دنيا دورنگي ڏوڪو آهہ
مرتبا مال و متاع ۽ سيم و زر سارا سراب

منهنجون محروميون ميان ٿو منهن جي ڪوتاهين ڪري
ورنہ تنهنجي پيار جو پيارا پرين ڪو حد حساب

بخش ڪر ڪاتو ڪلڻ ريءَ ورنہ بخشش آ ڏکي
جيڪڏهن کولينديِن منهن جو ڪارنامن جو ڪتاب

گهيري ورتو مشڪلاتن ساڻ گڏ محرومين
لطف پنهنجي ساڻ ڪر آسان تر ارڏو عذاب

جيڏو تنهنجو نانءُ آهي جيڏو آ رحم و ڪرم
اوتري اميّد رحمت جي رکان عالي جناب

معاف ڪر ”مشتاق“ کي صدقي محمد مصطفيٰ
دردمندن جي دُعا مقبول ڪر ۽ مستجاب

-------------- ❋ ❋ ❋ --------------

# وڏيو سرمايو ميان صاحب جي ملڪيت ۾....!

حڪمران قوم تي ڪئي ڪاهه رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو
خوشامندڙين ڪئي وهواهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

وٺي جمهوريت جو نانءُ قائم بادشاهي ڪئي
وزيراعظم ٿيو شاهن شاهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

غرض آهي رياست سان نہ ڳڻتي قوم جي آهي
رڳو آ فڪر- تخت و جاهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڪُنن ۾ ڪشتي، ڪشتيبان وٺي ويو قوم جي آهي
تباهي جو هي منظر آهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڪئي سوداگري جمهوريت جي نالي ۾ يارن
هي سارو هو ٺڳي جو ٺاهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڪري ٿو ملڪ جي خدمت تجارت جي طريقي سان
ڪيو جن قوم کي گمراهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

هنيل راتاها سالن کان هيا ڪجھہ خاندانن جا
حقن کان ماڻهو ٿيا آگاهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڏهوڙو ٿي ويو سرمايو ميان صاحب جي ملڪيت ۾
ڪئي آ هڪ هٿي همراهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڪيل خوشحالي جا وعدا نيائي هو سگهيو ناهي
ڪڇي ويو قوم جو ويساهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

ڪيو چادر ۽ چوديواري جو آ چاڪ پردو جن
گهرن ۾ تا گهرن بيگاه رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

وڏي ويا چوري اغوا ڌاڙا قرلت ۽ مهانگائي
ٻري ٿي چوطرف پئي باهہ رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو.

سجاڳي جو ڏنو "مشتاق" سڏ عوّام کي آهي
گواهہ آهن هي مهروماه رب ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو

-------------- *** --------------

# ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا....!

جنون جا جوش ۾ جذبا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا
خطا ٿيا هوش جا حربا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

اڙانگو ۽ انوکو عشق جو آهي سفر سارو
سڪايل لئي سڪن صدما ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

پتنگ وانگر مڙيا مچ تي جتي محبوب جي منزل
اچن چانئٺ چمڻ چريا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

الستي عشق آلاپن بنا سازن سرودن جي
ٻڏائن نينهن جا نغما ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

ڪڏهن جنگل ڪڏهن دريا ڪڏهن پانڌي ٻهاڙن جا
نہ سٽ منهنجي سهن صحرا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

سڪن ۾ ها سوين ساٿي ڏکن ۾ ڪنهن نہ ڏک ڏوريا
ڇڏي ويا دوست سڀ گهرا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

رکي ”مشتاق“ تو مطلب رڳو محبوب۔ هڪڙي سان
اچن سامهون سوين چهرا ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# همسفر گھرجي....!

عشق بيباڪ بي خطر گھرجي
آهه ۾ باهه جو اثر گھرجي

حسن موجود هر جڳهه آهي
پر ڏسڻ لاءِ تي نظر گھرجي

درد ڪان ڪابه دل نه خالي آ
ڪو رفوگر يا چاره گر گھرجي

هر مرض جو علاج آ ممڪن
پر معالج به معتبر گھرجي

ڪو ڪو ماڻهو آ ماڻهپي وارو
ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي سڌڻ بشر گھرجي

دپ نه دارو رسن جو ڏي هرگز
ناصحا نيهن تو ندبر گھرجي

راهزن راهبر سڏائن تا
رهبر ئي لاءِ راهبر گھرجي

ٽوڙڻو جيڪڏهن جمود آهي
هڪ پٿر ۾ موجزن لهر گھرجي

بت پرستي ٿئي جي ڪعبي ۾
ڪو خدا جو پيام بر گھرجي

عشق جي راهه تي گھڙي پل لئي
زندگي پر جو تو ثمر گھرجي

درد دل جا سنيالي رک "مشتاق"
هر سفر لاءِ همسفر گھرجي

--------------- ❊❊❊ ---------------

# وقتي شفا مان ڇا ٿيندو.....!
# سنڌ حڪومت جو ڪمشنري نظام آڻڻ

خبر ناهي تہ پنهنجي قوم جي قسمت جو ڇا ٿيندو
جڏهن خود غرض ليڊران جو رهبر رهنما ٿيندو

نڪو عوام جو الڪو نڪا پرواهہ پنهنجن جي
عدو جي چار ۾ ڪيسين هو مرغ - مدّعا ٿيندو

جڏهن دشمن جو آ مقصود - منزل منهنجي بربادي
الائي هو ڪڏهن هِن سازشن ڪان آشنا ٿيندو

گهُرن ٿا منهنجي ڌرتي تي ڪرڻ بي دست وپا مونکي
خدا حامي نبي ضامن علي مشڪلڪشا ٿيندو

فضا ۾ هر طرف پوست ۽ گهبراهٽ جو آ عالم
انهيءَ ماحول ۾ مرد - خدائي دلڪشا ٿيندو

سر - بازار وڪٽي سنڌ ۽ سنڌين جا حق جيڪو
سو اڳتي سنڌ ۽ سنڌين جي کهڙي ساهتا ٿيندو

اڪين آڏو اسان جي جنهن گذاري زندگي ساري
پڏائي پاڻ ڪي هو ڪيستائين پارسا ٿيندو

سموريون سازشون ۽ چال بازيون ختم ٿي وينديون
خبر تنڪي تڏهن پوندي جڏهن ليڪو صفا ٿيندو

ڪٿيو ڪائيندا ڪيستائين هو وڏڙن جي نالن ۾
جڏهن يوم، حساب آيو تہ پوءِ محشر بپا ٿيندو

نہ ڏوڪو ڪاء نہ ڏوڪو ڏي اهو ڏوڪو دغا ٿيندو
مرض جيئن کهنو ٿيندو ويندو آخر لادوا ٿيندو

رکي ڏس نبض تي هٿ قوم جي ڌڙکن کي پرکڻ لئي
کئي جي ختم خاموشي خدا جي خلق ڇا ٿيندو

نہ ڏيو کوڙيون تسلّيون قوم کي بس سادڙو سمجهي
جڏهن بگڙي پئي جنتا تہ شام- کربلا ٿيندو

مرض هي لادوا ناهي مگر تفتيش اڻ پوري
مفادن جو هجي سودو، نہ حاصل مدّعا ٿيندو

دوا اهڙي هجي جنهن سان شفا کامل ٿئي حاصل
طبيب - مهربان وقتي شفا مان ڇا ڀلا ٿيندو

اکيون ٻوٽي کئي جن جي حمايت سنڌ جي ماڻهن
ڀلا هي قرض سنڌين جو ڪڏهن تن کان ادا ٿيندو

هو پيگڙن مٿ تي وکٽڻ آيا آهن سنڌ سنڌين جي
جڏهن رد - عمل ٿيندو تہ پوءِ بي انتها ٿيندو

رهي پنهنجن پراون ۾ نہ پرکڻ جي صلاحيّت
جو خود گمراهہ آ کهڙو ٻين جو رهنما ٿيندو

کراچي کان وٺي کشمور تائين مالکي پنهنجي
کري جو شک اهڙو دوست پي دشمن نما ٿيندو

مُهر خاموشي جي ڇو منتخب مجلس جي منهن تي آ
انهن مان نيٺ کو "مشتاق" هک مرد - خدا ٿيندو

تاريخ ٢٠-٨-٢٠٢١ع

--------------- ❊❊❊ ---------------

# ڪمشنري نظام جي ٻيهر تبديلي وقت سنڌ جي پڪار....!

سنڌ ڇاون فيصلو ڪهڙو ڪيو ترميم جو
خود رکيو پهريون پٿر ڇڻ سنڌ جي تقسيم جو

سنڌ ڇاوا ڪرسي خاطر سنڌ جا دشمن ٿيا
سنڌي ٽوپي ۾ اهي غيرن جا ڇڻ ايجنٽ ها

جيڪڏهن سنڌين ۾ غيرت آهي ڌرتي ماءُ جي
داخلا ڪن بند پنهنجي گهر ۾ ڀاڙئي ڀاءُ جي

جيڪو غيرن کي رکي راضي ٿو وڪڻي سنڌ کي
ڪو قبوليندو نه جعفر مير جهڙي گند کي

سنڌ ساري جو ڪراچي شهرن سان ئي شان آ
حيدرآباد ان جي دل آ گويا ان جي جان آ

سنڌيو گڏجي ڪيو دشمن جو گهيرو تنگ اڄ
سنڌ وارن کي پڪاري سنڌ جو ٿو ننگ اڄ

سنڌ کي وڪڻڻ گهرن ٿا سنڌ جا غدّار اڄ
سنڌ جي دشمن بڻي آ سنڌ جي سرڪار اڄ

چئن ڏينهن لئي حڪومت کي بچائڻ واسطي
سنڌ ۽ سنڌين کي بي دردي سان ڪهڻو ٿو پوي

آيو مرڪز کان اهو پيغام آهي سنڌ کي
سنڌ جي قرباني جو پيغام آهي سنڌ کي

ناهي ڪرڻو اهڙي حاڪم جو ڪڏهن ڀي انتخاب
جو هٿن پنهنجن سان پنهنجن جو ڪري خانه خراب

ڪنهن به آمر کان ٿيو آهي نه اهڙو فيصلو
جهڙو جمهوري حڪومت آندو آهي زلزلو

ٿــي ويــا پٿــو شــهيد ۽ بــي نظيــر اڄ بــي قـــرار
فيصــلي اهـــڙي تــي مــاتم ڪــن ٿــا مــاڻهو بــي شــمار

ڇــو اڄــان خــاموش آهــن پنهنجــا ميمبــر ۽ وزيــر
هئـــڙي هـــاجي ۾ انهـــن جـــو ناهـــ ڇــو زنـــده ضــمير

ديـــن ۽ ايمـــان انهـــن جـــو پـــارٽي جـــي آ ٽڪيـــٽ
هــڪ ٽڪيــٽ جــي بــدلي ڪــن ٿــا قــوم جــي قسمت لپيــٽ

ســند ۽ ســندين جــي مســتقبل جــو آهــي هــي ســوال
غــور ڪريــو آئنــده نســلن جــو ٿينــدو ڪهــڙو حــال

وئــي وڪــامي ســند آهــي پنهنجــي پوتــارن هٿــان
جــاءِ ملنــدي قبــر جــي هــاڻي پــلا تــن ڪــي ڪٿــان

مصــلحت خــاطر اوهـــان اڄ پـــي اگـــر غافـــل رهيـــا
ســند جــي تــاريخ ۾ چــڙ ســپ جــا ســي قاتــل ٿيــا

ٿــي پڪــاري ســند هــر فرزنــد غيــرت منــد ڪــي
ســند تــان قربــان ڪريــو پنهنجــي جــان ۽ جنــد ڪــي

ســـند خـــاطر ڪرڻـــو آهـــي ســـارو ڪاروبـــار بنـــد
جيڪـــڏهن رکڻـــي ســلامت آهـــي پنهنجـــي پيـــاري ســند

ســند ٿــي تقســيم وينــدي جيڪــڏهن آهيــون ســتل
مصلحت خــاطر يــا ڪــنهن جــي خــوف کــان آهيــون ڊنــل

اڄ پيـــا جـــاڳي ســمورا ســـند جـــا عـــالم اديـــب
ســـند جـــي آهـــي بقـــا ۾ ســـند وارن جـــو نصـــيب

ســند ڌرتــي ســان ڪيــو ســپ ســند وارن هــي وچــن
ســـند خـــاطر آ ٻـــڌو ســـر ســـاڻ ســـرواڻن ڪفـــن

جيســـتائين ســـند جـــي ســـاڳي رهـــي صـــورت بحـــال
تيســـتائين جـــاري رهنـــدي ســـند وارن جـــي ڌمـــال

تاريخ ٢-٩-٢٠١٢ع

--------------- ❊❊❊ ---------------

# حساب ٽيندو حساب ٽيندو....!

قريب يوم حساب آهي ذري ذري جو حساب ٽيندو
لڳائي آهي عوام عدالت چڱي بري جو حساب ٽيندو

اسان جا واهڻ اسان جون وستيون شهر اسان جا اسان جون بستيون
لٽي ڏنيون چو چڏي ڏنيون چو هٿن سان پنهنجي لکي ڏنيون چو
هي آهي ويساه گهاتي کيڏي هلائي سنڌين تي کاتي کيڏي
حبيب هاڻي حساب ٽيندو ذري ذري جو حساب ٽيندو
لڳائي آهي عوام عدالت چڱي بري جو حساب ٽيندو

نڌڪي ناهي نڌڪي ناهي وڪڻي ناهي ۽ ونڊڻي ناهي
هي ڌرتي وڏڙن جي آ امانت ڏبي نہ ڪنهن کي ڪرڻ خيانت
سڄاڳ آهن سڄاڳ آهن زمين جا وارث سڄاڳ آهن
حبيب هاڻي حساب ٽيندو ذري ذري جو حساب ٽيندو
لڳائي آهي عوام عدالت چڱي بري جو حساب ٽيندو

ٻئي نظام جي ناءِ تي هي تير سنڌ جي هاڻ تي
هلايو گڏجي هي دشمنن چو سنڌ ڇاون ۽ ڌارين چو
اٿو اي غيرتمند اٿو اڄ نبيرو سنڌ جو ٿي ويو اڄ
حبيب هاڻي حساب ٽيندو ذري ذري جو حساب ٽيندو
لڳائي آهي عوام عدالت چڱي بُري جو حساب ٽيندو

ڪپي نہ اهڙي ڪڏهن قيادت جنهن اسان جو ڪري قيامت
وطن ۾ ٿي بي وطن ڪري جا اسان جي هاڻ تي مڱ ڏري جا
وطن جا ”مشتاق“ ڪاڏي ويندا ڪٿي ڪٿي دربدر هو ٿيندا
حبيب هاڻي حساب ٽيندو ذري ذري جو حساب ٽيندو
لڳائي آهي عوام عدالت چڱي بُري جو حساب ٽيندو

تاريخ ١١-١١-٢٠٠٢ع

------------- ❊❊❊ -------------

# قبول ناهي قبول ناهي.....!

هــي بلــدياتي نظــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
هــي سـنڌ سـان انتقـام تنهنجــو قبــول نــاهي قبول نــاهي
ڪيو ٽا سنڌ چو ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ٽا بي گهر ڇو سنڌين کي
هــي ڪارنــامو تمــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي

نسـورو نــاحق هــي بـل سـمورو هــي سـنڌ وارن خــلاف سـازش
عــذاب هــي انتظــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
سـياه قــانون سـڏجي هــن کــي، يــا ظالمــاڻو نظـام چئيجــي
عجيــب هــي اهمتــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي

اسـان جـي ڌرتـي لکـي ڏيـو ٽـا اسـان کـي بـي دسـت وپـا ڪيـو ٽـا
وڏيــڪ هــاڻي قيــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
دليـل ڪــوڙا بيــان ڪــوڙا ڪــڏهن نــه گهمــراه قــوم ٿينــدي
ڏٽــو ســٽو صــبح و شــام تــنهن جــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي

غيـور فرزنـد سـنڌ جـا سـپ ٻـڌي ڪفـن سـر سـان آيـا آهـن
انهــن کــي اڄ احتــرام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
گهــرين ٿــو هــر ســنڌي مــرد عــورت ٻچــو ٻچــوءِ ٻـيو جــوان
هميشــه ٻڻجــي غــلام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي

حــلال کــي ٿــو حــرام ســمجهين حــرام کــي ٿــو حــلال ســمجهين
هــي حاڪمــاڻو حــرام، تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
نه جنهن جي سجدن ۾ ڪا صداقت نه جنهن جي وعدن ۾ ڪا وفائي
هــي بــي ڀروســو امــام تنهنجــو، قبــول نــاهي قبــول نــاهي

حبيــب پنهنجــا حريــف ســمجهي هٽــين ٿــو تــن جــي حقــن تــي ڌاڙو
حريــف ٿيــو هــم ڪــلام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي
وجود منهن جي جي دشمنن کي ڪـرين ٿـو ”مشتاق“ تـي مسلط
هــي جــانور بــي لغــام تنهنجــو قبــول نــاهي قبــول نــاهي

۹-۱۰-۲۰۱۲ع

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# ڪنهن جي ڪاتي ۾....!

شهيدن جو ويو رت رائگان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾
پچن اهل - زمين ۽ آسمان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

هي آهي اهليت تنهنجي يا صدقو آ شهيدن جو
جو آهين بزم ۾ اڄ برجمان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

ڏني پوري ڪتنب جي قوم لئي قرباني ڪنهن آهي
ويو نازل ٿي ڪوئي ناگهان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

نہ قاتل ٿيا ڪٿهڙي ۾ نڪي فرياد داخل ٿيو
هي سارو الميو آ الامان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

خوشامنڌيا تہ خوش آهن ڏنو جن ساٿ سورن ۾
سچن جو ناهہ ڪو نالو نشان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

هيا جت هنجهہ ات هيڙها جتي ڪوئل اتي ڪيريون
گلستان غمز ده آ منهن جي جان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

شهيدن جي امانت آ جماعت جو جٿو سارو
پريشان پير توڙي نوجوان ڏس ڪنهن جي ڪاتي

ٿيا "مشتاق" اڄ محروم، موجن ۾ منافق سڀ
نفعي ڪان پي زياده آزيان ڏس ڪنهن جي ڪاتي ۾

-------------- ❋❋❋ --------------

# محبوب سان محبوب آهي هم ڪلام....!

خادم و مخدوم جو هي پاڻ ۾ ناهي پيام
پر هتي محبوب سان محبوب آهي هم ڪلام

فرق ناهي جت رهيو ڪو طالب و مطلوب جو
ڪئين پتو پوندو مُحِبّ ۽ مهلقا محبوب جو

ٻن دلين جي هڪ هجڻ جي آهي اهڙي ماجرا
سڌ ڪراما ڪاتبين کي پي نہ جنهن جي آهہ ڪا

جن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي ساڳيو سوز و ساز
ناز ۽ انداز ساڳيو نينهن ساڳيو ۽ نياز

حَسن جو ۽ عشق جو ڏس هر طرف آهي ظهور
فلسفو ”تومن شدي من توشدم“ نروار نور

منهنجي من ۾ جيڪي گذري هُت بہ ساڳي آ پچار
پاڻ ۾ آهي مليل روحن جي گويا تند تار

آهي سمجهڻ ڪان بہ مشڪل ۽ پروڙڻ ڪان پري
ڪير ڪنهن لئي آه آتو ڪنهن جي ڪنهن لئي دل گهري

جنهن بہ پيتو پرت سان آهي پيالو پيار جو
پوءِ سمجهو زندگي پر يار ٿي ويو يار جو

وئي انا متجي دو رنگي ۽ دوئي سڀ دور ٿي
تون هي تون جي هر طرف ڪان نئين دنيا معمور ٿي

خط لکان ڪنهن کي لکان خط ۾ يلا ڇا ڇا لکان
حال پنهنجو پاڻ کي جڻ پاڻ ئي ويٺو ڏيان

پارکن جي پرک ڪان ”مشتاق“ هي آهي محال
عشق ٿو محبوب ۽ مخدوم کي ڪيئن هڪ ڪري

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا....!

تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

هي مال مڏيون ۽ ماڙيون محل
هي مالوندن جا ميڙا متل
هي شاهاڻا شب روز شغل
تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

هي هوڏ ۽ هستي جو جلوو
ڌن دولت جو ناگاه نشو
هي هوندا سڀ ماضي جو قصو
تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

جنهن تخت و تاج تي يار ڪڏين
چڙ ريت تي ويٺو محل اڏين
تون پنهنجو زوال ٿو پاڻ سڏين
تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

هي نوڪر چاڪر پهريدار
تنهن جي حڪم جا هردم تابعدار
هڪ ڏينهن هي هوندا توکان ڌار
تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

هي محفلون عيش و عشرت جون
هي رونقون ڌن ۽ دولت جون
اڄ تائين نہ آهن ڪنهن سان رهيون
تي ٿاٽ سمورا ٿا ويندا
بس نانءُ الله جو باقي رهي

هـــي زردا پـــلاءِ ۽ بريـــانيون
هـــي حلــوا مـــال پـــڙا ۽ مٺـــايون
ســـپ ڏيـنـديون تــوتي يــار گواهيــون
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿاوينــــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

هـــي دنيـــا ســـاري دورنگـــي آ
ڪئـــي ڪـــنهن ســـان هـــم آهنگـــي آ
بـــس چـــار ڏيـــنهن جـــي زنـــدگي آ
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿـــا وينـــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

ڪـــر هـــوش ڇـــڏي ڏي پـــاڻ پـــڏڻ
هـــڪ ڏيـــنهن هتـــان هلڻـــو آ ســـڄڻ
نيڪـــي جـــو ثمـــر گـــڏ پـــاڻ ســـاڻ ڪـــڻ
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿـــا وينـــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

هـــت رهجـــي وينـــدو مـــال ۽ ڌن
بـــس توســـان هونـــدو تنهنجـــو ڪفـــن
ڪـــري مائـــٽ اينـــدا تـــوکي دفـــن
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿـــا وينـــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

بـــس تـــون ۽ تنهنجـــي انـــڌيري قبـــر
هـــي تـــنهن جـــو آخـــري آهـــي ســـفر
ات پڇينـــدا ملائـــڪ ســـاري خبـــر
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿـــا وينـــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

هـــر جـــان ڪـــي هـــڪ ڏيـــنهن هلڻـــو آ
هـــن فـــاني جـــڳ ڪـــي ڇـــڏڻو آ
”مشـــتاق“ ثمـــر گـــڏ ڪرڻـــو آ
ٿـــي ٿـــات ســـمورا ٿـــا وينـــدا
بـــس نـــانءُ الله جـــو بـــاقي رهـــي

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

# قطعات

(درشان ـ مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم)

پنهنجــي روزن ۽ نمــازن تــي نـــہ آهـــي پروســـو
ڇوٽڪــارو نــاه ممڪــن رب جــي رحمــت ڪانســواءِ
ڏينهن قيامت جي ڳڻيا ويا جيڪڏهن سڀ ڏوهہ ڏاڍ
نــاه ڪــو چــارو نبــي تــنهن جــي شــفاعت ڪانســواءِ

❖❖❖

عطا ڪئي پنهن جي ٻانهي کي خدا اهڙي زبان آهي
ثنــاءِ مصــطفيٰ ۾ رات ڏيــنهن رطــب اللســان آهــي
زبــان ڪــي ۽ قلــم ڪــي ڪــر عطــا قــوت اهــا مــوليٰ
ثنــا اهــڙي ڪيــان جيڪــا ســندس شايان- شــان آهــي

❖❖❖

ثنــا تنهنجــي لکــڻ خــاطر قلــم اهــڙو ڪتــان آڻيــان
ڪرڻ تعريف تنهن جي لئي زبان اهڙي ڪٿان آڻيان
نکــي همــت زبــان ۾ آ نکــي قــوّت قلــم ۾ آ
بيــان ڪــان آهــي جــو ٻــاهر ڪٿــان ان جــو بيــان آڻيــان

❖❖❖

ڪــرين شــامل اگــر پنهنجــي غلامــن جــي قطــارن ۾
تــہ هونــدو منهنجــو نــالو پــي خــدا وارن پــلارن ۾
تمنــا آهــي شــل مــوليٰ ڪــري پــوري تمنــا هــي
ٻهاريــدار بڻجــي روضــي جــو ٿيــان بخــت وارن ۾

❖❖❖

تــو مســڪينن غــريبن کــي گلــي لاتــو مٺــا ســائين
يتــيمن کــي پــي پــاڪر پيــار ســان پــاتو مٺــا ســائين
اٻــوجهن ســادڙن جــي تــنهن جــي در تــي ٿــي پــذيرائي
اڙيــن ســان تــو نيــايو نيــنهن جــو نــاتو مٺــا ســائين

❖❖❖

اتم معلوم منهنجي عمر پوري پُر خطا آهي
فقط اميّد توڙي آسرو تنهن جي شفا آهي
چڱن عملن جو ناهي ڪو اکر اعمالنامي ۾
رڳو هر حرف ۾ هر لفظ ۾ تنهن جي ثنا آهي

❖❖❖

## قطعات (درشان ـ شهيد اعظم)

هر درد کان آ درد نرالو حسين جو
هر درد جو علاج آ نالو حسين جو
اسلام جي حقيقت ايندي نہ سمجھ ۾
هوندو نہ هن ۾ جيسين حوالو حسين جو

❖❖❖

ڪربلا جو مثال ئي ڪونهي
ڪوبہ اهڙو ڪمال ئي ڪونهي
تا قيامت حسين جو نالو
آهي زنده سوال ئي ڪونهي

❖❖❖

عزم عالي امام ياد آهي
ڪربلا جو مقام ياد آهي
پيش تحفا رضا جا ٿيندا رهيا
خون آ شام شام ياد آهي

❖❖❖

آهي نبي سان عشق محبّت حسين جي
الله جي اطاعت اطاعت حسين جي
سمجھڻ گهرو ٿا فلسفو جي لاالہ جو
تشريح ان جي آهي شهادت حسين جي

❖❖❖

اُمت ۾ جيڏو شان آ آل- رسول جو
اوڏو ئي امتحان آ آل- رسول جو
پرکڻ گهرو ٿا پنهنجي ايمان کي اگر
موجود داستان آ آل- رسول جو

❖❖❖

دنيا ۾ بي مثال شهادت حسين جي
الله کي پياري عبادت حسين جي
غلبو يزيديت جو ان قوم تي نہ ٿيندو
جنهن قوم کي عطا ٿي قيادت حسين جي

❖❖❖

صورت يزيد جي ۾ ماڻهو جتي ڪٿي
سيرت حسين جي ۾ ڳوليو نٿو لڀي
موجود قافلي ۾ عزادار سو هزار
ڪو ڪو حسينيت جو علمدار ٿو هجي

❖❖❖

ڪربلا جو مثال ئي ڪونهي
ڪوبہ اهڙو ڪمال ئي ڪونهي
تاقيامت حسين جو نالو
آهي زنده زوال ئي ڪونهي

❖❖❖

ڪربلا مان ٿي اچي اڄ پي صداءِ انقلاب
ياد تنهن جي غيرت - ايمان ۾ آٽي پيچ و تاب
قوم مسلم کي پڙهائي وئين تون آزادي جو باب
راه- حق جي شمع روشن آهي تنهن جو اضطراب
تنهن جي بي باقي زماني لاءِ عبرت جو سبق
هر يزيدي دور لئي همت ۽ جرئت جو سبق

❖❖❖

# قطعات

دانهن جي ڪنهن در شڪايت ڪٿ ڪجي
جيڪڏهن لوڙهو فصل کائڻ لڳي
اهڙي ڪنهن انڌير نگري پي ڏٺي
مدّعي جا فيصلا مجرم ڪري

ذهن گندو ٿو ڪري جنهن وقت گند
ٿو ڪري انصاف جا دروازا بند
جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي آ ضرور
ظلم جي ڪرسي رهي ٿي ڏينهن چند

ظالمن جا ساٿيو عاليجناب
ڪيستائين ظلم جو هلندو نظام
هڪ نہ هڪ ڏينهن نيٺ ٿيڻو آ حساب
هڪ نہ هڪ ڏينهن نيٺ ڏيڻو آ جواب

غيرت- بزدلن کي ايندو جوش نيٺ
ڪيترو رهندو خدا خاموش نيٺ
ظلم جي آڙاه ۾ ويندو سڙي
هٿ ڪڙين ۾ هوندا هي مدهوش نيٺ

دشمني دوستي جو ويس ڍڪي
هر گهڙي انتظار ۾ ٿي هجي
جيئن ملي ٿو ڪو موقعو ان کي
خواهش- خونخوار ۾ ٿي هجي.

-------------- ❊❊❊ --------------

مهربان مون تي آهي جيڪر دوست
مونکي دشمن ڪان ناهي ڪو خطرو
پاڻ ڪي پل لڪائي، سو پيرا
پر سڃاڻان ٿو مان سندس چهرو

هر برائي جو آ نتيجو بد
هر چڱائي جو ڦل چڱو آهي
ظاهري ڏس نہ تون نفعو نقصان
پر پڇاڙي پلو، پلو آهي

پورهئي ساڻ جي پيار آهي
هر خزان ۾ بہ جڻ بَهار آهي
سست ڪاهل بہ پاڻ تي آ بار
محنتي تنهنجو منهنجو يار آهي

سنڌ سان جي پيار ڪرڻو آ
جان ڪي ڀي نثار ڪرڻو آ
هي ٿلها نعرا ڪم نہ ايندا دوست
ڌڙ ڪنان سر ڪي ڌار ڪرڻو آ

خون منهنجو نہ ڳوليو ڪنهن ٻئي هنڌ
پنهنجي هٿ جون ڏسو لڪيرون سڀ
منهن جو قاتل هتي لڪل آهي
جنهن جون رت ۾ رنڱيل لڪيرون سڀ

--------------- ❊ ❊ ❊ ---------------

مٿائي ڪين ٿي سگهجي ڪڏهن ان قوم جي هستي
لکي تقدير جنهن جي آه وئي خون- شهيدان سان
ڪٿوري ڪان رهي خوشبوءِ ۾ سرهي اها واري
ٿئي ٿي جيڪا خون آلود قتل- نوجوانان سان
اهائي سرزمين پيدا ڪري ٿي لالہ وگل ڪي
ڪئي وئي آبياري جنهن جي خون- عندليبان سان

-------------- ❊❊❊ --------------

دشمني دوستي جو ويس ڍڪي
هر گهڙي انتظار ۾ ٿي هجي
جيئن ملي ٿو ڪو موقعو ان کي
خواهش- خون خوار ۾ ٿي هجي
دوستي آهي الڳ ۽ آشنائي آ الڳ
مشڪلاتن ۾ ٻنهي جا رخ جدا گانہ ڏٺم
جت سياست جي دورنگي حاوي آ هڪ رنگ تي
اندلٺ وارا اتي سپ رنگ روزانا ڏٺم

-------------- ❊❊❊ --------------

دوستي جو رشتو آهي هڪ ڪچي ڌاڳي مثال
جي ٽٽي، ڳنڍجي سگهي ٿو پر گره ايندي ضرور
سلسلو ساڳيو نہ رهندو ڪوشش جي باوجود
درد جي تلخي مگر محسوس پئي ٿيندي ضرور

وڏيرپ ساڻ ڪثرت- مال و دولت
طبيعت ۾ بہ ڪجهہ ڪجهہ ڪبريائي
تہ پوءِ پامال ٿيندا رهندا رشتا
اخوّت دوستي ۽ دل ربائي

هر وقت مفادن جو لڳل آ جهيڙو
ڪرسي جي لڙائي تي متل آ ميڙو
ان ملڪ جو ۽ قوم جو ڇا ٿيندو
هر روز حڪمران جتي گهر پيڙو

خاڪم بدهن خاڪ- وطن روز ازل کان
ڇو تنهن جو مٽي آهي غبارن جي لپيٽ
هر روز ٿا بحران تي بحران اچن
ڪهڙي جي ڪجي ڪهڙي ٻئي ساڻ ڀلا ڀيٽ

پري کان وڏا ماڻهو ڏسجن ٿا ليڪن
جي ويجهو وڃو ڏاڍا ننڍڙا لڳن ٿا
مگر ڪيترا ماڻهو ننڍڙا پري کان
جي ويجهو اچن ٿا تہ وڏڙا لڳن ٿا

چڏ ڪفر جون فتوائون مسلمان رهڻ ڏي
هن سادڙي انسان کي انسان رهڻ ڏي
اسلام جي نالي ۾ نوان فتنا نئين سج
اي شيخ گنهگار جو ايمان رهڻ ڏي

عشق جون سوز و ساز جون ڳالهيون
درد و غم ۽ گداز جون ڳالهيون
يار تو ساڻ ٿو سلڻ چاهيان
زندگي پر جي راز جون ڳالهيون

هجي نيبهه اوهان کي ڪرسي يارو
ڪڏهن ذرتي سان غداري نه ٿيندي
جو دشمن سنڌ جو سو منهن جو دشمن
انهيءَ سان دوستي ياري نه ٿيندي
ڪجهه بار تہ آ منهن جي گناهن جو
ڪجهه هُن ۾ اضافو هيو يارن جو
منصف بہ عدو ساڻ ملي هڪ ٿي ويا
ڪردار آ ڪجهه هن ۾ ادارن جو

# دک جو داستان ٻڌجي.......!

اچي هر امتحان تو ڪاميابي جو بيان ٻڌجي
سراپا عشق جي صورت وجن ٿا جسم و جان ٻڌجي

پتو پنهنجو پوي تو پاڻ کي يي ان مهل ساتي
جڏهن آڏو اچي ٿي پنهن جي منزل ڪهڪشان ٻڌجي

مظاهرو منهن جي جرئت جوش جو آهي ڏسڻ جهڙو
اچي ٿي اوچتو جنهن وقت آفت آسمان ٻڌجي

زبان بندي جي لاحاصل ڪندين ڪوشش پلا ڪهڙي
وجي ٿو درد پنهن جو پاڻ پنهن جو ترجمان ٻڌجي

هي تنهنجي منهن جي خواهش تي وجڻ وارا نٿا ڏسجن
جڏهن عشق و جنون دل ۾ اچن ٿا ميهمان ٻڌجي

نہ ان ساعت سڳوري جو ڪڏهن ڪاتو ڪري سگهبو
ملي نا مهربان جنهن وقت منهن جو مهربان ٻڌجي

ٻڌائي تو قصو منصور سرمد جو حقيقت هيءَ
وجي صيّاد جو ٿي سچ چوڻ وارو نشان ٻڌجي

ڪڏهن دارو رسن روڪي نہ سگهندا داستان دل جو
جڏهن مظلوم جو سارو بدن وججي زبان بڻجي

ضرورت آشيان جي طاهر- لاهوت کي کهڙي
وجي ٿو آسمان جنهن وقت هن جو آشيان بڻجي

رهن ٿا رابطا اهل- زمين جا عرش وارن سان
وجن ٿا صاحب - دل جا مڪان پي لامڪان بڻجي

ڪڏهن آه و فغان ڪان پي ڪري تاثير ٿي زياده
جڏهن خاموشي ويندي آهي دک جو داستان بڻجي

عدو جي دشمني ڪان پي ڏڪارو ٿي ڪري ڏاڍو
رسي پنهن جن ڪان رنجش ناگهمان نامهربان بڻجي

ڪري ڪو آسمان جي دشمني جو خوف خطرو ڇو
وجي ٿو دوست جاهل جنهن جو رهبر رازدان بڻجي

ٿين مشڪل ڪان مشڪل حالتون آسان اک ڇنڀ ۾
جڏهن پيري ۾ پي "مشتاق" رهجي ٿو جوان بڻجي

-------------- ❊ ❊ ❊ --------------

گلاسڪو برطانيہ يڪم جولاءِ 2022ع

# قومي ترانو

اي وطن منهنجا وطن پيارا وطن نيارا وطن
رشڪ جنت سرزمين- پاڪ جا سارا صحن

تنهن جي دريائن بيابانن پهاڙن جا امين
ڪوهسارن ريگزارن آبشارن جا امين
سرحدن جا پاسبان سڀ سورما شان – وطن

سنڌي پنجاپي بلوچي پشتو ڪشميري جوان
تنهن جي ڌرتي جا محافظ تنهن جي عظمت جو نشان
جان نثارن تنهن جي حرمت لئي ٻڌو سر سان ڪفن

جهنگلن جا شير جوڌن جا ڏسي جذبا ڊڄن
جن جي قدمن جي ٻڌي آهٽ جبل لرزان ٿين
دشمنن جي لاءِ بم گولا هي تنهن جا مردوزن

حوصلا همّت هماليہ کان جوانن جا وڏا
عزم و استقلال دريائن سمنڊن کان وڏا
نعره - الله اڪبر آ زبان تي موجزن

فتح و نصرت جا سدائين گيت ڳائيندا اچن
دشمنن جا لاش لاشن تي ليٿائيندا اچن
جنگ ۾ متوالا تنهنجا مِرد-ميدان رات دن

يـوم - آزادي تـي توسـان عـهـد و پيمـان ٿـا ڪيـون
مـال و دولـت جـان تـن مـن سـارا قربـان ٿـا ڪيـون
خـون ڏئـي تـازو تـوان رڪنداسـون هـي تنهنجـو چمـن

تـي وطـن جـي حـبُ، عشـق جـو ايمـان جـو
پنهنجـي آزادي عطيّـو آهـي رب رحمـان جـو
شـڪر ۾ سـڀ سـجده ريـزه آهيـون خـدائي ذوالمـنن

تنهنجـي خـدمت لاءِ آتـا تـنهن جـا هـي عُشّـاق سـڀ
تـنهن جـي مٽـي سـان محبـت ٿـا رڪـن ”مشـتاق“ سـڀ
تنهنجـي نـام و ننـگ ۽ نـاموس تـي مسـت و مگـن

مهرڻ يونيورسٽي ڄامشورو
**14-08-2022**

-------------- ❊❊❊ --------------

## فریاد ببارگاہ سرکار دو عالم ﷺ

بگشتم حال زار یدہ ، زہجرت یا رسول اللہ
ہمیں خواہم بصح و شام ، وصلت یا رسول اللہ

زمہجوری بر آمد اشک خون ، باران از چشمم
مثل غربال شد حالم ، زفرقت یا رسول اللہ

چرا مسکین را محروم ، از دیدار خود کردی
ملاقی شو ملاقی شو ، بشفقت یا رسول اللہ

کنی گر دور دوری را بنزدیکی نوازی تو
بحمداللہ شوم شاداں ، زنعمت یا رسول اللہ

کسے باشد نہ مارا در دو عالم جز تو مقصودے
دل - بیتاب گرویدہ ، بعشقت یا رسول اللہ

کئی مسرور ایں مہجور را محبوب تو حالے
شود "مشتاق" رنجیدہ زفرقت یا رسول اللہ

--------------- ❋ ❋ ❋ ---------------

# یا رسول اللہ نگاھي....!

عاجزم بی اختیارم یا رسول اللہ نگاہے ، بر درت فریاد دارم یا رسول اللہ نگاہے۔
عاصیاں رانیست جز تو در جہاں جائے پناہ ، نا امیدم از دو عالم یا رسول اللہ نگاہے۔

مشکلاتم شد گرہ اندر گرہ ہو ساعتے ، نیست کس مشکل کشایم یا رسول اللہ نگاہے۔
کردہ ام باد خزاں بے رنگ و بو باغ۔حیات ، بازمی خواہم بہارے یا رسول اللہ نگاہے۔

عمر رفتے حل نگشتے حاجت۔ ما تا ہنوز ، پیش تو احوال کردم یا رسول اللہ نگاہے۔
آہ وزاری اشک باری ہر مقامے کردہ ایم ، کس نہ باشد دست گیرم یا رسول اللہ نگاہے۔

از گناہم شد سیاہ اندر سیاہ موئے سپید ، تو بر آور آبرویم یا رسول اللہ نگاہے۔
نے رخ۔ زیبا بدارم نے بہ نیکی دعوی ایم ، من گنہگارا منیّم یا رسول اللہ نگاہے۔

رشتہ ام با ملتے تو بستہ ام با ایں امید ، تا بایں نسبت بنالم یا رسول اللہ نگاہے۔
حال ما رانیست مخفی از تو اے داناء راز ، پیش تو گویم ، چہ گویم یا رسول اللہ نگاہے۔

نیست این دل بستہ را کس دل کشا جز تو حبیب ، دردسی تُودل کشایم یا رسول اللہ نگاہے۔
لَیسَ اَحَدُ شَافِعُ لّی عندَ ربّی ذِی الجلال ، یَا نَبی اللہ تَرحّم یا رسول اللہ نگاہے۔

اِنَّنی فی بَحرِ ہَمّ مُغرَقَ فی کُلِ یَوم ، خُذ یَدِی اَعلَی المکارم یا رسول اللہ نگاہے۔
بحر رحمت ، از درت ، کے باز گردد بے مراد ، سائل۔ ”مشتاق“ گشتم یا رسول اللہ نگاہے۔

☆☆☆

# نذرانۂ عقیدت شاہ عبداللطیف ڀٽائي

ایاز است این کہ صد محمود — دربندِ کمر دارد
بھٹائی در طریقِ عشق — رفتارِ دگر دارد

جہانِ ذوق و مستی او — بود از کہکشاں برتر
نہ این شمس و قمر دارد — نہ این شام و سحر دارد

بود صیدِ زبوں کُرّوبیاں — از تیرِ ترکشِ اُو
نگاہِ ذوقِ او پرواز — بر تر بحر و بر دارد

از آب آتش ز آتش آب — برخیزد کلامِ اُو
کلامش در شبِ تاریک — امیدِ سحر دارد

نگاہِ فیضِ شمعِ کشتہ را — بخشد حیاتِ نو
شکستہ پر پرد بر عرش — گر سوئش نظر دارد

پیامِ حافظ و رومی — ز استاد ازل باشد
ہمہ گفتار محبوب است — در سندھی نشر دارد

سچل سامی ایاز استاد — دم گم گردہ می آیند
مقامِ شاہ او داند — مقامش را خبر دارد

این خاکِ پاک شد بار — امانت ساکنانِ سندھ
نہ کس طفلِ زمین باشد — ز حالش بے خبر دارد

زہے قسمت ز خاکِ سندھ — شد ”مشتاق“ را نسبت
این خاکِ پاک را بس — آرزو جن و بشر دارد

☆☆☆

# گلدستۂ عقیدت بحضور قلندر لال شہباز سیوهاڻي

مرحبا اے-مرد-حق دانائے راز ، اے امیر-کاروان-سوز و ساز-
اے قلندر رہبر-راہ حیات ، دادئی مارا نگاہ-امتیاز

طالب-حق را نمودی راہ حق ، ہر کہ وسہ کردئی آگاہ حق-
شد شب-تاریک ، روشن تر ز روز ، درجہاں روشن شدی چوں ماہ حق-

کردئی با کس نگاہ-فیض ور ، گرچہ باشد طائرے بے بال و پر-
می کند پرواز بر عرش-عظیم ، بر تر از مہر و ثریّا و قمر-

ہر کجا خیمہ زند مرد-فقیر ، بر درش آیند سلطان و امیر-
زنگ آلودہ بگردد کیمیا ، کورہ دل از وے شود روشن ضمیر-

رنگ-نو گیرد از و حسن و جمال ، تازہ گردد در اذان سوز-بلال-
دیدہ و دل با بصیرت میشوند ، زندگی یابد حیات-لا زوال-

اے قلندر لال تو ، شہباز تو ، عاشقاں را سوز تو ، ہم ساز تو-
بر درت "مشتاق" سائل بے نوا ، خواہد از تو راز تو انداز تو-

☆☆☆

# گلدستۂ محبت بجناب امام خمینی رحمت اللہ علیہ

مرحبا مرد۔ خدادانائے راز ، مرحبا رہبر سپاہ۔ سوزو ساز۔
مرحبا اے پیکر علم وعمل ، مرحبا اے رہ روی راہ۔ حجاز۔

رہبر۔ ملت امام۔ پختہ کار ، عزم او پائندہ تر از کوہسار۔
انقلابش درسگاہ فیضیہ ، کردہ لرزہ خیز ہر کوہ وحصار۔

چون زقُم آن قُم باذن اللہ گفت ، تاج شاہی را بزیر۔ پاشکست۔
زندگی راداد پیغام۔ حیات ، قوم را با لا الہ بنیاد بست۔

صد جوانان صید ہمت پیر مرد ، از نگاہش می تپد یخ برف سرد۔
کاروان بے راہ بر منزل رسید ، آن چہ ناممکن بُدے ممکن بکرد۔

بر فلک غوغائے بودے گوش گیر ، در زمیں پیدا شدے مرد۔ فقیر۔
ضرب او بت خانہ شاہاں شکست ، فکر او افتادہ گاں را دستگیر۔

در نگاہش لا الہ جلوہ نمود ، در دم او سوز الا اللہ بود۔
نور ایمان داد دشت۔ خاک را ، مردمان شد واقف اسرار۔ شہود۔

در خزاں شد رونق فصل۔ بہار ، کشت ویران کردہ پیدا لالہ زار۔
موجزن از جوش او بحر۔ خموش ، گشت سنگ۔ رہ زطوفانش غبار۔

شہنشاہ پہلوی مسندنشین ، بود فرمان روائے آخرین۔
تنگ براو شد چنان ارض وطن ، در نصیبش نیست دو سہ گز زمین۔

ہست ایں فرمان رب ذوالجلال ، در جہان شد ہر کمالے را زوال۔
میکند کسے ہمسری با کبریا ، آنکہ از سوروگسس کمزور حال۔

سنت۔شبیری زندہ کردئی ، بیعت۔باطل رامردہ کردئی۔
بے زباں را کردئی گویائے حق ، باخدا ہمرا زبندہ کردئی۔

از تو راضی شد نبی ، شاہ۔ نجف ، ہم حسین ابن علی در۔ صدف۔
گل عقیدت ہائے از "مشتاق" گیر ، گر قبول افتد زہے عزو شرف۔

☆☆☆

# مناجات...!

تو شہنشاہ۔ دوعالم من گدا
بندہء۔ بیچارہ می دارد صدا
یوم محشر گر حسابم می کنی
آں نہاں دار نگاہ۔ مصطفیٰ

سالہا کردم گناہاں بیشمار
پردہ پوشی کردئی۔ پروردگار
ایں عنایت باز برمامی کنی
پیش خواجہ مانہ داری شرمسار

-------------- ❋❋❋ --------------

# بحضور استاد محترم...!

مرحبا فرخ لقا فرخنده فال ، مرحبا اے رونق حسن و جمال۔
مرحبا صد مرحبا اے مہربان ، رحمت حق بر تو باشد جاودان۔

بہ بست بر من لطف بے پایان تو ، جان من گرویدۂ احسان تو۔
آن زبان و آن قلم آرم کجا ، تا کنم شکر عنایتہا ادا۔

ایکہ تو گشتی مرا چون خضر راہ ، دستگیر من شدی بے گاہ و گاہ۔
از تو روشن شد چراغ زندگی ، از تو حاصل شد سراغ زندگی۔

از تو رونق یافت ایں باغ کُہن ، از تو سوز و ساز شد اندر سخن۔
چون شدی باراں بایں ویران دل ، شد دران پیدا ہزاران لالہ گل۔

تو مثال قطرہ ابر کرم ، در صدف گوہر کند زیرین یم۔
در تنم بخشیدۂ فیضان دید ، در نظر افزودہ نور تمیز۔

چون نسیمے سوئے من ورزیدئی ، غنچۂ امید را بکشودئی
جوش رحمت کار فرما کردئی ، پیش ما ہر دو جہاں وا کدئی۔

سوئے ما چون کردۂ فیضان دید ، چشمۂ خورشید از خاکم تپید۔
درد دل ، کافور از درمان تست ، حال من خوشحال از احسان تست۔

سایۂ تو بست بہتر از ہما ، دست شفقت بہتر از ہر کیمیا۔
آن دمے درسی کشم مرھون تست ، آن دمے بر میکنم ممنون تست۔

جام از تو آب حیوان است بس ، زندگی را ساز و سامان است بس۔
ایں دل بیتاب ما "مشتاق" تست ، نیم بسمل نیم جان مشّاق تست۔

☆☆☆

# غزل

کار شیطانی بود اظہار ایمانی چہ سود
کافر۔ زندیق را، آیات قرآنی چہ سود

دل زیاد۔ دوستاں غافل، بذکر۔ غیر مست
برزباں آہ و فغاں، حال۔ پریشانی چہ سود

سینۂ تو گنج قاروں، علم و استدلال شد
سوز سلمانی نہ داری، علم لقمانی چہ سود

گر بکعبۂ دل، ہزاروں بت تراشیدہ نہی
لا الہ گوئی بظاہر، ایں مسلمانی چہ سود

در سرشتہ تو خمیرہ ملت۔ بیضا نہ شد
گرچہ ایرانی والمانی و افغانی چہ شود

در ہوائے نفس سرگرداں، زکار۔ خیر دور
دلق درویشاں لباس تن، نمی دانی چہ سود

وصل جاناں در حیاتی خواہش۔ "مشتاق" شد
آنچہ بعد از مرگ، وعدۂ حور و غلمانی چہ سود

☆☆☆

# فِيْ وَصْفِ النَّبِيِّ ﷺ

## پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي وصف ۾ واڪاڻ ۾

وَمَنْ يَسْعٰى يَصِفُ اَحْمَدَ بِوَصْفِ

فَقُلْ هٰذا بَعِيْدٌ عَنْ قِيَاسِ

جيڪو بہ احمد مصطفيٰ ﷺ جن جي وصف ۽ تعريف بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اُن کي (صاف صاف) ٻڌائي ڇڏيو تہ (پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي تعريف) سندس وس کان ٻاهر آهي.

لَقَدْ اَثْنَاهُ فِي الْقُرْاٰنِ مَوْلَاهُ

وَلَا يُمْكِنُ لِاَحَدٍ مِنْ اُنَاسِ

حقيقت ۾ الله پاڪ ئي قرآن پاڪ ۾ سندس ڪما حقہٗ ثنا ڪئي آهي ۽ ڪنهن بہ انسان لاءِ اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ هو سندس تعريف جو حق ادا ڪري سگهي.

لَنَا فَخْرٌ عَلٰى عِلْمٍ وَفَهْمٍ

حَقِيْقَتُهٗ بَعِيْدٌ عَنْ حَوَاسِ

اسان (وڏ مان وڏ) رڳو پنهنجي علم ۽ پنهنجي فهم تي فخر ڪري سگهون ٿا، پر پاڻ ڪريمن جي اصل حقيقت محمدي ﷺ کي حواسن سان سمجهي سگهڻ ممڪن ئي نہ آهي ۽ انهن جي پهچ کان گهڻو پري آهي.

وَمَنْ لَا حُبَّ لَهٗ لَا دِيْنَ اَيْضًا

كَاَنَّكَ حُبُّهٗ هُوَ اَصْلُ رَاْسِ

جنهن جي بہ دل ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي حُبّ موجود نہ آهي تہ سمجهو ان جو دين بہ نہ آهي، در حقيقت سندن حُبّ ئي (دين جي) اصل موڙي آهي.

تَذَكُّرُهُ حُصُوْلُ الْخَيْرِ جِدًّا
وَحِفْظٌ كُلُّ خَوْفٍ كُلُّ بَأْسِ

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو ذڪر خير، هر ڀلائي جي حاصل ڪرڻ جو يقيني ذريعو آهي ۽ (دنيا ۽ آخرت جي) هر خوف ۽ خطري کان پناهہ جو وسيلو آهي.

بِإِذْنِ اللّٰهِ شَافِعُ فِي الْقِيَامَةِ
وَمِنْ حَرِّ الْوَبَاظِلٌّ لِبَاسِ

پاڻ ڪريمن ﷺ قيامت ۾ الله پاڪ جي اذن سان اسان جي شفاعت ڪرڻ وارا آهن ۽ هر وبا ۽ مصيبت جي گرمي ۾ هڪ بهترين لباس وارو ڇانو آهن.

وَهُوَ حِرْزٌ لَّنَا فِيْ كُلِّ حَالٍ
كَمَا ''مُشْتَاقُ'' يُسْقِيْنَا بِكَأْسِ

پاڻ ڪريم ﷺ جن هر حال ۾ اسان جي لاءِ حفاظت ۽ پناهہ جي جڳهہ آهن، جهڙي طرح ”مشتاق“ پاڻ ڪريم ﷺ اسان کي جام سان (ڪوثر) پيارينداه.

# وڪڻي قلم جي آبرو اهل وفا نہ ڪر.....!

رهزن کي سمجهي رهبر يا رهنما نہ ڪو،
هر گز ڪندو علقلمند اهڙي خطا نہ ڪو

محفل ۾ اهلِ دولت مسند نشين آ،
پر اهلِ علم جي ٿو ڪري مرحبا نہ ڪو

اعلیٰ عدالتن ۾ انصاف قتل ٿئي،
حقدارِ خدارا جي ٻُڌي ٿو اڄ مدعا نہ ڪو

ٽيڙو نہ سجده ريز آ ڪنهن بُت اڳيان ڪڏهن،
هڪڙي خدا سواءِ هتي آهي خدا نہ ڪو

رهجي بہ شير ٿي ۽ مرجي بہ شير ٿي،
دنيا ۾ سُست ڪا هل بزدل جو آ نہ ڪو

گذري ويو زمانو گولي جي زورجو
روڪي سگهي ٿو منهن جي آهُ و بڪُا نہ ڪو

ڌرتي امڙ جا وارث جاڳي پيا جڏهن،
منصوبو دشمنن جو ٽيندو بپا نہ ڪو

هڪ ڏينهن نيٺ هيٺا چوندا حساب ڏي،
اڄ زوردار پاڻ ڪي سمجهي خدا نہ ڪو

انسان پنهنجي عزت ۽ آبرو جو خود،
ضامن بہ پاڻ آهي ٻيو دلڪشا نہ ڪو

همراز هرخسيسن کي هرگز نہ ڪر ڪڏهن،
هن جهڙو توکي ڏيندو ڌوڪو دغا نہ ڪو

آزار جي نہ ڪنهن کي ڪنهن کي ڏکوئجي،
ڪنهن جي ڪري ٿو دل سان جيڪر دعا نہ ڪو

نانگن جي ڏنگڻ جو آهي علاج پر،
زُلفن جي ڏنگڻ جو دارون دوا نہ ڪو

دنيا جا سارا سهڻا يا چنڊ چوڏهين،
محبوب منهنجي جهڙو پر مهلڪا نہ ڪو

مسڪين مشڪلات جي لهرن لپيٽ ۾،
ساري جهان ۾ بہ سندس آهنوا نہ ڪو

”مشتاق“ جو هي آهي پيغام دوستو،
وڪڻي قلم جي آبرو اهلِ وفا نہ ڪو.

## مصنف موصوف جي قلمي ڪاوش جو مختصر جائزو

**جامِ ڪوثر:** امام شرف الدين بوصيري جي شهرهٔ آفاق تصنيف "قصيده برده" جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو. لفظن جي لغوي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي اهڙي طرح ڏنل جو عربي ڄاڻندڙ ۽ نه ڄاڻندڙ هڪ جهڙو حظ حاصل ڪري سگهن.

**آب ڪوثر:** سرزمين سنڌ جي عظيم فرزند مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن اَغثني يا رسولَ الله ۽ يا سالڪًا طرق المدينہ طيب جو جام ڪوثر وانگر روان منظوم ترجمو، لفظي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان نهايت پرڪشش انداز ۾ پيش ڪيل.

**موتي مرجان:** سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ۾ موزون ۽ عام فهم شاعري جو پنجن ٻولين ۾ علمي ادبي گلدستو، جنهن ۾ حمد، نعت، مرثيو، غزل، نظم، مسدس، مخمس، قطعات ۽ رباعيات جو دلپذير مجموعو موجود آهي.

**اکر اکر عشق:** سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو اهڙو گلدستو جنهن کي پڙهڻ سان هر قاري ائين محسوس ڪندو ته هي سندس اندر جو آواز آهي.

**موتي مٽيادار:** حمد باري تعاليٰ ۽ نعت نبيﷺ تي شامل سوزسڪ، عشق و محبت، ادب ۽ احترام جي ڀرپور اظهار جو شاهڪار، عاشقانِ رسول الله ﷺ لاءِ ناياب تحفو.

**آداب رسول الله ﷺ:** آيات قرآني، احاديث نبوي، اقوال ۽ آثار صحابه، ائمہ دين ۽ عاشقانِ رسول ﷺ جي اقوال زرين سان سينگاريل ايمان افروز ڪتاب، هر مسلمان جي ضرورت.

**معراج النبي ﷺ:** شبِ معراج جي عظيم واقعي ۽ معجزي جي قرآن مجيد جي تفسيرن، احاديث جي روايتن، سيرت ۽ تاريخ جي مستند ڪتابن جي حوالي سان هڪ تحقيقي ڪاوش.

**گلزارِ حبيب:** نعتيه ڪلام، سنڌي ۽ سرائيڪي زبان ۾ چيل مولود ۽ نعت جو محبت ڀريو مواد.

**حضرت علي رضي الله عنه جو نظامِ حڪومت:** باب العلم، خليفهِ چهارم حضرت علي رضي الله عنه جي اسلامي مملڪت لاءِ نازڪ دور ۾ ڪيل لازوال ۽ بي مثال نظامِ حڪومت جو ذڪر.

**سوزوساز جا نغما:** نظم، قطعات، رباعات، مخمس، مسدس جي شاعرانه صنفن ۾ بيشمار خوبين سان سهيڙيل اهڙو مجموعو جنهن کي پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهجي.

**صحيفهٔ عشق:** اردو ۽ فارسي ڪلام جو غزل، نظم، قطعات تي مشتمل مجموعو، هن ڪان علاوه حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي جي تصوف واري شاهڪار "لوائخ جامي (فارسي)" جو **"روائح ريحاني"** متن سميت سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو سليس سمجهاڻي سان شايع ٿي چڪو آهي ۽ **"اسلامي تصوف"** آئينه حيات نالي سان ڪتابن جو مواد آخري مرحلن ۾ آهي. اميد ته عنقريب پڙهندڙ جي هٿ ۾ هوندو.

هن ڪان علاوه **"شرح البيان في فهم القرآن"** ترجمو ۽ تفسير سورة "بني اسرائيل" (باقي تي ڪم هلندڙ) تائين دورِ حاضر جي دانشور ۽ اهل علم جي لاءِ ناياب تحفو. **www.mushtaqusacharvi.com** ويب سائيٽ تي ڏسي سگهو ٿا.